# قرآن شريف جو مطالعو

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ

### حصو پهريون

نالو ____________________________________

والد /سرپرست ______________________________

ڪلاس __________ سيڪشن ________________

اسڪول ___________________________________

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | قرآن شريف جو مطالعو شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ (حصو پهريون) |
| پهريون ڇاپو: | مارچ ٢٠١٦ع |
| تعداد: | ١٠٠٠٠ |
| زير اهتمام: | دي علم فائونڊيشن |
| ايڊريس: | ٣/٣٦ بلاڪ نمبر ٣، دهلي مرڪنٽائل ڪو آپريٽو سوسائٽي، ڪراچي. |
| پوسٽ ڪوڊ: | ٧٤٨٠٠، پاڪستان |
| فون نمبر : | (+٩٢-٢١)٣٤٣٠٤٤٥١, ٣٤٣٠٤٤٥٠ |
| اي ميل: | tif1430@gmail.com / info@tif.edu.pk |
| ويب سائيٽ: | www.tif.edu.pk |

هي ڪتاب رضا الاهي خاطر مفت فراهم ڪيو ويندو آهي

# مهڙ

قرآن شريف الله پاڪ جو آخري ۽ مڪمل مقدس ڪلام آهي. جيڪو اسان جي لاءِ هدايت ۽ دنيا توڙي آخرت ۾ ڪاميابيءَ جو وسيلو آهي. اسان لاءِ قرآن ڪريم هڪ فيصلو ڪندڙ ڪلام جي حيثيت رکندڙ آهي. جيئن الله پاڪ جو فرمان آهي:

"بيشڪ اهو (قرآن) فيصلي ٿيل آهي" (سورة الطارق: آيت: ١٣)

هن دنيا ۾ اسان جو اوج ۽ بلندي توڙي بد نصيبي ۽ نياڳ يعني عروج ۽ زوال قرآن پاڪ سان ئي لاڳاپيل آهي، جيئن پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي ته:

" الله پاڪ هن ڪتاب يعني قرآن جي ذريعي ماڻهن کي بلند ڪري ٿو ۽ گهڻن کي هيناهون ۽ ذليل ڪري ٿو: (مسلم)

آخرت ۾ به اسان جي ڪاميابيءَ ۽ چوٽڪاري جو دارو مدار قرآن شريف سان ئي جڙيل آهي. جيئن الله پاڪ جي رسول ﷺ فرمايو:

"قرآن توهان جي حق ۾ هڪ دليل هوندو يا توهان جي خلاف." (مسلم)

تنهن ڪري ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته اسان قرآن مجيد سان پنهنجي لاڳاپي ۽ تعلق کي مضبوط ڪريون، انهيءَ تي دل سان پڪو پختو ايمان رکون. قرآن جي باقاعده تلاوت ڪريون. ان کي چڱيءَ طرح سمجهون ۽ مٿس عمل ڪريون. ان کي بين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪريون. شروعاتي عمر يعني ننڍڙيءَ وهيءَ ۾ جيڪا ڳالهه ذهن ۾ ويهاري ويندي آهي، تنهن جي پڪي پختي هئڻ ۽ گهڻو وقت اثرائتو هئڻ بابت ڪي به بيه رايا نٿا ٿي سگهن. الحمدلله، اسان جي (خيال) معاشري ۾ ننڍيءَ عمر ۾ قرآن شريف جي نا ظره تعليم يعني ڏسي پڙهڻ ۽ حفظ ڪرڻ جو بندوبست ڪيو ويندو آهي، جنهن ڪري سڄي ڄمار قرآن پاڪ جي تلاوت ڪرڻ سولو ۽ سنهنجو ٿيو پوي. اهڙيءَ طرح ننڍڙيءَ عمر ۾ ئي قرآن جي معنيٰ ۽ مفهوم جي سمجهڻ ۽ سکڻ ڏانهن ڌيان ڏنو وڃي ته اميد آهي ته قرآن کي سمجهڻ، ياد رکڻ ۽ عملي زندگيءَ ۾ قرآن جي هدايتن تي عمل ڪرڻ به گهڻو سنهنجو ٿي پوندو.

"قرآن شريف جو مطالعو۔ شاگردن ۽ شاگرديائڻين لاءِ" سولي سمجهاڻيءَ واري انداز ۾ ننڍي عمر کان قرآن شريف سان تعلق جوڙڻ جي هڪ ڳڏيل ۽ منظم ڪوشش آهي. قرآن پاڪ جو هي مطالعو ۽ اڀياس شاگردن کي موجوده تعليمي نظام جي دوران "اسلاميات" جي روايتي نصاب سان گڏوگڏ ڪرايو ويندو. اميد آهي ته ان شاءَ الله ستن سالن (تقريبن ٣٥٠ ڪلاڪن) ۾ شاگرد مڪمل قرآن پاڪ جي ترجمي، مختصر سمجهاڻي، اهم مضمونن ۽ عملي هدايتن کان سونهان ۽ واقف ٿي ويندا. اهڙيءَ طرح انهن جي لاءِ عملي حياتي قرآني تعليم جي مطابق گذارڻ ممڪن ٿي سگهندي. ايئن ماڻهن جي تبديل ٿيڻ سان هڪ صالح سماج جڙي سگهندو.

الله پاڪ کان دعا آهي ته هو هن ڪتاب جي پوري ڪرڻ ۽ ان جي مطالعي ۽ اڀياس ڪرڻ کي، اسان جي لاءِ آسان ڪري. اسان جي هن محنت ۽ ڪوشش کي قبول ڪري ۽ جيڪي شاگرد ۽ شاگرديائڻيون هن مان لاڀ حاصل ڪن يعني فائدو وٺن، تن کي اسان سڀني لاءِ صدقه جاريه بڻائي، آمين.

# ”قرآن شريف جو مطالعو“ جون خصوصيتون

(١) قرآني آيتن جو سؤلو ۽ آسان ترجمو ڏنو ويو آهي.
(٢) ٻن رنگن جي استعمال سان ترجمي کي عربي متن سان ڳنڍڻ ۽ ان کي بامحاورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.
(٣) نوٽس (Notes) وٺڻ جي لاءِ هر سبق جي آخر ۾ خالي صفحو بہ ڏنو ويو آهي، تہ جيئن شاگرد آيتن بابت خاص ۽ اهم ڳالهيون لکي سگهن.
(٤) ڏکين اصطلاحن ۽ لفظن کان گهٽ کان گهٽ ڪري پاسو ڪيو ويو آهي.
(٥) ٻارن جي ذهني سطح ۽ دلچسپي کي آڏو رکندي نصاب ترتيب ڏنو ويو آهي، تنهن ڪري ”قرآن شريف جو مطالعو۔ شاگردن ۽ شاگردياڻين جي لاءِ“ جي پهرين حصي ۾ سورة الفاتحہ، آخري ڏهہ سورتون ۽ ڇهن رسولن سڳورن (حضرت آدم ﷺ، حضرت نوح ﷺ، حضرت هود ﷺ، حضرت صالح ﷺ، حضرت لوط ﷺ ۽ حضرت شعيب ﷺ) جا قصا، ٻئي حصي ۾ ٽيهين پاري جي سورتن (سُورَةُ النبَا کان سُورَةُ الهُمَزَة) سان گڏوگڏ حضرت ابراهيم ﷺ ۽ حضرت موسيٰ ﷺ جا قصا، ٽئين حصي ۾ حضرت يوسف ﷺ جو قصو ۽ چوٿين حصي ۾ حضرت زڪريا ﷺ، حضرت بيبي مريم عليها السلام، حضرت عيسيٰ ﷺ ۽ حضرت سليمان ﷺ جي قصن سان گڏ مڪي سورتن کي بہ شامل ڪيو ويو آهي. مدني سورتن کي ڇهين ۽ ستين حصي ۾ رکيو ويو آهي.
(٦) سورتن جي مطالعي کان اڳ ان جو مختصر تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو سبب ڏنو ويو آهي.
(٧) رسولن سڳورن سان واسطو رکندڙ قرآني آيتن جي مطالعي کان اڳ، سندن قصن کي آسان ۽ دلچسپ انداز ۾ ترتيب ڏنو ويو آهي. ۽ انهن قصن ۾ رڳو معتبر ۽ مستند مواد کي شامل ڪيو ويو آهي.
(٨) نبين عليهم السلام جي قصن کي بهتر نموني سمجهائڻ جي لاءِ نقشن جو استعمال بہ ڪيو ويو آهي تہ جيئن واقعن ۾ ايندڙ ماڳ ۽ مڪانن کان بہ واقفيت ملي.
(٩) هر سورة ۽ قصي جي پڇاڙيءَ ۾ ”اسان ڇا سمجهيو؟“ جي عنوان سان دلچسپ مشقن کي شامل ڪيو ويو آهي تہ جيئن شاگردن جي قرآن سمجهڻ جو جائزو وٺي سگهجي.
(١٠) هر سورة ۽ قصي جي آخر ۾ ” علم ۽ عمل جون ڳالهيون“ جي عنوان سان نصيحت ڀريا نڪتا، قرآني آيتن جي حوالن سان گڏ بيان ڪيا ويا آهن تہ جيئن قرآن پاڪ جي فڪري ۽ عملي هدايتن کان آگاهي ملي سگهي.
(١١) شاگردن کي قرآن شريف جي حوالي سان عملي مشق ڪرائڻ جي لاءِ ”گهرو ڪم“ جي عنوان سان مختلف مشغوليون ڏنيون ويون آهن تہ جيئن شاگردن جي گهرياتين جو تعلق بہ قرآن پاڪ سان وڌيڪ ڳنڍيل رهي.
(١٢) شاگردن ۽ شاگردياڻين جي سهولت جي لاءِ ”ڏکين لفظن جي معنيٰ“ ڪتاب جي آخر ۾ الف۔ ب وار جي لحاظ کان ڏني وئي آهي.
(١٣) استادن جي تدريسي مدد جي لاءِ هر آيت متعلق اهم نڪتا ”پڙهائڻ لاءِ هدايتون“ جي نالي سان الڳ سوالن ۽ جوابن جي صورت ۾ ترتيب ڏنل آهن.
(١٤) استادن جي تدريسي مدد جي لاءِ ”پڙهائڻ لاءِ هدايتون“ جدا ترتيب ڏنيون ويون آهن.
(١٥) استادن جي مدد لاءِ سيني مشقن جا جواب بہ جدا ڏنا ويا آهن.
(١٦) استادن جي سهولت لاءِ سبقن جي درجابندي بہ ڪئي ويئي آهي.
(١٧) ”قرآن شريف جو مطالعو۔ شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ“ کي سبق ترتيب ڏيڻ ۾ خاص طور اهتمام ڪيو ويو آهي تہ مسلڪي اختلافن جي بيان کان پاسو ڪيو وڃي ۽ انهن ئي ڳالهين ۽ معاملن جي سمجهاڻي بيان ڪئي وڃي، جن تي گهٽ کان گهٽ سيني جو پاڻ ۾ اتفاق آهي.
(١٨) هن نصاب کي ترتيب ڏيڻ ۾ عالمن سڳورن حافظن سڳورن، استاد صاحبان ۽ والدين جي مشاورت ۽ نظرثاني مان فائدو ورتو ويو آهي.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# فهرست


| نمبر شمار | سبق | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| ۱ | سُوۡرَةُ الۡفَاتِحَةِ | ٦ |
| ۲ | حضرت آدم عليه السلام جو قصو | ۱۰ |
| ۳ | حضرت نوح عليه السلام جو قصو | ۲۲ |
| ۴ | حضرت هود عليه السلام جو قصو | ۴۴ |
| ۵ | حضرت صالح عليه السلام جو قصو | ٦۲ |
| ٦ | حضرت لوط عليه السلام جو قصو | ۸۰ |
| ۷ | حضرت شعيب عليه السلام جو قصو | ۹۱ |
| ۸ | سُوۡرَةُ الۡفِيۡلِ | ۱۰۸ |
| ۹ | سُوۡرَةُ قُرَيۡشٍ | ۱۱۲ |
| ۱۰ | سُوۡرَةُ الۡمَاعُوۡنِ | ۱۱٦ |
| ۱۱ | سُوۡرَةُ الۡكَوۡثَرِ | ۱۲۰ |
| ۱۲ | سُوۡرَةُ الۡكَافِرُوۡنَ | ۱۲۴ |
| ۱۳ | سُوۡرَةُ النَّصۡرِ | ۱۲۸ |
| ۱۴ | سُوۡرَةُ اللَّهَبِ | ۱۳۱ |
| ۱۵ | سُوۡرَةُ الۡاِخۡلَاصِ | ۱۳۴ |
| ۱٦ | سُوۡرَةُ الۡفَلَقِ | ۱۳۸ |
| ۱۷ | سُوۡرَةُ النَّاسِ | ۱۳۹ |
| ۱۸ | ڏکين لفظن جي معنيٰ | ۱۴۴ |
| ۱۹ | قرآن شريف جو مطالعو شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ جي مکمل نصاب جي سيڪڙو ۾ مکمل ٽيڙ جي تفصيل | ۱۵٦ |

# سُوْرَةُ الْفَاتِحَةِ

## تعارف

سورة الفاتحہ قرآن شريف جي پهرين سورة آهي. هن سورة جا ڪيترائي نالا آهن پر هن جو مشهور نالو سورة الفاتحہ آهي چو تہ هيءَ قرآن پاڪ جي افتتاحي (شروعاتي) سورة آهي. هن کي نماز جي هر رڪعت ۾ پڙهيو ويندو آهي، ان ڪري هن کي ”سورة الصلوةً“ بہ چوندا آهن. هن جو نالو ”سورة المناجات“ بہ آهي. چو تہ هن سورة ۾ دعا گهرڻ جو طريقو بہ سيکاريو ويو آهي. هن سورة ۾ پاڻهو الله پاڪ جي ساراهہ ۽ ان جو شڪر ادا ڪري ٿو. پنهنجي بندگي جو اظهار ڪري ٿو ۽ پوءِ الله پاڪ کان هدايت جي دعا ڪري ٿو ۽ سڄو قرآن الله پاڪ پاران ان دعا جو جواب آهي.

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

آءٌ الله جي پناهہ ٿو گهران شيطان تڙيل کان

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۙ﴿١﴾ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۙ﴿٢﴾

سڀ ساراهہ (خاص) الله جي جيڪو جهانن جو پالڻهار آهي. (جو) ٻاجهارو مهربان (آهي).

مٰلِكِ يَوْمِ الدِّيْنِ ؕ﴿٣﴾ اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَ اِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ ؕ﴿٤﴾

مالڪ (آهي) قيامت جي ڏينهن جو. تنهنجي ئي عبادت ڪريون ٿا ۽ توکان ئي مدد گهرون ٿا.

اِهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ ۙ﴿٥﴾ صِرَاطَ الَّذِيْنَ اَنْعَمْتَ عَلَيْهِمْ ۙ۬

ڏيکار اسان کي سڌي واٽ. انهن جي واٽ جن تي فضل ڪيو اٿئي.

غَيْرِ الْمَغْضُوْبِ عَلَيْهِمْ وَلَا الضَّآلِّيْنَ ﴿٧﴾ ع

نہ انهن جي (واٽ) جن تي تنهنجو ڏمر ٿيل آهي ۽ نہ ڀليلن جي (واٽ).

# اهم نقطا

## علم ۽ عمل جون ڳالهيون

ٻارڙؤ! انهيءَ مان اسان کي خبر پئي ته:

(١) الله پاڪ سيني تعريفن جو حقدار آهي، جو ته اهو اسان جو سڀ کان وڏو محسن آهي. (الفاتحہ:١)

(٢) الله پاڪ سڀ ڪنهن مخلوق جو پالڻهار ۽ ان جون ضرورتون پوريون ڪندڙ آهي. (الفاتحہ:١)

(٣) الله پاڪ پنهنجي سڀ ڪنهن مخلوق تي نهايت مهربان آهي. (الفاتحہ:٢)

(٤) الله پاڪ ظالمن کان بدلو وٺندڙ آهي. (الفاتحہ:۴)

(٥) الله پاڪ ئي عبادت جي لائق آهي، اسان کي ان کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي عبادت نه ڪرڻ گهرجي. (الفاتحہ:۴)

(٦) الله پاڪ ئي مدد ڪندڙ آهي، اسان کي رڳو ان کان ئي مدد وٺڻ گهرجي. (الفاتحہ:۴)

(٧) الله پاڪ جي ٻڌايل واٽ ئي هدايت ۽ ڪاميابيءَ جي واٽ (رستو) آهي. اسان هر وقت هدايت جا محتاج آهيون. (الفاتحہ:۵)

(٨) الله پاڪ نبين علیہم السلام کان خوش ٿيندو آهي، اسان کي به انهن جي پيروي ڪرڻ گهرجي. (الفاتحہ: ٦)

(٩) الله پاڪ نافرماني ڪندڙن کان ناراض ٿئي ٿو. اسان کي ان جي نافرمانيءَ کان بچڻ گهرجي. (الفاتحہ:٨)

(١٠) نبين علیہم السلام جي طريقي کي ڇڏڻ وارا گمراهہ ٿي ويندا آهن ۽ اسان کي نبين علیہم السلام جو طريقو نه ڇڏڻ گهرجي. (الفاتحہ:٧)

## اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو:

(١) بدلي جي ڏينهن مان ڇا مراد آهي؟

(الف) عيد جو ڏينهن (ب) جمعي جو ڏينهن (ج) آخرت جو ڏينهن

(٢) اسان کي رڳو ڪنهن جي عبادت ڪرڻ گهرجي؟

(الف) ٻتن جي (ب) ملائڪن جي (ج) الله پاڪ جي

(٣) اسان کي پنهنجين ضرورتن جي لاءِ ڪنهن کي پڪارڻ گهرجي؟

(الف) الله پاڪ کي (ب) فرشتن کي (ج) انسانن کي

(٤) سڌي واٽ تي هلڻ وارا ڪهڙا ماڻهو آهن؟

(الف) جن تي الله پاڪ انعام فرمايو (ب) جن تي الله پاڪ ناراض ٿيو (ج) جيڪي ڀٽڪي ويا

(٥) سورة الفاتحہ اسان ڪڏهن پڙهندا آهيون؟

(الف) حج ۾ (ب) روزي ۾ (ج) نماز ۾

سوال ٢:. خال ڀريو:

(١) سڀ ساراهہ ۽ شڪر .......... جي لاءِ آهي.
(٢) الله پاڪ سڀني .......... جو رب (پالڻھار) آهي.
(٣) رحمان جي معنيٰ .......... آهي.
(۴) الله پاڪ .......... جي ڏينھن جو بہ مالڪ آهي.
(۵) سورة الفاتحہ جي آخر ۾ اسان کي .......... چوڻ گھرجي.

سوال:٣:. هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(١) سڀئي تعريفون ۽ شڪر رڳو الله پاڪ جي لاءِ ئي چو آهي؟

---

---

(٢) لفظ ”حمد“ جي معنيٰ ٻڌايو

---

---

(٣) ”سڌي وات“ ڪھڙي آهي؟

---

---

## گھرو ڪم

(١) سورة الفاتحہ ترجمي سان ياد ڪري پنھنجي گھرياتين کي ٻڌايو.
(٢) پنھنجي گھر وارن کان پڇا ڪري سورة الفاتحہ جا ڪي بہ چار نالا لکو.
(٣) پنھنجي گھر وارن کان معلوم ڪري لکو تہ ڪھڙين باجماعت نمازن ۾ سورة الفاتحہ جي تلاوت وڏي آواز ڪئي ويندي آهي.

استاد جي صحيح: ________________ والدين/سرپرست جي صحيح: ____________________

# حضرت آدم عليه السلام جو قصو

حضرت آدم عليه السلام پهريان انسان ۽ پهريان نبي عليه السلام هئا. الله پاڪ فرشتن جي آڏو حضرت آدم عليه السلام جي پيدائش جو ذڪر فرمايو. الله پاڪ فرمايو تہ مان زمين ۾ انسان کي پنهنجو نائب بڻائڻ وارو آهيان. فرشتن چيو تہ ڇا اوهان اهڙي مخلوق پيدا فرمائيندا جيڪا زمين ۾ فساد پکيڙيندي ۽ رت وهائيندي. جيئن انسان جي پيدائش کان اڳ ۾ جنن ڪيو هو. الله پاڪ فرمايو جيڪو ڪجهہ مان ڄاڻان ٿو اهو اوهان ڪونہ ٿا ڄاڻو. الله پاڪ حضرت آدم عليه السلام کي شين جا نالا سيکاريا. پوءِ انهن مان ڪجهہ شين کي فرشتن جي سامهون آندو ويو. فرشتا انهن شين جا نالا نہ ٻڌائي سگهيا. حضرت آدم عليه السلام انهن سيني شين جا نالا ٻڌايا. جو تہ الله پاڪ حضرت آدم عليه السلام کي علم جي لحاظ کان فضيلت ڏني هئي.

الله پاڪ مٽيءَ مان حضرت آدم عليه السلام جو جسم ناهيو ۽ پوءِ انهيءَ ۾ روح وڌو. الله پاڪ فرشتن کي حڪم ڏنو تہ حضرت آدم عليه السلام کي سجدو ڪيو شيطان کان سواءِ سيني سجدو ڪيو. شيطان جِنُ هو پر الله پاڪ ان جي گهڻي عبادت ۽ بندگيءَ جي ڪري ان کي فرشتن ۾ شامل ڪري ڇڏيو هو. شيطان تڪبر ڪيو ۽ حضرت آدم عليه السلام سان حسد ڪيو. شيطان چيو تہ مان باهہ مان پيدا ڪيل آهيان ۽ آدم (عليه السلام) کي مٽيءَ مان جوڙيو ويو آهي انهيءَ ڪري مان ان کي سجدو ڪونہ ڪندس. الله پاڪ فرمايو تہ تو کي وڏائي ڪرڻ جو ڪو حق ناهي. تون ذليل ۽ بڇڙو ٿي هتان نڪري وڃ. شيطان الله پاڪ کان قيامت تائين مهلت گهري تہ جيئن هو الله پاڪ جي ٻانهن کي الله پاڪ جي سڌي واٽ تان ٿيڙي سگهي. هن کي اها مهلت ڏني وئي پر هو الله پاڪ جي نيڪ ۽ صالح ٻانهن کي سڌي رستي تان ڪونہ هٽائي سگهندو.

الله پاڪ حضرت آدم عليه السلام جي لاءِ حضرت حوا عليها السلام کي پيدا فرمايو. الله پاڪ انهن ٻنهي کي جنت ۾ رهايو. الله پاڪ انهن کي اجازت ڏني تہ جنت ۾ جتان گهرو کائو پيئو پر هڪ وڻ جي ويجهو وڃڻ کان منع فرمائي. شيطان انهن ٻنهي جي دل ۾ خيال (وسوسو) وڌو. هن چيو تہ ڇا مان توهان کي اهڙي وڻ بابت نہ ٻڌايان، جنهن جي ڦل کائڻ سان توهان فرشتا بڻجي ويندؤ ۽ توهان کي اهڙي بادشاهي ملي ويندي جيڪا ڪڏهن نہ ختم ٿيندڙ هجي. هو قسم کڻي پڪي خاطري ڏيارڻ لڳو تہ مان رڳو اوهان ٻنهي جي ڀلائي چاهيان ٿو. شيطان جي انهيءَ ڏني ۽ ڌوڪي تي حضرت آدم عليه السلام ۽ حضرت حوا عليها السلام وڻ جو ميوو کاڌو. ميوو کائيندي ئي ٻنهي جي لڱن تان جنت جي پوشاڪ لهي وئي. ٻنهي شرم ۽ حياءَ وچان جنت جي پنن سان پنهنجا جسم ڍڪڻ لڳا.

حضرت آدم عليه السلام ۽ حضرت حوا عليها السلام ٻنهي کي پنهنجي خطا جو احساس ٿيو ٻنهي هڪدم الله پاڪ کان معافي گهري. اهي الله پاڪ کي پاڪارڻ لڳا تہ "اي اسان جا پالڻهار! اسان پنهنجين جانين تي ظلم ڪيو جيڪڏهن تو اسان کي معاف نہ ڪيو ۽ اسان تي رحم نہ فرمايو تہ اسان خساري (نقصان) وارن مان ٿي پونداسون." الله پاڪ انهن ٻنهي جي خطا معاف ڪري ڇڏي. پوءِ الله پاڪ کين زمين تي موڪليو. الله پاڪ سمورن انسانن کي هدايت فرمائي تہ شيطان توهان جو دشمن آهي. توهان ان کان هوشيار رهجو ڇو جو هو اوهان کي گمراهہ ڪندو ۽ ٿيڙيندو. توهان منهنجي پناهہ ۾ رهجو. منهنجي موڪليل هدايت تي عمل ڪجو. پوءِ انهيءَ صورت ۾ توهان کي ڪو بہ ڊپ ڊاءُ ۽ ڏک نہ ٿيندو ۽ مان توهان کي جنت عطا ڪندس. جيڪي ماڻهو منهنجي هدايت تي عمل نہ ڪندا، اهي جهنم ۾ وڌا ويندا.

ٻارڙؤ! جيڪڏهن شيطان اسان کي گناهن ڏانهن وٺي وڃڻ گهري تہ اسان کي معاذ الله يا "تعوذ" يعني اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ پڙهي ڪري الله پاڪ جي پناهہ وٺڻ گهرجي. الله پاڪ جي نافرماني تي وڃڻ تي هڪدم توبهہ ڪرڻ کپي. ڏٺي سڳورو توبهہ ڪندڙن کان راضي ٿي ويندو آهي. مالڪ مهربان آهي ۽ انهن جون غلطيون يا خطائون معاف ڪري ڇڏيندو آهي.

# اهم نقطا

# حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جو قصو

## سورة الاعراف آيتون : ١١ کان ١٥

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

آءٌ الله جي پناهہ ۾ گهران ٿو شيطان تڙيل کان

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

وَ لَقَدْ خَلَقْنٰكُمْ ثُمَّ صَوَّرْنٰكُمْ ثُمَّ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ ۖ

۽ البت تحقيق اسان پيدا فرمايو توهان کي پوءِ اسان توهان جون شڪليون ٺاهيون سون پوءِ اسان چيو فرشتن کي توهان سجدو ڪريو آدم کي

فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ ؕ لَمْ يَكُنْ مِّنَ السّٰجِدِيْنَ ⑪ قَالَ مَا مَنَعَكَ اَلَّا تَسْجُدَ

تہ انهن سجدو ڪيو سواءِ ابليس جي نہ هو اهو سجدي ڪندڙن مان. (الله) چيو ڪهڙي شيءِ روڪيو توکي هن ڪان جو تون سجدو نہ ڪرين

اِذْ اَمَرْتُكَ ؕ قَالَ اَنَا خَيْرٌ مِّنْهُ ۚ خَلَقْتَنِيْ مِنْ نَّارٍ وَّ خَلَقْتَهٗ مِنْ طِيْنٍ ⑫

جڏهن مون حڪم ڪيو توکي! ان چيو آءٌ پلو آهيان ان (آدم) کان تو پيدا ڪيو مون کي باهہ مان ۽ تو پيدا ڪيو ان کي مٽي مان.

قَالَ فَاهْبِطْ مِنْهَا فَمَا يَكُوْنُ لَكَ اَنْ تَتَكَبَّرَ فِيْهَا فَاخْرُجْ

(الله) فرمايو تہ تون لهي وڃ هيٺ ان (جنت) مان پوءِ نہ ٿو (جڳائي) تنهنجي لاءِ هي جو تون وڏائي ڪرين ان ۾ پوءِ ٻاهر نڪر

اِنَّكَ مِنَ الصّٰغِرِيْنَ ⑬ قَالَ اَنْظِرْنِيْٓ اِلٰى يَوْمِ يُبْعَثُوْنَ ⑭

بيشڪ تون خوار ٿيلن (ذليلن) مان آهين. (ابليس) چيو تون مهلت (ڍر) ڏي مون کي ان ڏينهن تائين (جو) اهي جيئرا ڪري اٿاريا ويندا .

قَالَ اِنَّكَ مِنَ الْمُنْظَرِيْنَ ⑮

(الله) فرمايو بيشڪ تون مهلت ڏنلن مان آهين.

# اهم نقطا

# حضرت آدم عليه السلام جو قصو

## سورة الاعراف آيتون : ١٦ کان ٢٢

قَالَ فَبِمَآ اَغْوَيْتَنِيْ لَاَقْعُدَنَّ لَهُمْ صِرَاطَكَ الْمُسْتَقِيْمَ ۙ (١٦)

ان چيو جيئن تو گمراهه ڪيو مون کي آءٌ ضرور ويهندس انهن (کي گمراهه ڪرڻ) لاءِ تنهنجي سڌي رستي تي.

ثُمَّ لَاٰتِيَنَّهُمْ مِّنْۢ بَيْنِ اَيْدِيْهِمْ وَمِنْ خَلْفِهِمْ وَعَنْ اَيْمَانِهِمْ وَعَنْ شَمَآئِلِهِمْ ؕ

پوءِ آءٌ ضرور ايندس انهن وٽ انهن جي اڳيان کان ۽ انهن جي پٺيان کان ۽ انهن جي ساڄي کان ۽ انهن جي کابي کان

وَلَا تَجِدُ اَكْثَرَهُمْ شٰكِرِيْنَ (١٧) قَالَ اخْرُجْ مِنْهَا مَذْءُوْمًا مَّدْحُوْرًا ؕ

۽ نه تون لهندين انهن مان گهڻا شڪر گذار. (الله) چيو تون نڪر ان (جنت) مان بڇڙو (۽) تڙيل ٿي ڪري

لَمَنْ تَبِعَكَ مِنْهُمْ لَاَمْلَئَنَّ جَهَنَّمَ مِنْكُمْ اَجْمَعِيْنَ (١٨) وَيٰٓاٰدَمُ اسْكُنْ

البت جيڪو ماڻهو تنهنجي تابعداري ڪندو انهن مان ته آءٌ ضرور ڀريندس جهنم کي توهان سڀني مان ۽ اي آدم! رهو

اَنْتَ وَزَوْجُكَ الْجَنَّةَ فَكُلَا مِنْ حَيْثُ شِئْتُمَا وَلَا تَقْرَبَا هٰذِهِ الشَّجَرَةَ

تون ۽ تنهنجي زال جنت ۾ ۽ توهان ٻئي کائو جتان توهان ٻئي گهرو ۽ نه توهان ٻئي ويجها وڃجو هن وڻ جي

فَتَكُوْنَا مِنَ الظّٰلِمِيْنَ (١٩) فَوَسْوَسَ لَهُمَا الشَّيْطٰنُ لِيُبْدِيَ لَهُمَا

پوءِ (نه ته) توهان ٻئي ٿي پوندؤ ظالمن مان. پوءِ خيال وڌو انهن ٻنهن (کي دوکي ڏيڻ) لاءِ شيطان جيئن اهو ظاهر ڪري انهن ٻنهن لاءِ

مَاوٗرِيَ عَنْهُمَا مِنْ سَوْاٰتِهِمَا وَقَالَ مَا نَهٰكُمَا رَبُّكُمَا عَنْ هٰذِهِ الشَّجَرَةِ

جيڪا ڍڪيل هئي انهن ٻنهن کان انهن ٻنهن جون اوگهڙون ۽ (شيطان) چيو نه روڪيو توهان کي توهان جي رب هن وڻ کان

اِلَّآ اَنْ تَكُوْنَا مَلَكَيْنِ اَوْ تَكُوْنَا مِنَ الْخٰلِدِيْنَ (٢٠) وَقَاسَمَهُمَآ اِنِّيْ لَكُمَا

مگر (هن لاءِ) ته توهان ٻئي ٿي پؤ فرشتا يا توهان ٻئي ٿي پؤ (جنت ۾) هميشه رهندڙن مان. ۽ ان قسم کڻي (چيو) انهن ٻنهن وٽ بيشڪ آءٌ توهان ٻنهن لاءِ

لَمِنَ النّٰصِحِيْنَ ۙ (٢١) فَدَلّٰىهُمَا بِغُرُوْرٍ ۚ فَلَمَّا ذَاقَا الشَّجَرَةَ

البت خيرخواهن مان آهيان. پوءِ (شيطان) لاڙي وڌو انهن ٻنهن کي دوکي سان پوءِ جڏهن انهن ٻنهن چکيو ان وڻ کي

بَدَتْ لَهُمَا سَوْاٰتُهُمَا وَطَفِقَا يَخْصِفٰنِ عَلَيْهِمَا مِنْ وَّرَقِ الْجَنَّةِ ؕ وَنَادٰىهُمَا رَبُّهُمَآ

(ته) ظاهر ٿي انهن ٻنهن لاءِ سندن اوگهڙ ۽ اهي ٻئي لڳا چنبڙائڻ پاڻ تي جنت جا پن (اوگهڙ ڍڪڻ لاءِ)، ۽ آواز ڏنو انهن ٻنهن کي سندن رب

اَلَمْ اَنْهَكُمَا عَنْ تِلْكُمَا الشَّجَرَةِ وَاَقُلْ لَّكُمَآ اِنَّ الشَّيْطٰنَ لَكُمَا عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ (٢٢)

ڇا نه مون روڪيو هو اوهان کي انهيءَ وڻ کان ۽ مون (نه) چيو هو توهان کي تحقيق شيطان توهان ٻنهن جو دشمن آهي پڌرو؟

# اهم نقطا

# حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جو قصو

## سورة الاعراف آيتون : ٢٣ کان ٢٧

قَالَا رَبَّنَا ظَلَمْنَآ اَنْفُسَنَا ٚ وَاِنْ لَّمْ تَغْفِرْ لَنَا وَتَرْحَمْنَا لَنَكُوْنَنَّ

انهن ٻنهي چيو اي رب اسان جا اسان ظلم ڪيو پنهنجو پاڻ تي ۽ جيڪڏهن تون نہ بخشيندين اسان کي ۽ (نہ) تون رحم ڪندين اسان تي تہ ضرور اسان ٿينداسون

مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿٢٣﴾ قَالَ اهْبِطُوْا بَعْضُكُمْ لِبَعْضٍ عَدُوٌّ ۚ وَلَكُمْ فِي الْاَرْضِ مُسْتَقَرٌّ

نقصان ۾ پوڻ وارن مان. (الله) فرمايو توهان (هيٺ) لهي وڃو توهان جا هڪڙا ٻين لاءِ دشمن آهن ۽ توهان لاءِ زمين ۾ ٺڪاڻو آهي

وَّمَتَاعٌ اِلٰى حِيْنٍ ﴿٢٤﴾ قَالَ فِيْهَا تَحْيَوْنَ وَفِيْهَا تَمُوْتُوْنَ

۽ (گذران جو) سامان هڪ وقت (معين) تائين. فرمايو (الله) ان (زمين) ۾ توهان جيئندؤ ۽ ان ۾ توهان مرندؤ

وَمِنْهَا تُخْرَجُوْنَ ﴿٢٥﴾ يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ قَدْ اَنْزَلْنَا عَلَيْكُمْ لِبَاسًا يُّوَارِيْ سَوْاٰتِكُمْ

۽ انهيءَ مان (ڏينهن قيامت) توهان اٿاريا ويندؤ. اي اولادِ آدم! تحقيق اسان نازل ڪئي توهان تي پوشاڪ جا ڍڪي ٿي توهان جون اوگهڙون

وَرِيْشًا ۭ وَلِبَاسُ التَّقْوٰى ۙ ذٰلِكَ خَيْرٌ ۭ ذٰلِكَ مِنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ لَعَلَّهُمْ يَذَّكَّرُوْنَ ﴿٢٦﴾

۽ (لاٽاسون) سينگار ۽ تقويٰ جو لباس اهو ئي ڀلو آهي اهي الله جون نشانيون آهن جيئن اهي (ماڻهو) نصيحت وٺن.

يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ لَا يَفْتِنَنَّكُمُ الشَّيْطٰنُ كَمَآ اَخْرَجَ اَبَوَيْكُمْ مِّنَ الْجَنَّةِ يَنْزِعُ عَنْهُمَا

اي اولادِ آدم! نہ فتني ۾ وجهي توهان کي شيطان جيئن ان ڪڍيو توهان جي پيءُ ماءُ کي جنت مان (جڏهن تہ) ان لهرائي ڇڏيو انهن ٻنهي کان

لِبَاسَهُمَا لِيُرِيَهُمَا سَوْاٰتِهِمَا ۭ اِنَّهٗ يَرٰىكُمْ هُوَ وَقَبِيْلُهٗ مِنْ حَيْثُ لَا تَرَوْنَهُمْ ۭ

سندن لباس جيئن ڏيکاري انهن ٻنهي کي سندن اوگهڙون. يقينن ڏسي ٿو توهان کي اهو ۽ ان جو قبيلو جتان ڪان توهان نہ ٿا ڏسو انهن کي

اِنَّا جَعَلْنَا الشَّيٰطِيْنَ اَوْلِيَاۗءَ لِلَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٢٧﴾

يقينن اسان بڻايو شيطان کي دوست انهن ماڻهن لاءِ جيڪي نہ ٿا ايمان آڻن.

## اهم نقطا

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

ٻارڙو! انهيءَ مان معلوم ٿيو تہ:

(١) نافرماني ۽ تڪبر الله پاڪ کي پسند ناهي. اسان کي الله پاڪ جي فرمانبرداري ڪرڻ گهرجي. (الاعراف – ١٢،١٣)

(٢) ڪامياب ٿيندڙن کي انعام ۾ جنت ملندي جڏهن تہ ناڪام ٿيندڙن کي الله پاڪ شيطان سان گڏ دوزخ ۾ وجهندو.(الاعراف – ١٨)

(٣) شيطان اسان جو دشمن آهي، جڏهن تہ نيڪ ماڻهو اسان جا دوست آهن. (الاعراف – ١٦،١٧،٢٤،٢٧)

(٤) شرم ۽ حياءُ انسان جي فطرت ۾ شامل آهي. (الاعراف – ٢٢)

(٥) جيڪڏهن ڪا غلطي ٿي وڃي تہ مايوس نہ ٿيڻ گهرجي، بلڪ پنهنجي غلطيءَ کي مڃي ڪري الله پاڪ کان معافي وٺڻ گهرجي. (الاعراف – ٢٣)

(٦) جنهن الله پاڪ جي فرمان برداري ڪئي اهو امتحان ۾ ڪامياب ٿي ويندو ۽ جنهن نافرماني ڪئي اهو ناڪام ٿي ويندو. (حضرت آدم ﷺ جو قصو)

(٧) الله پاڪ توبهہ ڪرڻ تي غلطي معاف ڪري ڇڏيندو آهي. (حضرت آدم ﷺ جو قصو)

(٨) دنيا ۾ انسان کي امتحان لاءِ موڪليو ويو آهي. (الاعراف – ٢٤،٢٥)

(٩) لباس (پوشاڪ) شرم ۽ حياءَ جي حفاظت جو هڪ اهم ذريعو آهي. (الاعراف – ٢٦)

(١٠) شيطان جي حملن کان بچڻ جي لاءِ "تعوذ" يعني اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ پڙهڻ گهرجي. يا مَعَاذَ اللّٰهِ (الله جي پناهہ) چوڻ گهرجي. (حضرت آدم ﷺ جو قصو)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١: اچو ٻارڙو! اسان پنهنجو جائزو وٺون:

| نمبر | عمل | ها | نہ |
|---|---|---|---|
| (١) | ڇا اسان الله پاڪ جي فرمانبرداري ڪندا آهيون؟ | | |
| (٢) | ڇا اسان شيطان کي پنهنجو دشمن سمجهندا آهيون؟ | | |
| (٣) | ڇا اسان غلطي ڪرڻ تي هڪدم توبهہ ڪندا آهيون؟ | | |
| (٤) | ڇا اسان پيءَ ماءُ ۽ استادن جو چيو مڃيندا آهيون؟ | | |
| (٥) | ڇا اسان تڪبر ڪندا آهيون؟ | | |
| (٦) | ڇا اسان اهڙن ماڻهن کي دوست بڻائيندا آهيون جيڪي الله پاڪ جا فرمانبردار آهن؟ | | |
| (٧) | ڇا اسان نبين عليهم السلام سان محبت ڪندا آهيون؟ | | |
| (٨) | ڇا اسان جنت حاصل ڪرڻ گهرون ٿا؟ | | |
| (٩) | ڇا اسان جهنم کان بچڻ گهرون ٿا؟ | | |
| (١٠) | ڇا اسان شيطان کان بچڻ جي لاءِ اَعُوْذُ بِاللّٰهِ پڙهندا رهندا آهيون؟ | | |

سوال:۲. لفظ ڳوليو:

| | | | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ا | د | ط | ع | ف | ڪ | ق | پ | ن | آ | د | م |
| ل | ڏ | ٽ | ي | س | ڱ | و | ر | و | ه | ي | ث |
| گھ | ڃ | س | ص | ا | ت | ج | ف | ش | ٽ | ب | ي |
| ڄ | ڪ | م | ن | ٺ | ث | ڌ | ڊ | ي | ڎ | جھ | ا |
| م | ا | س | ف | ر | ش | ت | ا | ط | ل | و | ڪ |
| ر | ڙ | ز | ع | غ | ض | ط | ن | ا | م | ٽ | ب |
| ف | جھ | ح | و | ا | و | ڦ | گ | ن | س | ڳ | ک |
| ج | ث | س | م | و | ء | ق | ع | چ | ج | ب | ه |
| ڪ | ل | پ | ج | ن | ت | ع | س | م | د | ا | گھ |
| ا | د | ي | س | ش | ط | غ | ر | د | و | ه | ج |

هدايتون: هيٺ ڏنل لفظن کي مٿي ڏنل چارٽ ۾ ڳوليو:

| نمبر | ساڄي کان کابي | | مٿان کان هيٺ |
|---|---|---|---|
| ۱ | ڏٽي سڱورو | ٦ | شيطان |
| ۲ | فرشتا | ۷ | باه |
| ۳ | آدم ﷺ | ۸ | مٽي |
| ۴ | حوا | ۹ | وڻ |
| ۵ | جنت | ۱۰ | سجدو |

سوال: ٣. صحيح جواب تي رنگ ڀريو (هڪ کان وڌيڪ جواب بہ صحيح ٿي سگهن ٿا):

(١) حضرت آدم ﷺ ڪير هئا؟


انسان


فرشتو


سيني انسانن جو پيءُ


نبي ﷺ


جن

(٢) ابليس ڪير آهي؟


اسان جو دشمن


اسان جو دوست


فرشتو


جن


شيطان

(٣) الله پاڪ حضرت آدم ﷺ کي ڇا مان ٺاهيو؟


باهه


مٽي



سون


پاڻي


لوهه

(۴) اسان صراط مستقيم جي دعا ڪهڙي سورة ۾ گهرندا آهيون؟


سورة العصر


سورة اخلاص


سورة الفاتحہ


سورة الڪوثر


سورة الفيل

(۵) حضرت آدم ﷺ ۽ حضرت حوا ؑ کي الله پاڪ پيدا ڪرڻ کان پوءِ ڪٿي رهايو؟


جنت


زمين


جبل


جهنگ


ريگستان

سوال:۴:. ڪلام (الف) جي هر جملي کي ڪالم (ب) جي صحيح جملي سان ليڪ ڏئي ملايو:

| الف | ب |
|---|---|
| ١۔ الله پاڪ هر قوم ۾ | الف۔ نبي ﷺ هئا |
| ٢۔ سيئي نبي ﷺ | ب۔ مٽيءَ مان پيدا ڪيو ويو |
| ٣۔ آدم ﷺ پهريان | ج۔ جن هو |
| ۴۔ شيطان | و۔ نبين عليهم السلام کي موڪليو |
| ۵۔ انسان کي | هـ۔ انسان هئا |

سوال:۵:. هيٺ ڏنل جملن بابت ٻڌايو ته اهي ڪنهن جا قول آهن؟

| نمبر | جملا | الله پاڪ جو قول | آدم ﷺ جو قول | شيطان جو قول |
|---|---|---|---|---|
| ١ | يقيناً اسان ئي توهان کي پيدا فرمايو ۽ اسان ئي توهان جون صورتون جوڙيون. | | | |
| ٢ | اي اسان جا پالڻهار! اسان پنهنجن جانين تي ظلم ڪيو جيڪڏهن تو اسان کي معاف نه ڪيو ۽ اسان تي ٻاجهه نه ڪئي ته اسان نقصان وارن مان ٿي پونداسون. | | | |
| ٣ | يقيناً شيطان توهان ٻنهي (آدم ﷺ ۽ حوا) جو پڌرو دشمن آهي. | | | |
| ۴ | مون کي باهه مان ٺاهيو ويو آهي ۽ آدم ﷺ کي مٽيءَ مان ٺاهيو ويو آهي. | | | |
| ۵ | توهان هن وڻ جي ويجهو نه وڃجو نه ته ظالمن منجهان ٿي پوندؤ. | | | |

## گهرو ڪم

(١) حضرت آدم ﷺ ۽ حضرت حوا عليهما السلام جي دعا (جيڪا سورة الاعراف جي آيت نمبر: ٢٣ ۾ آئي آهي) ترجمي سان گڏ ياد ڪريو ۽ هڪ چارٽ تي سهڻي نموني لکي گهر ۾ ڪنهن نمايان هنڌ تي هڻو.

(٢) حضرت آدم ﷺ جو قصو پنهنجي گهر وارن کي ٻڌايو.

(٣) پنهنجي گهر وارن کان پڇا ڪري شيطان جي وسوسن جا ڪي به ٽي مثال ٻڌايو.

استاد جي صحيح: ____________ والدين/سرپرست جي صحيح: ____________

# حضرت نوح عليه السلام جو قصو

حضرت آدم عليه السلام جي اولاد مان پنج نيڪ بزرگ (وَد، سواع، يغوث، يعوق ۽ نسَر) هئا، جڏهن اهي گذاري ويا تہ ماڻهو ڏاڍا ڏکارا ٿيا. شيطان ماڻهن جي دلين ۾ خيال وڌو تہ هي الله پاڪ جا پيارا ٻانها هئا. توهان انهن بزرگن کي ياد رکڻ جي لاءِ انهن جون تصويرون ٺاهيو. ماڻهن کي اها ڳالهہ وڻي ۽ هنن انهن نيڪ ٻانهن جون تصويرون ٺاهيون. پوءِ وري ماڻهن شيطان جي چئي تي انهن تصويرن جي شڪل جا بت ٺاهيا تہ جيئن اهي نيڪ ماڻهو کين سدائين ياد رهن. شروع ۾ ماڻهو انهن بتن کي ڏسي الله پاڪ کان پاڻ بہ نيڪ بڻجڻ جون دعائون گهرندا رهيا ۽ الله پاڪ کي ياد ڪندا رهيا. پوءِ هوريان هوريان شيطان پوءِ ايندڙ ماڻهن جي دلين ۾ اهو خيال وڌو تہ توهان جي ابن ڏاڏن اهي بت ائين ئي ڪو نہ ٺاهيا هئا بلڪ الله پاڪ انهن بتن کي بہ ٿوري قدرت ۽ اختيار ڏنو آهي، انهيءَ ڪري توهان انهن بتن کان دعائون گهرندا ڪريو ۽ انهن جي پوڄا ڪندا ڪريو. اهي توهان جون مشڪلاتون ختم ڪندا ۽ توهان جا مسئلا بہ حل ڪندا. اهڙيءَ طرح دنيا ۾ بتن جي پوڄا شروع ٿي. ماڻهو الله پاڪ سان شرڪ ڪرڻ لڳا.

الله پاڪ ماڻهن جي هدايت واسطي هر دور ۾ رسول ۽ نبي موڪليا. رسول اهي خاص ٻانها هوندا آهن، جن کي الله پاڪ ڪتاب يا شريعت يعني حڪم احڪام عطا فرمايا، جڏهن تہ نبي عليه السلام پاڻ کان اڳ واري يا پنهنجي دور جي رسول جي پيروي ڪندا آهن. سڀئي رسول نبي هوندا آهن پر سڀئي نبي رسول ناهن هوندا. حضرت نوح عليه السلام پهريان رسول هئا. سندن قوم عراق جي علائقي ۾ آباد هئي. پاڻ عليه السلام ٩٥٠ (ساڍا نو سؤ سالن) تائين پنهنجي قوم کي هڪ الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ جي دعوت ڏنائون. هن پنهنجي قوم کي الله پاڪ سان شرڪ ڪرڻ ۽ بتن جي پوڄا ڪرڻ کان منع ڪئي. پاڻ عليه السلام پنهنجي قوم جي ماڻهن مان هر هڪ ماڻهوءَ کي الڳ الڳ بہ سمجهايائون ۽ سڀني جي سامهون بہ ڏينهن جو بہ سمجهايائون تہ رات جو بہ. پر قوم سندن ڳالهہ نہ مڃي. حضرت نوح عليه السلام کي ماڻهن طرح طرح جون تڪليفون ڏنيون ۽ سندن مذاق اڏايو.

قوم جي ڪجهہ غريب ماڻهن ڪانسواءِ حضرت نوح عليه السلام تي ڪنهن بہ ايمان ڪو نہ آندو. قوم جي سردارن چيو تہ اي نوح! تو کي مڃيندڙ تہ اسان منجهان غريب ماڻهو آهن، تون انهن کي پاڻ کان پري ڪري ڇڏ. حضرت نوح عليه السلام، انهن ايمان وارن کي پاڻ کان پري ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. قوم حضرت نوح عليه السلام کي چيو تہ اسان تنهنجي چوڻ تي پنهنجن بتن کي ڪو نہ ٿا ڇڏي سگهون. هينئر جنهن عذاب کان تون اسان کي ڊيڄارين ٿو اهو آڻ. حضرت نوح عليه السلام انهن جي تمام گهڻي انڪار ڪرڻ تي الله پاڪ کي پڪاريو تہ يا الله! انهن تي عذاب موڪل ڇو تہ انهن مان ۽ سندن موجودگي ۾ ايندڙ نسلن مان ڪو بہ ايمان آڻڻ وارو ڪونهي.

الله پاڪ حضرت نوح عليه السلام کي هڪ ٻيڙي ٺاهڻ جو حڪم ڏنو. حضرت نوح عليه السلام اها ٻيڙي الله پاڪ جي حڪم مطابق ڪاٺيءَ جي تختن ۽ ميخن مان ٺاهي. جڏهن حضرت نوح عليه السلام ٻيڙي ٺاهڻ لڳا تہ قوم مٿن ٺوڪ ٺٺول ڪئي، پوءِ الله پاڪ جو عذاب اچي پهتو. الله پاڪ حضرت نوح عليه السلام کي حڪم فرمايو تہ ٻيڙيءَ ۾ پنهنجي ڪٽنب وارن، ايمان وارن ۽ جانورن جي هڪ هڪ جوڙي کي سوار ڪريو. الله پاڪ جي حڪم سان زمين مان پاڻي نڪرڻ لڳو ۽ آسمان مان بہ پاڻي وسڻ لڳو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي پاڻي طوفان بڻجي ويو. جبل جيڏيون اوچيون موجون (لهرون) اٿڻ لڳيون. حضرت نوح عليه السلام پنهنجي نافرمان پٽ "يام" کي سڏ ڪيو تہ اي منهنجا پٽڙا! ٻيڙيءَ ۾ چڙهي پئو هن چيو تہ مان جبل تي چڙهي ويندس. اهو مون کي بچائي وٺندو. حضرت نوح عليه السلام چيو تہ اڄ الله پاڪ کان سواءِ ڪوئي بچائڻ وارو ناهي. اوچتو هڪ موج آئي ۽ سندن پٽ ٻڏي ويو. طوفان سڀني نافرمانن کي ختم ڪري ڇڏيو پر الله پاڪ حضرت نوح عليه السلام، جي ٻيڙيءَ کي طوفان ۾ محفوظ رکيو. الله پاڪ جي حڪم سان طوفان رڪجي ويو.

حضرت نوح ﷺ جي ٻيڙي ”جودي“ جبل تي بيهي رهي ۽ طوفان جو پاڻي سڪي ويو ٻيڙيءَ ۾ بچي ويندڙ ماڻهن الله پاڪ جو شڪر ادا ڪيو ۽ الله پاڪ جي چئي ۽ فرمانبرداري ۾ حياتي گذارڻ لڳا. حضرت نوح ﷺ کان پوءِ مٿن ايمان آڻيندڙ ٽنهي پٽن يعني حضرت حام، حضرت سام ۽ حضرت يافث سان انسانن جو نسل وڌيو ويجهيو. انهيءَ ڪري حضرت نوح ﷺ کي ”آدم ثاني“ به چيو ويندو آهي.

## حضرت نوح ﷺ ۽ سندن قوم جو علائقو



# حضرت نوح عليه السلام جو قصو

## سورة الاعراف آيتون : ٥٩ کان ٦٤

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

آءٌ الله جي پناهه ۾ اچان ٿو شيطان مردود کان

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

لَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖ فَقَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ

البت تحقيق اسان موڪليو نوح کي سندس قوم ڏانهن تہ ان چيو اي منهنجي قوم! توهان عبادت ڪريو الله جي

مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ اِنِّيْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿٥٩﴾

ناهي توهان لاءِ ڪوئي معبود سواءِ ان جي يقينن آءٌ ڊڄان ٿو توهان تي وڏي ڏينهن جي عذاب کان.

قَالَ الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِهٖٓ اِنَّا لَنَرٰىكَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٦٠﴾ قَالَ يٰقَوْمِ

چيو سردارن ان جي قوم مان بيشڪ اسان تہ ڏسون ٿا توکي پڌري گمراهي. ۾ چيو ان (نوح) اي منهنجي قوم!

لَيْسَ بِيْ ضَلٰلَةٌ وَّلٰكِنِّيْ رَسُوْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٦١﴾ اُبَلِّغُكُمْ

ناهي مون ۾ ڪا گمراهي پر آءٌ (تہ) رسول آهيان رب العالمين طرفان. آءٌ پهچايان ٿو توهان کي

رِسٰلٰتِ رَبِّيْ وَاَنْصَحُ لَكُمْ وَاَعْلَمُ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٦٢﴾

پيغام پنهنجي رب جا ۽ خير خواهي ڪريان ٿو توهان جي ۽ آءٌ ڄاڻان ٿو الله طرفان اهي ڳالهيون نہ ٿا توهان ڄاڻو.

اَوَعَجِبْتُمْ اَنْ جَآءَكُمْ ذِكْرٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَلٰى رَجُلٍ مِّنْكُمْ لِيُنْذِرَكُمْ

ڇا توهان تعجب ٿا ڪريو (هن ڳالهه جو) جو آئي توهان وٽ نصيحت توهان جي رب طرفان اهڙي قوم تي جيڪو توهان مان آهي جيئن اهو ڊيڄاري توهان کي

وَلِتَتَّقُوْا وَلَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿٦٣﴾ فَكَذَّبُوْهُ فَاَنْجَيْنٰهُ

۽ هن لاءِ تہ توهان پرهيزگار ٿيو ۽ من توهان رحم ڪيا وڃو. پوءِ انهن ڪوڙو ڪيو ان (نوح) کي تہ اسان بچايو ان کي

وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ فِي الْفُلْكِ وَاَغْرَقْنَا الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا عَمِيْنَ ﴿٦٤﴾

۽ انهن کي جيڪي گڏ هئا ان سان ٻيڙي ۾ ۽ اسان ٻوڙيوسين انهن ماڻهن کي جن ڪوڙو ڪيو اسان جي آيتن کي بيشڪ هئا اهي (دل جا) انڌا ماڻهو.

## اهم نقطا

# حضرت نوح عليه السلام جو قصو

## سورة هود آيتون : ٢٥ کان ٢٩

وَ لَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖٓ اِنِّیْ لَكُمْ نَذِیْرٌ مُّبِیْنٌ ﴿٢٥﴾

۽ البت تحقيق اسان موڪليو نوح کي پنهنجي قوم ڏانهن (ان چيو) بيشڪ آءٌ توهان لاءِ ڊيڄاريندڙ آهيان ظاهر.

اَنْ لَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّا اللّٰهَ ؕ اِنِّیْٓ اَخَافُ عَلَیْكُمْ عَذَابَ یَوْمٍ اَلِیْمٍ ﴿٢٦﴾

هي ته نه توهان عبادت ڪريو مگر الله جي، بلاشبہ آءٌ ڊڄان ٿو توهان تي دردناڪ ڏينهن جي عذاب کان.

فَقَالَ الْمَلَاُ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ مَا نَرٰىكَ اِلَّا بَشَرًا مِّثْلَنَا وَ مَا نَرٰىكَ اتَّبَعَكَ

پوءِ چوڻ انهن سردارن کي جن ڪفر ڪيو ان جي قوم مان نه ٿا اسان ڏسون توکي مگر بشر (ماڻهو) پاڻ جهڙو ۽ نه ٿا اسان ڏسون (جو) تابعداري ڪئي هجي تنهنجي

اِلَّا الَّذِیْنَ هُمْ اَرَاذِلُنَا بَادِیَ الرَّاْیِ ۚ وَ مَا نَرٰى لَكُمْ عَلَیْنَا مِنْ فَضْلٍۭ

مگر انهن ماڻهن جيڪي اهي اسان مان گهٽ درجي وارا ظاهر ظهور آهن ۽ نه ٿا اسان ڏسون توهان لاءِ پاڻ تي ڪا فضيلت

بَلْ نَظُنُّكُمْ كٰذِبِیْنَ ﴿٢٧﴾ قَالَ یٰقَوْمِ اَرَءَیْتُمْ اِنْ كُنْتُ عَلٰى بَیِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّیْ

پر اسان خيال ڪريون ٿا توهان کي ڪوڙا. (نوح) چيو اي منهنجي قوم ٻڌايو ته جيڪڏهن آهيان مان واضح ثابتي تي پنهنجي رب طرفان

وَ اٰتٰىنِیْ رَحْمَةً مِّنْ عِنْدِهٖ فَعُمِّیَتْ عَلَیْكُمْ ؕ اَنُلْزِمُكُمُوْهَا

۽ ان ڏني مون کي رحمت (نبوت) پاڻ وٽان پوءِ لڪائي وئي هجي اها (دليل) توهان کان (ته) ڇا اسان (زبردستي) چنبڙايون توهان تي ان (تي ايمان آڻڻ) کي

وَ اَنْتُمْ لَهَا كٰرِهُوْنَ ﴿٢٨﴾ وَ یٰقَوْمِ لَآ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَیْهِ مَالًا ؕ اِنْ اَجْرِیَ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ

جڏهن ته توهان ان کي ناپسند ڪندڙ آهيو. ۽ اي منهنجي قوم! نه ٿو آءٌ گهران توهان کان ان (تبليغ) تي ڪو مال ناهي منهنجو اجورو مگر الله تي

وَ مَآ اَنَا بِطَارِدِ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا ؕ اِنَّهُمْ مُّلٰقُوْا رَبِّهِمْ وَ لٰكِنِّیْٓ اَرٰىكُمْ قَوْمًا تَجْهَلُوْنَ ﴿٢٩﴾

۽ ناهيان آءٌ تڙيندڙ انهن ماڻهن کي جن ايمان آندو بيشڪ اهي ملڻ وارا آهن پنهنجي رب سان ۽ آءٌ ڏسان ٿو توهان کي قوم جاهل (نادان).

# اهم نقطا

# حضرت نوح عليه السلام جو قصو

## سورة هود آيتون : ٣٠ کان ٣٥

وَ يٰقَوْمِ مَنْ يَّنْصُرُنِيْ مِنَ اللّٰهِ اِنْ طَرَدْتُّهُمْ ۭ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ۝۳۰

۽ اي منهنجي قوم! ڪير منهنجي مدد ڪندو الله (جي عذاب) کان جيڪڏهن آءٌ تڙيندس انهن کي؟ ڇا پوءِ توهان نه ٿا سمجهو؟

وَلَآ اَقُوْلُ لَكُمْ عِنْدِيْ خَزَآىِٕنُ اللّٰهِ وَلَآ اَعْلَمُ الْغَيْبَ وَلَآ اَقُوْلُ اِنِّىْ مَلَكٌ

۽ نه تو آءٌ چوان توهان کي (ته) مون وٽ الله جا خزانا آهن ۽ نه تو آءٌ ڄاڻان غيب ۽ نه تو آءٌ چوان (هي ته) بيشڪ آءٌ فرشتو آهيان

وَّلَآ اَقُوْلُ لِلَّذِيْنَ تَزْدَرِيْٓ اَعْيُنُكُمْ لَنْ يُّؤْتِيَهُمُ اللّٰهُ خَيْرًا ۭ

۽ نه تو آءٌ چوان انهن ماڻهن لاءِ جن کي حقير ڏسن ٿيون توهان جون اکيون (ته) هرگز نه ڏيندو انهن کي الله ڪا ڀلائي

اَللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ ښ اِنِّىْٓ اِذًا لَّمِنَ الظّٰلِمِيْنَ ۝۳۱

الله گهڻو ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجهه انهن جي دلين ۾ آهي (ائين چوندس ته) بيشڪ آءٌ ان وقت ضرور ظالمن مان ٿيندس.

قَالُوْا يٰنُوْحُ قَدْ جٰدَلْتَنَا فَاَكْثَرْتَ جِدَالَنَا فَاْتِنَا بِمَا تَعِدُنَآ

انهن چيو اي نوح! تحقيق تو جهڳڙو ڪيو اسان سان سو گهڻو ئي ڪيئي جهڳڙو اسان سان پوءِ تون آڻ اسان تي اهو (عذاب) جنهن جو تون واعدو ڪندو آهين

اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ۝۳۲ قَالَ اِنَّمَا يَاْتِيْكُمْ بِهِ اللّٰهُ اِنْ شَاۗءَ

جيڪڏهن آهين تون سچن مان؟ ان (نوح) چيو رڳو آڻيندو توهان تي اهو (عذاب) الله (ئي) جيڪڏهن ان گهريو

وَمَآ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ ۝۳۳ وَلَا يَنْفَعُكُمْ نُصْحِيْٓ اِنْ اَرَدْتُّ اَنْ اَنْصَحَ لَكُمْ

۽ نه (آهيو) توهان (ان کي) عاجز ڪندڙ. ۽ نه توهان کي فائدو ڏيندي منهنجي نصيحت جيڪڏهن آءٌ چاهيان ها ته آءٌ نصيحت ڪيان توهان کي

اِنْ كَانَ اللّٰهُ يُرِيْدُ اَنْ يُّغْوِيَكُمْ ۭ هُوَ رَبُّكُمْ ۣ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ۝۳۴ۭ

جيڪڏهن آهي الله گهري ٿو هي ته گمراهه ڪري توهان کي اهو ئي توهان جو رب آهي ۽ ان ڏانهن توهان موٽايا ويندؤ.

اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ ۭ قُلْ اِنِ افْتَرَيْتُهٗ

ڇا اهي چون ٿا (ته) ان پاڻ ناهيو آهي اهو (قرآن)؟ چؤ جيڪڏهن آءٌ (پاڻ) ناهيو آهي ان کي

فَعَلَيَّ اِجْرَامِيْ وَاَنَا بَرِيْۗءٌ مِّمَّا تُجْرِمُوْنَ ۝۳۵ۧ

ته مون تي آهي منهنجو گناهه ۽ آءٌ بيزار آهيان ان کان جيڪي توهان گناهه ڪريو ٿا.

# اهم نقطا

# حضرت نوح عليه السلام جو قصو

## سورة هود آيتون : ٣٦ کان ٤٠

وَ اُوْحِيَ اِلٰى نُوْحٍ اَنَّهٗ لَنْ يُّؤْمِنَ مِنْ قَوْمِكَ اِلَّا مَنْ قَدْ اٰمَنَ فَلَا تَبْتَئِسْ

۽ وحي ڪئي وئي نوح ڏانهن (هن ڳالهه جي) بيشڪ هرگز نہ ايمان آڻيندا تنهنجي قوم مان سواءِ انهن مان جن ايمان آندو (پهريان) پوءِ نہ تون ڳڻتي ڪر

بِمَا كَانُوْا يَفْعَلُوْنَ ۚ ﴿٣٦﴾ وَ اصْنَعِ الْفُلْكَ بِاَعْيُنِنَا وَ وَحْيِنَا وَ لَا تُخَاطِبْنِيْ

ان تي جيڪي اهي ڪن ٿا. ۽ تون ٺاهہ هڪ ٻيڙي اسان جي اکين جي سامهون ۽ اسان جي حڪم مطابق ۽ نہ گفتگو ڪجانءِ ۽ نہ ڳالهائجان مون سان

فِي الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ۚ اِنَّهُمْ مُّغْرَقُوْنَ ﴿٣٧﴾ وَ يَصْنَعُ الْفُلْكَ ۖ

انهن ماڻهن جي باري ۾ جن ظلم (ڪفر) ڪيو بلاشبہ اهي ٻوڙيا ويندا. ۽ هو (نوح) ٺاهڻ لڳو ٻيڙي

وَ كُلَّمَا مَرَّ عَلَيْهِ مَلَاٌ مِّنْ قَوْمِهٖ سَخِرُوْا مِنْهُ ؕ قَالَ اِنْ تَسْخَرُوْا مِنَّا

۽ جڏهن بہ لنگهيا ان تي سردار ان جي قوم جا (تہ) ٺٺوليون ڪن ان تي ان (نوح) چيو جيڪڏهن توهان (اڄ) ٺٺوليون ڪيو اسان تي

فَاِنَّا نَسْخَرُ مِنْكُمْ كَمَا تَسْخَرُوْنَ ؕ ﴿٣٨﴾ فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ۙ مَنْ يَّاْتِيْهِ عَذَابٌ يُّخْزِيْهِ

تہ بيشڪ اسان بہ (هڪ ڏينهن) مسخريون ڪنداسون توهان سان جهڙي طرح توهان ٺٺوليون ڪريو. پوءِ جلد توهان ڄاڻيندؤ (تہ) ڪهڙو ماڻهو آهي جو اچي تو ان تي عذاب جيڪو خوار ڪندو ان کي (دنيا ۾)

وَ يَحِلُّ عَلَيْهِ عَذَابٌ مُّقِيْمٌ ﴿٣٩﴾ حَتّٰۤى اِذَا جَآءَ اَمْرُنَا وَ فَارَ التَّنُّوْرُ ۙ قُلْنَا احْمِلْ فِيْهَا

۽ لهندو ان تي هميشہ وارو عذاب (آخرت ۾). نيٺ جڏهن آيو اسان جو حڪم ۽ اُٻريو تنور (تہ) اسان چيوسون چاڙه

مِنْ كُلٍّ زَوْجَيْنِ اثْنَيْنِ وَ اَهْلَكَ اِلَّا مَنْ سَبَقَ عَلَيْهِ الْقَوْلُ

ان (ٻيڙي) ۾ سڀ ڪنهن جنس مان جوڙا (نر ۽ مادي هڪ مان) ۽ پنهنجي گهر وارن کي سواءِ ان ماڻهو جي جو تي چڪو جنهن تي (هلاڪ ٿيڻ جو) حڪم

وَ مَنْ اٰمَنَ ؕ وَ مَاۤ اٰمَنَ مَعَهٗۤ اِلَّا قَلِيْلٌ ﴿٤٠﴾

۽ انهن کي (بہ چاڙه) جن ايمان آندو ۽ نہ ايمان آندو هو ان سان مگر ٿورڙن (ماڻهن).

# اهم نقطا

# حضرت نوح علیہ السلام جو قصو

## سورة هود آيتون : ۴۱ کان ۴۴

وَقَالَ ارْكَبُوْا فِيْهَا بِسْمِ اللّٰهِ مَجْرٖىهَا وَمُرْسٰىهَا ؕ

۽ (نوح) چيو توهان سوار ٿيو ان (ٻيڙي) ۾ الله جي نالي سان آهي ان جو هلڻ ۽ ان جو بيهڻ

اِنَّ رَبِّيْ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۴۱﴾ وَهِيَ تَجْرِيْ بِهِمْ فِيْ مَوْجٍ كَالْجِبَالِ ۟

بيشڪ منهنجو رب البت بخشڻهار مهربان آهي. ۽ اها (ٻيڙي) هلي پئي انهن کي کڻي اهڙين لهرن ۾ جيڪي جبلن جهڙيون هيون

وَنَادٰى نُوْحُ ٬ابْنَهٗ وَكَانَ فِيْ مَعْزِلٍ يّٰبُنَيَّ ارْكَبْ مَّعَنَا وَلَا تَكُنْ مَّعَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۴۲﴾

۽ سڏيو نوح پنهنجي پٽ کي ۽ هو اهو (سمورن کان) پاسيرو اي پٽڙا! تون (ب) سوار ٿيءُ اسان سان گڏ ۽ نه هُج تون ڪافرن سان گڏ.

قَالَ سَاٰوِيْٓ اِلٰى جَبَلٍ يَّعْصِمُنِيْ مِنَ الْمَآءِ ؕ قَالَ لَا عَاصِمَ الْيَوْمَ

ان چيو هاڻي آءٌ پناهه وٺندس ڪنهن جبل ڏانهن اهو بچائيندو مون کي پاڻيءَ کان (نوح) چيو ناهي ڪوئي بچائيندڙ اڄ

مِنْ اَمْرِ اللّٰهِ اِلَّا مَنْ رَّحِمَ ۚ وَحَالَ بَيْنَهُمَا الْمَوْجُ فَكَانَ مِنَ الْمُغْرَقِيْنَ ﴿۴۳﴾

الله جي حڪم (عذاب) کان مگر جنهن تي اهو (الله) رحم ڪري ۽ اچي وئي انهن ٻنهن جي درميان لهر پوءِ اهو ٿي ويو ٻڏي ويلن مان.

وَقِيْلَ يٰٓاَرْضُ ابْلَعِيْ مَآءَكِ وَيٰسَمَآءُ اَقْلِعِيْ وَغِيْضَ الْمَآءُ وَقُضِيَ الْاَمْرُ

۽ چيو ويو اي زمين! ڳهي وڃ پنهنجو پاڻي ۽ اي آسمان! تون بند ٿيءُ (وسڻ کان) ۽ سڪي ويو پاڻي ۽ پورو ڪيو (انهن جو) ڪم

وَاسْتَوَتْ عَلَى الْجُوْدِيِّ وَقِيْلَ بُعْدًا لِّلْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۴۴﴾

۽ اها (ٻيڙي) بيٺي جودي (جبل) تي ۽ چيو ويو تباهي هجي (يعني لعنت آهي) ظالم قوم لاءِ.

# اهم نقطا

# حضرت نوح عليه السلام جو قصو

## سورة هود آيتون : ۴۵ کان ۴۹

وَ نَادٰى نُوۡحٌ رَّبَّهٗ فَقَالَ رَبِّ اِنَّ ابۡنِىۡ مِنۡ اَهۡلِىۡ

۽ سڏيو نوح پنهنجي رب کي پوءِ ان چيو اي منهنجا رب! بلاشبہ منهنجو پٽ منهنجي گهروارن مان آهي

وَ اِنَّ وَعۡدَكَ الۡحَقُّ وَ اَنۡتَ اَحۡكَمُ الۡحٰكِمِيۡنَ ۝۴۵ قَالَ يٰنُوۡحُ

۽ بلاشبہ تنهنجو واعدو حق (سچو) آهي ۽ تون وڏو حاڪم آهين سڀني حاڪمن مان. (الله) فرمايو اي نوح!

اِنَّهٗ لَيۡسَ مِنۡ اَهۡلِكَ ۚ اِنَّهٗ عَمَلٌ غَيۡرُ صَالِحٍ ۖ فَلَا تَسۡـَٔلۡنِ

بيشڪ اهو ناهي تنهنجي اهل مان بلاشبہ ان جو عمل غير صالح آهي پوءِ نہ تون مون کان سوال ڪر

مَا لَيۡسَ لَكَ بِهٖ عِلۡمٌ ؕ اِنِّىۡۤ اَعِظُكَ اَنۡ تَكُوۡنَ

ان شيءِ جو ناهي توکي جنهن جو ڪوئي علم بيشڪ آءٌ نصيحت ڪريان تو توکي تہ تون نہ ٿيءُ

مِنَ الۡجٰهِلِيۡنَ ۝۴۶ قَالَ رَبِّ اِنِّىۡۤ اَعُوۡذُ بِكَ اَنۡ اَسۡـَٔلَكَ

جاهلن مان. (نوح) چيو اي منهنجا رب! بيشڪ آءٌ تنهنجي پناهہ وٺان ٿو (هن ڪان) جو آءٌ سوال ڪريان توکان

مَا لَيۡسَ لِىۡ بِهٖ عِلۡمٌ ؕ وَ اِلَّا تَغۡفِرۡ لِىۡ وَ تَرۡحَمۡنِىۡۤ

ان شيءِ جو جو ناهي مون کي جنهن جو ڪوئي علم ۽ جيڪڏهن نہ تون معاف ڪندين مون کي ۽ (نہ) تون رحم ڪندين مون تي

اَكُنۡ مِّنَ الۡخٰسِرِيۡنَ ۝۴۷ قِيۡلَ يٰنُوۡحُ اهۡبِطۡ بِسَلٰمٍ مِّنَّا وَ بَرَكٰتٍ عَلَيۡكَ

(تہ) آءٌ ٿيندس نقصان وارن مان. چيو ويو اي نوح! تون لهہ سلامتي سان اسانجي طرفان ۽ برڪتن (سان) (جي) توتي آهن

وَعَلٰٓى اُمَمٍ مِّمَّنۡ مَّعَكَ ؕ وَاُمَمٌ سَنُمَتِّعُهُمۡ ثُمَّ يَمَسُّهُمۡ مِّنَّا عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ۝۴۸

۽ جماعتن تي انهن مان جيڪي توسان گڏ آهن ۽ ڪجهہ جماعتن کي (جو) جلد اسان نفعو ڏينداسون انهن کي پوءِ پهچندو انهن کي اسان جي طرفان عذاب دردناڪ.

تِلۡكَ مِنۡ اَنۡۢبَآءِ الۡغَيۡبِ نُوۡحِيۡهَاۤ اِلَيۡكَ ۚ مَا كُنۡتَ تَعۡلَمُهَاۤ اَنۡتَ

اهي ڪجهہ خبرون آهن غيب جون اسان وحي ڪيون ٿا اهي توڏانهن نہ هئين تون ڄاڻندو انهن کي

وَلَا قَوۡمُكَ مِنۡ قَبۡلِ هٰذَا ۛؕ فَاصۡبِرۡ ۛؕ اِنَّ الۡعَاقِبَةَ لِلۡمُتَّقِيۡنَ ۝۴۹ ع

۽ نہ تنهنجي قوم هن (وحي) کان اڳي پوءِ تون صبر ڪر بلاشبہ (يلي) پڇاڙي پرهيزگارن لاءِ آهي.

# اهم نقطا

# حضرت نوح عليه السلام جو قصو

## سورة الشعراء آيتون : ١٠٥ کان ١١٥

كَذَّبَتْ قَوْمُ نُوحِ ۨالْمُرْسَلِيْنَ ۝١٠٥ اِذْ قَالَ لَهُمْ اَخُوْهُمْ نُوْحٌ اَلَا تَتَّقُوْنَ ۝١٠٦

ڪوڙو ڪيو نوح جي قوم رسولن کي. جڏهن چيو انهن کي انهن جي ڀاءُ نوح ڇا نه تا توهان ڊڄو (الله کان).

اِنِّيْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ ۝١٠٧ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ۝١٠٨

بيشڪ آءٌ آهيان توهان لاءِ رسول امانتدار پوءِ توهان. ڊڄو الله کان ۽ تابعداري ڪريو منهنجي.

وَمَآ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ ۚ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلٰى رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝١٠٩

۽ نه تو آءٌ گهران توهان کان ان (تبليغ) تي ڪوئي مزدوري ناهي منهنجي مزدوري مگر رب العالمين تي.

فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ۝١١٠ قَالُوْٓا اَنُؤْمِنُ لَكَ

پوءِ توهان ڊڄو الله کان ۽ تابعداري ڪريو منهنجي. انهن چيو ڇا اسان ايمان آڻيون توتي

وَاتَّبَعَكَ الْاَرْذَلُوْنَ ۝١١١ قَالَ وَمَا عِلْمِيْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ۝١١٢

حالانڪ پيروي ڪئي تنهنجي نيچ ماڻهن؟ ان (نوح) چيو ۽ جهڙي خبر مون کي ان جي جيڪي ڪجهه هئا اهي عمل ڪندا؟

اِنْ حِسَابُهُمْ اِلَّا عَلٰى رَبِّيْ لَوْ تَشْعُرُوْنَ ۝١١٣ وَمَآ اَنَا بِطَارِدِ الْمُؤْمِنِيْنَ ۝١١٤

ناهي انهن جو حساب مگر منهنجي رب تي جيڪڏهن توهان سمجهه رکو تا. ۽ ناهيان آءٌ تڙيندڙ ايمان وارن کي.

اِنْ اَنَا اِلَّا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ۝١١٥

رڳو آءٌ آهيان ڊيڄاريندڙ پڌرو.

# اهم نقطا

# حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام جو قصو

## سورة الشعراء آيتون: ١١٦ کان ١٢٢

قَالُوا لَئِن لَّمْ تَنتَهِ يَا نُوحُ لَتَكُونَنَّ مِنَ الْمَرْجُومِينَ ﴿١١٦﴾

انهن چيو البت جيڪڏهن نه تون مڙندي (ان ڪم کان) اي نوح! ته ضرور تون ٿيندين سنگسار ڪيلن مان.

قَالَ رَبِّ إِنَّ قَوْمِي كَذَّبُونِ ﴿١١٧﴾ فَافْتَحْ بَيْنِي

ان (نوح) چيو اي منهنجا رب! بيشڪ منهنجي قوم ڪوڙو ڪيو مون کي. پوءِ تون فيصلو ڪر منهنجي وچ ۾

وَبَيْنَهُمْ فَتْحًا وَنَجِّنِي وَمَن مَّعِيَ مِنَ الْمُؤْمِنِينَ ﴿١١٨﴾

۽ انهن جي وچ ۾ (قطعي) فيصلو ۽ تون بچاءِ مون کي ۽ انهن ماڻهن کي جيڪي مون سان گڏ آهن ايمان وارن مان.

فَأَنجَيْنَاهُ وَمَن مَّعَهُ فِي الْفُلْكِ الْمَشْحُونِ ﴿١١٩﴾

پوءِ اسان بچايو ان کي ۽ انهن ماڻهن کي جيڪي ان سان گڏ هئا ٻيڙي ۾ جيڪا ڀريل هئي.

ثُمَّ أَغْرَقْنَا بَعْدُ الْبَاقِينَ ﴿١٢٠﴾ إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَآيَةً

پوءِ اسان ٻوڙيوسون ان کان بعد باقي رهيلن کي. بيشڪ ان ۾ البت (وڏي) نشاني آهي

وَمَا كَانَ أَكْثَرُهُم مُّؤْمِنِينَ ﴿١٢١﴾ وَإِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيزُ الرَّحِيمُ ﴿١٢٢﴾

۽ نه هئا انهن جا گهڻا ايمان آڻيندڙ. ۽ بيشڪ تنهنجو رب البت اهو آهي نهايت زبردست رحم وارو.

# اهم نقطا

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

ٻارڙو! انهيءَ مان اسان کي خبر پئي ته:

(١) رسول قومن جي هدايت لاءِ موڪليا ويندا هئا ته جيئن ماڻهو عذاب کان بچي وڃن. (الاعراف: ٥٩ ۽ هود: ٢٥)

(٢) الله پاڪ کي شرڪ ۽ بت پرستي پسند ناهي.(الاعراف: ٥٩ ۽ هود: ٢٦)

(٣) قوم جي اصلاح جو ڪم سهڻي نموني سان انهيءَ قوم جو ئي ڪو فرد ڪري سگهي ٿو. (الاعراف: ٥٩،٦٣_ الشعراء:١٠٦)

(٤) اسان کي الله پاڪ ڏانهن سڏڻ وارن جو قدر ڪرڻ گهرجي. (هود: ٢٩ کان ٣١_ الشعراء: ١٠٨ کان ١١٠)

(٥) اسان کي ٻه ماڻهن کي همدردي ۽ استقامت سان الله پاڪ طرف دعوت ڏيڻ گهرجي. (هود: ٢٨)

(٦) رسولن ۽ نيڪ ماڻهن هميشه قوم جي نافرمان سردارن ۽ مالدارن (شاهوڪارن) جي مخالفت برداشت ڪئي. (الاعراف: ٦٠ کان ٦٢_ هود، ٢٧،٢٨،٣٨، الشعراء: ١١٢-١١٦)

(٧) اسان کي غريبن ۽ مسڪينن سان محبت ڪرڻ گهرجي. (الشعراء: ١١١ کان ١١٤_ هود: ٢٧،٣١)

(٨) نافرمان سردار پاڻ سان گڏ سندن پيروي ڪندڙن کي ٻوڙي ماريندا آهن.(الاعراف: ٢٤_ هود: ٣٢)

(٩) خراب عمل ڪرڻ وارن کي ڪنهن نيڪ شخص جي مٽي مائٽي يا لاڳاپا الله پاڪ جي عذاب کان نٿا بچائي سگهن. (هود: ٤٦،٤٣،٤٠)

(١٠) اسان کي نافرمان قومن جي انجام کان سبق وٺڻ گهرجي. (الاعراف: ٦٤_ الشعراء: ١٢١)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو:

(١) حضرت نوح ﷺ جي قوم جو ڪهڙو ڏوهه هو؟

(الف) چوري ڪرڻ (ب) ماڻهن کي مارڻ (ج) شرڪ ڪرڻ

(٢) حضرت نوح ﷺ جو ڪهڙو معجزو هو؟

(الف) عصا (لٺ) (ب) ڏاچي (ج) ٻيڙي

(٣) حضرت نوح ﷺ ڪهڙي علائقي جو رهندڙ هو؟

(الف) پاڪستان (ب) عراق (ج) ايران

(٤) حضرت نوح ﷺ جي ٻيڙيءَ ۾ ڪير سوار نه ٿي سگهيا هئا؟

(الف) ايمان وارا (ب) ڪفر ڪندڙ (ج) جانورن جا جوڙا

(٥) حضرت نوح ﷺ جي دعوت (سڏ) تي ڪيترن ماڻهن ايمان آندو؟

(الف) سموري قوم (ب) ڪجهه ماڻهو (ج) ڪنهن به نه

سوال :٢. صحيح جواب تي رنگ پريو (هڪ کان وڌيڪ جواب به صحيح ٿي سگهن ٿا):

(١) حضرت نوح عليه السلام ڪير هو؟

| | | | |
|---|---|---|---|
|  |  |  |  |
| پهريون انسان | پهريون رسول | پهريون نبي | آدم ثاني |

(٢) حضرت نوح عليه السلام جو ڪهڙو پٽ نافرمان هو؟

| | | | |
|---|---|---|---|
|  |  |  |  |
| حام | سام | يافث | يام |

(٣) حضرت نوح عليه السلام جي ٻيڙي ڪهڙي جبل تي وڃي بيٺي؟

| | | | |
|---|---|---|---|
|  |  |  |  |
| طور جبل | جودي جبل | صفا جبل | احد جبل |

(٤) حضرت نوح عليه السلام جي قوم تي ڪهڙو عذاب آيو؟

| | | | |
|---|---|---|---|
|  |  |  |  |
| ڪڪرن جو | طوفان | ٻوڏ | زلزلو |

(٥) حضرت نوح عليه السلام قوم کي ڪيترا سال دعوت ڏني؟

| | | | |
|---|---|---|---|
|  |  |  |  |
| ١٠٠ سال | ٥٠٠ سال | ٩٠٠ سال | ٩٥٠ سال |

سوال:٣. صحيح جواب تي درست (✓) ۽ غلط تي (x) جو نشان لڳايو:

| نمبر | جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|---|
| ١ | الله پاڪ حضرت نوح ﷺ جي سيني پٽن کي عذاب کان بچايو | | |
| ٢ | دنيا ۾ سڀ کان پهريان بت پرستيءَ جي شروعات حضرت نوح ﷺ جي قوم ڪئي | | |
| ٣ | نبين ﷺ ۽ رسولن سان منهن ماڻڻ الله پاڪ جي عذاب کان بچائي وٺندي آهي | | |
| ٤ | حضرت نوح ﷺ جي قوم پنهنجن پنهنجن بزرگن جا بت ٺاهيا | | |
| ٥ | حضرت نوح ﷺ کان پوءِ وارو نسل سندن پٽن کان ٿي وڌيو. انهيءَ ڪري حضرت نوح ﷺ کي "آدم ثاني" چوندا آهن | | |

سوال:٤.: هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(١) حضرت نوح ﷺ بابت ڪي ٻه ٽي ڳالهيون لکو.

(٢) نبي ڪنهن کي چوندا آهن ؟ نبي ۽ رسول ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

(٣) الله پاڪ قومن کان ناراض ڇو ٿيندو آهي؟

(٤) ڪهڙا ماڻهو الله پاڪ جي عذاب کان بچندا آهن؟

(٥) اسان ٻين کي دين جي دعوت ڇو ڏيون؟

سوال:۵: ٻارڙوا اچو تہ اسان پنهنجو جائزو وٺون:

| نمبر | عمل | جي ها | جي نہ |
|---|---|---|---|
| ۱ | ڇا اسان شرڪ کان بچڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون؟ | | |
| ۲ | ڇا اسان ٻين کي الله پاڪ ڏانهن سڏيندا آهيون؟ | | |
| ۳ | ڇا اسان، ماڻهن کي برائيءَ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون؟ | | |
| ۴ | ڇا اسان، ماڻهن پاران ملندڙ تڪليفن تي صبر ڪندا آهيون؟ | | |
| ۵ | ڇا اسان الله پاڪ جي نافرماني ڪرڻ تي ان کان ڊڄندا آهيون؟ | | |
| ۶ | ڇا اسان جو رڳو الله پاڪ تي ئي ڀروسو هوندو آهي؟ | | |
| ۷ | ڇا ڏکين حالتن ۾ اسان الله پاڪ کان دعا گهرندا آهيون؟ | | |
| ۸ | ڇا اسان ماڻهن جي مذاق اڏائڻ جي ڪري چڱا ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏيندا آهيون؟ | | |
| ۹ | ڇا اسان نبين عليهم السلام جي سيرت تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون؟ | | |
| ۱۰ | ڇا اسان، ماڻهن کي خوش ڪرڻ خاطر نيڪي ڪندا آهيون؟ | | |

## گهرو ڪم

(۱) حضرت نوح ﷺ جو قصو گهر وڃي پنهنجي ڀيڻ ۽ ڀائرن کي ٻڌايو؟

(۲) طوفان ۾ قاتل هڪ ٻيڙيءَ جو خاڪو ناهيو.

(۳) پنهنجي گهر وارن جي مدد سان پالتو جانورن جا ڪن بہ ستن جوڙن جا نالا لکو. مثال طور: ٻڪرو ۽ ٻڪرين (ٻڪري)

استاد جي صحيح: ________________　　　والدين/سرپرست جي صحيح: ______________________

# حضرت هود ؑ جو قصو

حضرت هود ﷷ، حضرت نوح ﷷ، جي پٽ سام جي نسل مان هئا. سندن قوم جو نالو ”قوم عاد“ هو جنهن جي ابتدا حضرت نوح ﷷ واري طوفان ۾ بچي ويندڙ ماڻهن کان ٿي هئي. هيءَ قوم سمنڊ ڪناري تي واريءَ جي پٽن واري علائقي ”احقاف“ ۾ آباد هئي. الله پاڪ کين ڊگها ۽ سگهارا جسم عطا ڪيا.

جڃهو مال ۽ اولاد ڏني، اهي اوچن اوچن ٿنڀن وارا محل اڏيندا هئا، جنهن ڪري کين ”قوم ارم“ به چيو ويندو آهي. انهن ماڻهن الله پاڪ جو شڪر ادا ڪرڻ بدران تڪبر ۽ وڏائي ڪئي ۽ چوڻ لڳا ته اسان کان وڌيڪ طاقت ۾ سگهه ۾ ڪير ٿو ٿي سگهي؟ اهي ماڻهو هڪ الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ وارا هئا پر پوءِ هوريان هوريان شرڪ ۾ مبتلا ٿي بتن جي پوڄا ڪرڻ لڳا.

الله پاڪ عاد قوم جي اصلاح جي لاءِ حضرت هود ﷷ کي رسول بڻائي موڪليو. حضرت هود ﷷ پنهنجي قوم کي هڪ الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ لاءِ چيو. پاڻ ماڻهن کي الله پاڪ سان شرڪ ڪرڻ ۽ بتن جي پوڄا ڪرڻ کان منع ڪيائون. پر قوم جي سردارن حضرت هود ﷷ کي چيو ته اوهان اياڻا آهيو ۽ اسان اوهان کي رسول ڪو نه ٿا مڃون. سردارن پنهنجي قوم کي چيو ته هي ته اوهان وانگر هڪ انسان آهي، جيئن توهان کائو پيئو ٿا، تيئن هي به کائي پيئي ٿو. انهيءَ ڪري هي الله پاڪ جو رسول ناهي بلڪ هڪ عام انسان آهي ۽ توهان هن جو چيو نه مڃو.

ڏاڍو سمجهائڻ جي باوجود به جڏهن قوم پنهنجن برائين ۽ الله پاڪ جي نافرمانين ڪرڻ کان ڪو نه مڙي ۽ هنن حضرت هود ﷷ جي ڳالهه ڪو نه مڃي ته الله پاڪ مٿن هڪ ڪڪر جي صورت ۾ عذاب موڪليو. قوم ڪڪر کي ڏسي ڏاڍي خوش ٿي ۽ چوڻ لڳي ته هاڻي ته مينهن پوندو. حضرت هود ﷷ فرمايو ته اهو الله پاڪ جو عذاب اٿو. پر قوم انهيءَ ڪڪر کي ڏسي خوشيون ملهائيندي رهي. ايترو مس چيائون ته الله پاڪ جو عذاب سخت طوفان (جهڪ) جي شڪل ۾ اچي ڪڙڪيو. تيز هوا ۽ مٽيءَ ۽ ڌوڙ جيڪو اٺ ڏينهن ۽ ست راتيون لڳاتار رهيو. الله پاڪ حضرت هود ﷷ ۽ ايمان وارن کي انهيءَ عذاب کان بچايو. باقي سموري نافرمان قوم انهيءَ عذاب ۾ مري ختم ٿي وئي. انهيءَ خطرناڪ عذاب ماڻهن کي موت حوالي ڪري ڇڏيو. طوفان ڪٽي ڪٽي ماڻهن کي اڇلايو پئي، جڻ ته کجيءَ وانگر اندران کاڌل خالي ٿڙ هجن. اهڙيءَ طرح انهن جي تڪبر ۽ وڏائيءَ جي ڪري دنيا ۾ مٿن الله پاڪ جو عذاب نازل ٿيو ۽ آخرت ۾ به انهن کي سزا ڏني ويندي.

الله پاڪ حضرت هود ﷷ ۽ مٿس ايمان آڻڻ وارن کي سخت طوفان جي عذاب کان بچايو. عذاب کان بچي ويلن الله پاڪ جو شڪر ادا ڪيو ۽ پنهنجي قوم جي خراب انت ۽ انجام تي افسوس ڪيو. اهي سيئي ماڻهوءَ وري مدين ۽ شام جي وچ واري علائقي ۾ وڃي آباد ٿيا.

# حضرت هود عليه السلام ۽ عاد قوم جو علائقو



# حضرت هود عليه السلام جو قصو

## سورة الاعراف آيتون : ٦٥ کان ٦٩

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

آءٌ الله جي پناهہ ۾ اچان ٿو گهران شيطان تڙيل کان

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

وَ اِلٰى عَادٍ اَخَاهُمْ هُوْدًا ؕ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ

۽ (اسان موڪليو) عاد جي طرف انهن جي ڀاءُ هود کي چيو ان اي منهنجي قوم! توهان عبادت ڪريو الله جي

مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿۶۵﴾ قَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖۤ

ناهي توهان لاءِ ڪوئي معبود ان (الله) کانسواءِ ڇا پوءِ نہ ٿا توهان ڊڄو. چيو سردارن انهن جن ڪفر ڪيو سندس قوم مان

اِنَّا لَنَرٰىكَ فِيْ سَفَاهَةٍ وَّ اِنَّا لَنَظُنُّكَ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿۶۶﴾

بيشڪ اسان البت ڏسون ٿا توکي بيوقوفي ۾ (پيل) ۽ يقينن اسان البت خيال ڪريون ٿا توکي ڪوڙن مان.

قَالَ يٰقَوْمِ لَيْسَ بِيْ سَفَاهَةٌ وَّلٰكِنِّيْ رَسُوْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۶۷﴾

(هود) چيو اي منهنجي قوم! ناهي مون ۾ ڪا بيوقوفي پر آءٌ (تہ) رسول آهيان رب العالمين طرفان.

اُبَلِّغُكُمْ رِسٰلٰتِ رَبِّيْ وَ اَنَا لَكُمْ نَاصِحٌ اَمِيْنٌ ﴿۶۸﴾ اَوَعَجِبْتُمْ

آءٌ پهچايان ٿو توهان کي پيغام پنهنجي رب جا ۽ آءٌ توهان لاءِ خيرخواهہ آهيان امين آهيان. ڇا توهان تعجب ٿا ڪريو

اَنْ جَآءَكُمْ ذِكْرٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَلٰى رَجُلٍ مِّنْكُمْ لِيُنْذِرَكُمْ ؕ

(هن ڳالهہ جو) جو آئي توهان وٽ نصيحت توهان جي رب طرفان اهڙي ماڻهو تي جيڪو توهان مان آهي جيئن اهو ڊيڄاري توهان کي

وَاذْكُرُوْۤا اِذْ جَعَلَكُمْ خُلَفَآءَ مِنْۢ بَعْدِ قَوْمِ نُوْحٍ وَّ زَادَكُمْ فِي الْخَلْقِ بَصْۜطَةً ۚ

۽ ياد ڪريو توهان جڏهن ان بڻايو توهان کي نائب بعد قوم نوح جي ۽ وڌايائين توهان کي (ٻين کان) بدن جي صحت ۾

فَاذْكُرُوْۤا اٰلَآءَ اللّٰهِ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۶۹﴾

پوءِ توهان ياد ڪريو الله جي نعمتن کي من توهان ڪامياب ٿيو.

# اهم نقطا

# حضرت هود عليه السلام جو قصو

## سورة الاعراف آيتون : ۷۰ کان ۷۲

قَالُوْٓا اَجِئْتَنَا لِنَعْبُدَ اللّٰهَ وَحْدَهٗ وَنَذَرَ

انهن چيو ڇا تون آيو آهين اسان وٽ ته اسان عبادت ڪريون هڪڙي الله جي ۽ ڇڏي ڏيون

مَا كَانَ يَعْبُدُ اٰبَآؤُنَا ۚ فَاْتِنَا بِمَا تَعِدُنَآ

انهن کي جن جي هئا عبادت ڪندا اسان جا ابا ڏاڏا؟ پوءِ تون آڻ اسان تي اهو (عذاب) جنهن سان تون ڊيڄارين ٿو اسان کي

اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ۝۷۰ قَالَ قَدْ وَقَعَ عَلَيْكُمْ مِّنْ رَّبِّكُمْ رِجْسٌ وَّغَضَبٌ ۭ

جيڪڏهن آهين تون سچن مان. (هود) چيو تحقيق ڪڙڪيو توهان تي توهان جي رب طرفان عذاب ۽ غضب

اَتُجَادِلُوْنَنِيْ فِيْٓ اَسْمَاۗءٍ سَمَّيْتُمُوْهَآ اَنْتُمْ وَاٰبَاۗؤُكُمْ

ڇا توهان جهڳڙو ٿا ڪريو مون سان انهن نالن ۾ (جيڪي) اهي رکيا آهن توهان ۽ توهان جي ابن ڏاڏن

مَّا نَزَّلَ اللّٰهُ بِهَا مِنْ سُلْطٰنٍ ۭ فَانْتَظِرُوْٓا اِنِّىْ مَعَكُمْ مِّنَ الْمُنْتَظِرِيْنَ ۝۷۱

نه نازل ڪيو الله انهن جو ڪوئي ثبوت پوءِ توهان انتظار ڪريو بيشڪ آءٌ (به) توهان سان گڏ انتظار ڪندڙ آهيان.

فَاَنْجَيْنٰهُ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا وَقَطَعْنَا

پوءِ اسان بچايو ان (هود) کي ۽ انهن کي جيڪي ان سان گڏ هئا پنهنجي رحمت سان ۽ اسان وڍي ڇڏي

دَابِرَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَمَا كَانُوْا مُؤْمِنِيْنَ ۝۷۲ ع

پاڙ انهن ماڻهن جي جن ڪوڙو ڪيو اسان جي آيتن کي ۽ نه هئا اهي ايمان آڻيندڙ.

# اهم نقطا

# حضرت هود عليه السلام جو قصو

## سورة هود آيتون : ٥٠ کان ٥٥

وَ اِلٰى عَادٍ اَخَاهُمْ هُوْدًا ؕ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ

۽ (اسان موڪليو) عاد جي طرف انهن جي ڀاءُ هود کي ان چيو اي منهنجي قوم! توهان الله جي عبادت ڪريو

مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا مُفْتَرُوْنَ ۝٥٠ يٰقَوْمِ لَآ اَسْئَلُكُمْ عَلَيْهِ اَجْرًا ؕ

ناهي توهان لاءِ ڪوئي معبود ان ڪانسواءِ نه (آهيو) توهان رڳو ڪوڙ ٺا گهڙيو . اي منهنجي قوم! نه تو آءٌ سوال ڪريان توهان کان ان (تبليغ) تي ڪا مزدوري

اِنْ اَجْرِىَ اِلَّا عَلَى الَّذِىْ فَطَرَنِىْ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ۝٥١ وَ يٰقَوْمِ اسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ

ناهي منهنجي مزدوري مگر ان ذات تي جنهن پيدا ڪيو ڇا پوءِ نه ٿا توهان سمجهو؟ ۽ اي منهنجي قوم! توهان بخشش گهرو پنهنجي رب کان

ثُمَّ تُوْبُوْٓا اِلَيْهِ يُرْسِلِ السَّمَآءَ عَلَيْكُمْ مِّدْرَارًا وَّ يَزِدْكُمْ قُوَّةً اِلٰى قُوَّتِكُمْ

پوءِ وري توهان موٽو انهيءَ ڏانهن ته وسائي آسمان کان توهان تي وڏ ڦڙو ۽ وڌائيندو توهان کي طاقت ۾ گڏ توهان جي (موجوده) طاقت جي

وَ لَا تَتَوَلَّوْا مُجْرِمِيْنَ ۝٥٢ قَالُوْا يٰهُوْدُ مَا جِئْتَنَا بِبَيِّنَةٍ

۽ نه توهان منهن ڦيريو گنهگار ٿي. انهن چيو اي هود! نه تو آندي آهي اسان وٽ ظاهر ثابتي

وَّ مَا نَحْنُ بِتَارِكِىْٓ اٰلِهَتِنَا عَنْ قَوْلِكَ وَ مَا نَحْنُ لَكَ بِمُؤْمِنِيْنَ ۝٥٣

۽ ناهيون اسان ڇڏيندڙ پنهنجن معبودن کي (ڇڙو) تنهنجي چوڻ تي ۽ ناهيون اسان توتي ايمان آڻڻ وارا.

اِنْ نَّقُوْلُ اِلَّا اعْتَرٰىكَ بَعْضُ اٰلِهَتِنَا بِسُوْٓءٍ ؕ قَالَ

نه ٿا اسان چئون مگر (هي ته) وڌو آهي توکي اسان جي ڪن معبودن خرابي (چرائپ) ۾ (هود) چيو

اِنِّىْٓ اُشْهِدُ اللّٰهَ وَ اشْهَدُوْٓا اَنِّىْ بَرِىْٓءٌ مِّمَّا تُشْرِكُوْنَ ۝٥٤

بيشڪ آءٌ الله کي شاهد ڪريان ٿو ۽ توهان (به) شاهد هجو (ته) بيشڪ آءٌ بيزار آهيان انهن کان جن کي توهان شريڪ ٿا ڪريو.

مِنْ دُوْنِهٖ فَكِيْدُوْنِىْ جَمِيْعًا ثُمَّ لَا تُنْظِرُوْنِ ۝٥٥

ان (الله) ڪانسواءِ پوءِ توهان (مون کي نقصان پهچائڻ جي) رٿ رٿيو سڀ (گڏجي) پوءِ نه توهان دير ڏيو مون کي.

# اهم نقطا

# حضرت هود عَلَيْهِ السَّلَام جو قصو

## سورة هود آيتون : ٥٦ کان ٦٠

اِنِّىْ تَوَكَّلْتُ عَلَى اللّٰهِ رَبِّىْ وَرَبِّكُمْ ؕ مَا مِنْ دَآبَّةٍ اِلَّا هُوَ اٰخِذٌۢ بِنَاصِيَتِهَا ؕ

بيشڪ مون ڀروسو ڪيو آهي الله تي جو منهنجو رب آهي ۽ توهان جو رب آهي ناهي ڪو بہ زمين تي هلندڙ (جاندار) مگر اهو (الله) پڪڙيندڙ آهي ان جي پيشاني

اِنَّ رَبِّىْ عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٥٦﴾ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَقَدْ اَبْلَغْتُكُمْ مَّآ اُرْسِلْتُ بِهٖٓ اِلَيْكُمْ ؕ

بلاشبہ منهنجو رب سڌي رستي تي آهي. پوءِ جيڪڏهن توهان منهن موڙيندؤ تہ تحقيق آءٌ پهچائي چڪو آهيان اهو (پيغام) جو آءٌ موڪليو ويو آهيان جنهن سان توهان ڏانهن

وَيَسْتَخْلِفُ رَبِّىْ قَوْمًا غَيْرَكُمْ ۚ وَلَا تَضُرُّوْنَهٗ شَيْئًا ؕ اِنَّ رَبِّىْ

۽ (توهان جو) جانشين ڪندو منهنجو رب ٻي قوم کي توهان کانسواءِ ۽ نہ توهان نقصان پهچائيندو ان کي ڪجھ بہ بيشڪ منهنجو رب

عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ حَفِيْظٌ ﴿٥٧﴾ وَلَمَّا جَآءَ اَمْرُنَا نَجَّيْنَا هُوْدًا وَّالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ

هر شيءِ تي نگهبان آهي. ۽ جڏهن آيو اسان جو حڪم (عذاب) (تہ) اسان بچايوسون هود کي ۽ انهن ماڻهن کي جن ايمان آندو هو ان سان گڏ

بِرَحْمَةٍ مِّنَّا ۚ وَنَجَّيْنٰهُمْ مِّنْ عَذَابٍ غَلِيْظٍ ﴿٥٨﴾ وَتِلْكَ عَادٌ ۙ جَحَدُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ

پنهنجي رحمت سان ۽ اسان بچايو انهن کي سخت عذاب کان. ۽ اها عاد (جي قوم) آهي انهن انڪار ڪيو پنهنجي رب جي آيتن جو

وَعَصَوْا رُسُلَهٗ وَاتَّبَعُوْٓا اَمْرَ كُلِّ جَبَّارٍ عَنِيْدٍ ﴿٥٩﴾ وَاُتْبِعُوْا فِىْ هٰذِهِ الدُّنْيَا لَعْنَةً

۽ نافرماني ڪيائون ان (رب) جي رسول جي ۽ انهن تابعداري ڪئي هر سرڪش ضدي جي حڪم جي. ۽ پويان لاتي وين هن دنيا ۾ لعنت

وَّيَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ اَلَآ اِنَّ عَادًا كَفَرُوْا رَبَّهُمْ ؕ

۽ قيامت جي ڏينهن (بہ) خبردار! بلاشبہ عاد (جي قوم) انڪار ڪيو پنهنجي رب جو

اَلَا بُعْدًا لِّعَادٍ قَوْمِ هُوْدٍ ﴿٦٠﴾

ٻڌي ڇڏيو دوري (يعني محرومي) آهي عاد لاءِ (يعني) قوم هود (لاءِ).

# اهم نقطا

# حضرت هود عليه السلام جو قصو

## سورة الشعراء آيتون : ١٢٣ کان ١٣١

كَذَّبَتْ عَادُ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٢٣﴾ اِذْ قَالَ لَهُمْ اَخُوْهُمْ هُوْدٌ اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿١٢٤﴾

ڪوڙو ڪيو عاد (جي قوم) رسولن کي. جڏهن چيو انهن کي انهن جي ڀاءُ هود ڇا نہ ٿا توهان ڊڄو (الله کان).

اِنِّيْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ ﴿١٢٥﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿١٢٦﴾

بيشڪ آءٌ آهيان توهان جو رسول امانتدار. پوءِ توهان ڊڄو الله کان ۽ تابعداري ڪريو منهنجي.

وَمَآ اَسْئَلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلٰى رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٢٧﴾

۽ نہ ٿو آءٌ گهران توهان کان ان (تبليغ) تي ڪوئي مزدوري ناهي منهنجي مزدوري مگر رب العالمين تي.

اَتَبْنُوْنَ بِكُلِّ رِيْعٍ اٰيَةً تَعْبَثُوْنَ ﴿١٢٨﴾ وَتَتَّخِذُوْنَ مَصَانِعَ لَعَلَّكُمْ تَخْلُدُوْنَ ﴿١٢٩﴾

ڇا توهان ٺاهيو ٿا هر مٿانهين تي مينار اجايا. ۽ ٺاهيو ٿا ڪارخانا شايد توهان هميشه (هتي ئي) رهندؤ.

وَاِذَا بَطَشْتُمْ بَطَشْتُمْ جَبَّارِيْنَ ﴿١٣٠﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿١٣١﴾

۽ جڏهن توهان هٿ ٿا وجهو (ته) وجهو ٿا سرڪش بڻجي. پوءِ توهان ڊڄو الله کان ۽ تابعداري ڪريو منهنجي.

# اهم نقطا

# حضرت هود عليه السلام جو قصو

## سورة الشعراء آيتون : ١٣٢ کان ١٤٠

وَاتَّقُوا الَّذِيْٓ اَمَدَّكُمْ بِمَا تَعْلَمُوْنَ ﴿١٣٢﴾ اَمَدَّكُمْ بِاَنْعَامٍ وَّبَنِيْنَ ﴿١٣٣﴾

۽ توهان ڊڄو ان (الله) کان جنهن مدد ڏني توهان کي انهن شين سان جيڪي توهان ڄاڻو ٿا. ان مدد ڏني توهان کي چوپاين ۽ پٽن (اولاد ڏيڻ) سان.

وَجَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ ﴿١٣٤﴾ اِنِّيْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿١٣٥﴾

۽ باغ ۽ چشمن (سان). بيشڪ آءٌ خوف ٿو ڪيان توهان تي وڏي ڏينهن جي عذاب کان.

قَالُوْا سَوَآءٌ عَلَيْنَآ اَوَعَظْتَ اَمْ لَمْ تَكُنْ مِّنَ الْوٰعِظِيْنَ ﴿١٣٦﴾

انهن چيو برابر آهي اسان تي خواهه تون نصيحت ڪرين يا نه ٿئين تون نصيحت ڪندڙن مان.

اِنْ هٰذَآ اِلَّا خُلُقُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٣٧﴾ وَمَا نَحْنُ بِمُعَذَّبِيْنَ ﴿١٣٨﴾

ناهي اها مگر عادت اڳين ماڻهن جي. ۽ ناهيون اسان عذاب ڪيل.

فَكَذَّبُوْهُ فَاَهْلَكْنٰهُمْ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ

پوءِ انهن ڪوڙو ڪيو ان کان پوءِ اسان برباد ڪيو انهن کي بيشڪ ان ۾ البت (وڏي) نشاني آهي

وَمَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٣٩﴾ وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿١٤٠﴾

۽ نه هئا انهن جا گهڻا ايمان آڻيندڙ. ۽ بيشڪ تنهنجو رب ئي آهي زبردست رحم وارو.

# اهم نقطا

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

ٻارڙؤ! انهيءَ مان خبر پئي ته:

(١) اسان کي رڳو الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ گهرجي. شرڪ ۽ بت پرستي الله پاڪ کي پسند ناهي. (الاعراف: ٦٥ – ٧٠، هود: ٥٠، ٥٤)

(٢) نافرمان قومن جي انجام مان سبق وٺندڙ تباهيءَ کان بچي سگهن ٿا. (الشعراء: ١٣٩)

(٣) نيڪيءَ جو سڏ ڏيڻ وارن کي رڳو الله پاڪ مان اجر جي اميد رکڻ گهرجي. (هود: ٥١ – الشعراء: ١٢٧)

(٤) هر دور ۾ نيڪي ڏانهن سڏڻ وارن جي مخالفت ڪئي ويندي آهي.(الاعراف: ٦٦ – هود: ٥٣، ٥٤ – الشعراء: ١٣٦ کان ١٣٨ تائين)

(٥) نافرمان ۽ لالچي اڳواڻ ۽ رهبر پاڻ سان گڏ پنهنجي قوم کي به تباهه ڪري ڇڏيندا آهن. (الاعراف: ٦٦)

(٦) مال ملڪيت ۽ طاقت رکندڙ گهڻو ڪري حق جي مخالفت ڪندا آهن. (الاعراف: ٦٦، ٧٠)

(٧) نبي ﷺ قومن کي سڏي واٽ تي هلائڻ لاءِ موڪليا ويندا هئا ته جيئن ماڻهو عذاب کان بچي وڃن. (الاعراف: ٦٨ – الشعراء: ١٢٤ کان ١٣٥ – ١٣١)

(٨) الله پاڪ جي آيتن جو انڪار ڪندڙ عذاب جو شڪار ٿي ويندا آهن. (الاعراف: ٧٢)

(٩) گناهن تي معافي گهرڻ تي الله پاڪ معاف به ڪري ڇڏيندو آهي ۽ دنيا ۾ اجان وڌيڪ نعمتون عطا ڪندو آهي.(هود: ٥٢)

(١٠) اسان کي الله پاڪ جي نعمتن جو شڪر ۽ انهن جو صحيح استعمال ڪرڻ گهرجي ۽ انهن کي فضول ڪمن ۾ وڃائڻ نه گهرجي. (الشعراء: ١٣٢، ١٣٣)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١: ڪالم (الف) جي هر جملي کي ڪالم (ب) جي صحيح جملي کي ليڪ ڏئي ملايو:

| الف | ب |
|---|---|
| ١۔ هود ﷺ کي | الف۔ نوح، جي قوم کان پوءِ آئي |
| ٢۔ عاد قوم | ب۔ شرڪ هو |
| ٣۔ عاد قوم تي عذاب | ج۔ احقاف هو |
| ٤۔ عاد قوم جو ڏوهه | د۔ عاد قوم ڏانهن موڪليو ويو |
| ٥۔ عاد قوم جو علائقو | هه۔ تيز طوفان جي صورت ۾ آيو |

سوال:۲: هيٺ ڏنل جملن جي لاءِ ٻڌايو تہ اهو ڪنهن جا قول آهن؟

| نمبر | جملا | الله پاڪ جو | هود ﷺ جو | قوم جو |
|---|---|---|---|---|
| ۱ | مان توهان کي پنهنجي پالڻهار جا پيغام پهچايان ٿو. | | | |
| ۲ | ڪير آهي اسان کان وڌيڪ طاقت ۽ قوت ۾؟ | | | |
| ۳ | جڏهن اسان جو عذاب اچي چڪو تہ اسان ايمان وارن کي ڇوٽڪارو ڏنو | | | |
| ۴ | الله پاڪ کان ڊڄو ۽ منهنجي فرمانبرداري ڪريو | | | |
| ۵ | توهان کي اسان جي معبودن ڪهڙي برائيءَ ۾ ڦاسائي ڇڏيو آهي | | | |

سوال:۳: هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(۱) حضرت هود ﷺ قوم کي ڇا سمجهايو؟

(۲) قوم جي سردارن حضرت هود ﷺ جي دعوت جو ڪهڙو جواب ڏنو؟

(۳) شرڪ ڇا کي چوندا آهن؟

(۴) حضرت هود ﷺ جي باري ۾ ڪي بہ ٽي ڳالهيون لکو؟

(۵) حضرت هود ﷺ جي قوم جيڪڏهن حضرت نوح ﷺ جي قوم جو انجام ياد رکي ها تہ ان جو ڪهڙو فائدو ٿئي ها؟

سوال :۴: لفظ ڳوليو:

| | | | | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ج | ڇ | س | ک | ل | ق | ھ | و | د | ص | ڪ | ء | ع |
| ي | ع | ا | د | ٽ | ڪ | ک | ٿ | ٽ | ث | ڪ | ڙ | ز |
| ڦ | ا | ح | ن | ڳ | جھ | و | م | گھ | ن | ر | ز | ج |
| ا | پ | ق | ڌ | ڙ | ص | ا | ا | ج | ع | غ | ء | ا |
| ڙ | م | ا | ڏ | ڊ | ق | ف | ل | ا | م | ٽ | م | ھ |
| ٽ | ق | ف | ط | و | ف | ا | ن | جھ | پ | ن | ح | ج |
| م | ص | ذ | س | ص | ش | ق | س | ج | ق | و | ل | ڄ |
| گھ | ڇ | گ | ڱ | و | ٿ | ڇ | ل | س | ھ | ٿ | ڪ | ل |
| ء | خ | م | ڙ | ا | ب | ا | ر | م | ک | س | ش | ھ |

هدايتون: هيٺ ڏنل لفظن کي مٿي ڏنل چارٽ ۾ ڳوليو:

| نمبر | ساڄي کان کاٻي | نمبر | مٿان کان هيٺ |
|---|---|---|---|
| ١ | هود عليه السلام | ٦ | نسل |
| ٢ | عاد | ٧ | ڪڪر |
| ٣ | احقاف | ٨ | محل |
| ۴ | طوفان | ٩ | مال |
| ۵ | ارم | ١٠ | جسم |

سوال: ۵. ٻارڙوا اچو ته پنهنجو جائزو وٺون:

| نمبر | عمل | ها | نه |
|---|---|---|---|
| ١ | ڇا اسان الله پاڪ جي نعمتن جو شڪر ادا ڪندا آهيون؟ | | |
| ٢ | ڇا اسان الله پاڪ جي نعمتن تي تڪبر ۽ وڏائي ڪندا آهيون؟ | | |
| ٣ | ڇا اسان چڱا عمل ڪري الله پاڪ کي خوش (راضي) ڪندا آهيون؟ | | |
| ۴ | ڇا اسان برا عمل ڪري الله پاڪ کي ناراض ڪندا آهيون؟ | | |
| ۵ | ڇا اسان نيڪي ڏانهن سڏڻ ۾ لڄي ٿيندا آهيون؟ | | |
| ٦ | ڇا اسان خراب ماڻهن جي مخالفت کان ڊڄندا آهيون؟ | | |
| ٧ | ڇا اسان کي پڪ ۽ يقين آهي ته الله پاڪ نيڪ ماڻهن جي مدد ڪندو آهي؟ | | |
| ٨ | ڇا اسان کي يقين آهي ته ڪو به الله پاڪ جي اجازت بنا اسان کي نقصان نٿو رسائي سگهي؟ | | |
| ٩ | ڇا اسان الله پاڪ جي نعمتن کي الله پاڪ جي مرضيءَ مطابق استعمال ڪندا آهيون؟ | | |
| ١٠ | ڇا اسان ماڻهن جي لاءِ سٺو مثال بڻجڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون؟ | | |

## گهرو ڪم

(١) حضرت هود ﷺ قوم کي دعوت ڏني ته. ”**هڪ الله جي عبادت ڪريو**“ انهن لفظن کي هڪ چارٽ تي سهڻن اکرن سان لکي رنگ ڀريو ۽ پنهنجي ڪنهن دوست کي سوکڙي ڪري ڏيو.

(٢) تيز هوا سان طوفان جو خاڪو ٺاهيو يا عاد قوم جي قتل ۽ ڏٺل جاين جون ڪجهه تصويرون هٿ ڪري چارٽ تي هڻو.

(٣) پنهنجي گهر وارن کان پڇا ڪري شرڪ جا ڪي به ٽي مثال لکو.

استاد جي صحيح: ________________ والدين/سرپرست جي صحيح: ________________

# حضرت صالح عليه السلام جو قصو

الله پاڪ حضرت صالح عليه السلام کي ثمود قوم ڏانهن رسول بڻائي موڪليو. ثمود قوم جي ابتدا عاد قوم جي انهن ماڻهن کان ٿي جن حضرت هود عليه السلام تي ايمان آندو هو جن کي الله پاڪ تيز هوا کان بچايو هو. اها قوم مدين ۽ شام جي وچ واري علائقي ۾ اچي آباد ٿي هئي.

الله پاڪ انهيءَ قوم کي وڏيون صلاحيتون ڏنيون هيون. اهي جبلن کي تڪي ڪري گهر ٺاهيندا هئا ۽ ڌرتي تي شاندار محل اڏيندا هئا. الله پاڪ انهن کي چوپاين، پٽن، باغن ۽ چشمن جهڙيون پليون نعمتون عطا ڪيون هيون.

ثمود قوم نڪي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪيو ۽ نه ئي ان جي عبادت ڪئي. نه رڳو ايترو پر هنن الله پاڪ سان شرڪ به ڪيو. الله پاڪ ثمود قوم کي سڌي واٽ ڏيکارڻ لاءِ حضرت صالح عليه السلام کي رسول ڪري موڪليو. پاڻ ماڻهن کي هڪ الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ لاءِ چيائون. پاڻ ماڻهن کي شرڪ ڪرڻ ۽ بتن جي پوڄا ڪرڻ کان منع ڪيائون. پر بگڙيل قوم حضرت صالح عليه السلام جي هڪ ڳالهه به ڪو نه مڃي بلڪ ان کان گهر ڪيائون، جنهن جو پورو ثبوت ظاهري طور اڻ ٿيڻو هو. ثمود قوم حضرت صالح عليه السلام کي چيو ته اوهان اسان کي جبل مان جيئري ڏاچي اسان جي اکين جي سامهون آڻي ڏيکاريو ته پوءِ اسان توهان کي الله پاڪ جو رسول مڃينداسون.

الله پاڪ انهن ماڻهن جي انهيءَ مطالبي کي پورو ڪري ڏيکاريو ۽ جبل مان هڪ جيئري ڏاچي نڪري آئي، جنهن کي قرآن پاڪ ”الله جي ڏاچي“ چيو آهي. انهيءَ معجزي ڏسڻ ڪانپوءِ به ٿورڙن ئي ماڻهن حضرت صالح عليه السلام تي ايمان آندو. حضرت صالح عليه السلام قوم کي خبردار ڪيو ته اها الله پاڪ جي ڏاچي آهي، هن کي ڪو به تڪليف ۽ نقصان نه رسائي. جيڪڏهن توهان انهيءَ ڏاچيءَ کي ڪو نقصان رسايو ته توهان تي الله پاڪ جو عذاب ايندو. ثمود قوم جي لاءِ پاڻي حاصل ڪرڻ جي هڪ ئي جاءِ هئي، جتان انهن جا ڍور ۽ الله پاڪ جي ڏاچي سيئي پاڻي پيئندا هئا.

حضرت صالح عليه السلام پاڻي پيئڻ جا ڏينهن مقرر ڪيا. پاڻ فرمايائون ته هڪ ڏينهن قوم جا ڍور پاڻي پيئندا ۽ هڪ ڏينهن الله پاڪ جي ڏاچي پاڻي پيئندي. قوم جي ماڻهن الله پاڪ جي ڏاچيءَ کي ڪجهه ڏينهن ته برداشت ڪندا رهيا پر پوءِ انهن منجهان ئي هڪ خراب ماڻهوءَ الله پاڪ جي ڏاچيءَ جون ڄنگهون وڍي ڇڏيون ۽ ان کي ماري ڇڏيائين. حضرت صالح عليه السلام قوم کي چيو ته توهان جي لاءِ ٽن ڏينهن جي مهلت آهي، توهان به ٽي ڏينهن مزا ماڻي وٺو پوءِ الله پاڪ جو عذاب اچي اوهان کي وڪوڙيندو.

ٽن ڏينهن کان پوءِ الله پاڪ جو عذاب هڪ نهايت تيز آواز ۽ زلزلي جي شڪل ۾ آيو جنهن سيني نافرمانن کي موت ڏئي ڇڏيو اهي پنهنجن گهرن ۾ گوڏن پر مئا پيا رهيا. انهن جا سهڻا گهر ۽ عاليشان محل کنڊر بڻجي ويا، ڇڻ ته انهن ۾ ڪو رهيو ئي نه هجي. ثمود قوم جا قتل ۽ تباهه ٿيل ماڳ مڪان اڄ به عبرت جو اهڃاڻ آهن. الله پاڪ حضرت صالح عليه السلام ۽ ايمان وارن کي انهيءَ عذاب کان پنهنجي پناهه ۾ رکيو. حضرت صالح عليه السلام پنهنجي تباهه ٿيندڙ قوم تي ارمان ڪندي فرمايو ته:

”مان توهان کي الله جا پيغام پهچايا هئا ۽ توهان جو خير ۽ ڀلائي گهري هئي، پر توهان چڱائي گهرندڙن کي پسند ئي ناهيو ڪندا.“

# حضرت صالح عليه السلام ۽ ثمود قوم جو علائقو



# حضرت صالح عليه السلام جو قصو

## سورة الاعراف آيتون : ٧٣ کان ٧٤

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| اَعُوْذُ | بِاللّٰهِ | مِنَ | الشَّيْطٰنِ | الرَّجِيْمِ | بِسْمِ | اللّٰهِ | الرَّحْمٰنِ | الرَّحِيْمِ ○ |

آءٌ الله جي پناهه تو گهران شيطان تڙيل کان

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

وَ اِلٰى ثَمُوْدَ اَخَاهُمْ صٰلِحًا ۘ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ

۽ (اسان موڪليو) ثمود جي طرف انهن جي ڀاءُ صالح کي ان (صالح) چيو اي منهنجي قوم! توهان عبادت ڪريو الله جي

مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ قَدْ جَآءَتْكُمْ بَيِّنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ ؕ

ناهي توهان لاءِ ڪوئي معبود ان (الله) کانسواءِ تحقيق پهتي توهان وٽ ثابتي توهان جي رب طرفان

هٰذِهٖ نَاقَةُ اللّٰهِ لَكُمْ اٰيَةً فَذَرُوْهَا تَاْكُلْ فِيْٓ اَرْضِ اللّٰهِ

هيءَ الله جي ڏاچي آهي توهان لاءِ خاص نشاني پوءِ توهان ڇڏيو ان کي (تہ) کائي الله جي زمين ۾

وَلَا تَمَسُّوْهَا بِسُوْٓءٍ فَيَاْخُذَكُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۷۳﴾ وَاذْكُرُوْٓا اِذْ جَعَلَكُمْ خُلَفَآءَ

۽ نہ توهان هٿ لايو ان کي برائي سان پوءِ (نہ تہ) وٺندو توهان کي عذاب دردناڪ. ۽ توهان ياد ڪريو جڏهن ان بڻايو توهان کي نائب

مِنْۢ بَعْدِ عَادٍ وَّ بَوَّاَكُمْ فِي الْاَرْضِ تَتَّخِذُوْنَ مِنْ سُهُوْلِهَا قُصُوْرًا

عاد کان پوءِ ۽ ان رهايو توهان کي ملڪ ۾ جو ٺاهيو پيا ان جي ميدانن تي ماڙيون

وَّ تَنْحِتُوْنَ الْجِبَالَ بُيُوْتًا ۚ فَاذْكُرُوْٓا اٰلَآءَ اللّٰهِ وَلَا تَعْثَوْا فِي الْاَرْضِ مُفْسِدِيْنَ ﴿۷۴﴾

۽ (توهان ٺاهيو پيا) جبلن کي ٽڪي ڪري گهر پوءِ توهان ياد ڪريو الله جون نعمتون ۽ نہ توهان وڳوڙ وجهو زمين ۾ فسادي ٿي.

## اهم نقطا

# حضرت صالح عَلَيْهِ السَّلَام جو قصو

## سورة الاعراف آيتون : ٧٥ کان ٧٩

قَالَ الۡمَلَاُ الَّذِيۡنَ اسۡتَكۡبَرُوۡا مِنۡ قَوۡمِهٖ لِلَّذِيۡنَ اسۡتُضۡعِفُوۡا لِمَنۡ اٰمَنَ مِنۡهُمۡ

چيو سردارن جن وڏائي ڪئي ان جي قوم مان انهن ماڻهن کي جيڪي ڪمزور سمجهيا ويندا هئا جن ايمان آندو هو انهن مان

اَتَعۡلَمُوۡنَ اَنَّ صٰلِحًا مُّرۡسَلٌ مِّنۡ رَّبِّهٖ ؕ قَالُوۡۤا

ڇا توهان ڄاڻو ٿا (ته) بيشڪ صالح موڪليل آهي پنهنجي رب طرفان؟ انهن چيو

اِنَّا بِمَاۤ اُرۡسِلَ بِهٖ مُؤۡمِنُوۡنَ ﴿٧٥﴾ قَالَ الَّذِيۡنَ اسۡتَكۡبَرُوۡۤا

يقينن اسان ان شيءِ تي جو اهي موڪليو ويو جنهن سان ايمان آڻيندڙ آهيون. چيو انهن ماڻهن جن تڪبر ڪيو

اِنَّا بِالَّذِىۡۤ اٰمَنۡتُمۡ بِهٖ كٰفِرُوۡنَ ﴿٧٦﴾ فَعَقَرُوا النَّاقَةَ

يقينن اسان جنهن تي توهان ايمان آندو ان جو انڪار ڪندڙ آهيون. پوءِ انهن پير وڍي وڌا ڏاچي جا

وَعَتَوۡا عَنۡ اَمۡرِ رَبِّهِمۡ وَقَالُوۡا يٰصٰلِحُ ائۡتِنَا بِمَا تَعِدُنَاۤ

۽ ڦري ويا پنهنجي رب جي حڪم (هجڻ) کان ۽ انهن چيو اي صالح! آڻ اسان تي اهو (عذاب) جنهن سان تون اسان کي ڊيڄارين ٿو

اِنۡ كُنۡتَ مِنَ الۡمُرۡسَلِيۡنَ ﴿٧٧﴾ فَاَخَذَتۡهُمُ الرَّجۡفَةُ فَاَصۡبَحُوۡا فِىۡ دَارِهِمۡ

جيڪڏهن آهين تون رسولن مان. پوءِ اچي ورتو انهن کي ڌوڏي پوءِ اهي ٿي پيا پنهنجن گهرن ۾

جٰثِمِيۡنَ ﴿٧٨﴾ فَتَوَلّٰى عَنۡهُمۡ وَقَالَ يٰقَوۡمِ

گوڏن ڀر اونڌا. پوءِ منهن ڦيرايو (صالح) انهن کان ۽ چيو اي منهنجي قوم!

لَقَدۡ اَبۡلَغۡتُكُمۡ رِسَالَةَ رَبِّىۡ وَنَصَحۡتُ لَـكُمۡ وَلٰكِنۡ لَّا تُحِبُّوۡنَ النّٰصِحِيۡنَ ﴿٧٩﴾

بلاشبہ مون پهچايو توهان کي پيغام پنهنجي رب جو ۽ (مون) خير خواهي ڪئي توهان جي ۽ نه توهان پسند ڪيو خيرخواهي ڪندڙن کي.

# اهم نقطا

# حضرت صالح عليه السلام جو قصو

## سورة هود آيتون : ٦١ کان ٦٣

وَاِلٰى ثَمُوْدَ اَخَاهُمْ صٰلِحًا ۘ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ

۽ (اسان موڪليو) ثمود ڏانهن انهن جي ڀاءُ صالح کي ان چيو اي منهنجي قوم! توهان الله جي عبادت ڪريو

مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ هُوَ اَنْشَاَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ وَاسْتَعْمَرَكُمْ فِيْهَا

ناهي توهان لاءِ ڪوئي معبود سواءِ ان جي انهيءَ پيدا ڪيو توهان کي زمين مان ۽ ان آباد ڪيو توهان کي ان ۾

فَاسْتَغْفِرُوْهُ ثُمَّ تُوْبُوْٓا اِلَيْهِ ؕ اِنَّ رَبِّيْ قَرِيْبٌ مُّجِيْبٌ ﴿٦١﴾

سو توهان بخشش گهرو ان کان پوءِ توهان رجوع ٿيو ان ڏانهن بيشڪ منهنجو رب ويجهو آهي (دعائون) قبول ڪندڙ آهي.

قَالُوْا يٰصٰلِحُ قَدْ كُنْتَ فِيْنَا مَرْجُوًّا قَبْلَ هٰذَآ اَتَنْهٰنَآ

انهن چيو اي صالح! تحقيق هئين تون اسان ۾ اميدن جو مرڪز هن کان اڳ ڇا تون روڪين ٿو اسان کي

اَنْ نَّعْبُدَ مَا يَعْبُدُ اٰبَآؤُنَا وَاِنَّنَا لَفِيْ شَكٍّ

(هن کان) جو اسان عبادت ڪريون ان جي جن جي عبادت ڪندا هئا اسان جا پيءُ ڏاڏا؟ ۽ بيشڪ اسان البت شڪ ۾ آهيون

مِّمَّا تَدْعُوْنَآ اِلَيْهِ مُرِيْبٍ ﴿٦٢﴾ قَالَ يٰقَوْمِ

ان (توحيد) کان جو تون سڏين ٿو اسان کي ان جي طرف جيڪو منجهائيندڙ آهي. (صالح ع) چيو اي منهنجي قوم!

اَرَءَيْتُمْ اِنْ كُنْتُ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّيْ وَاٰتٰىنِيْ مِنْهُ رَحْمَةً

ڀلا ڏيو ته جيڪڏهن هجان مان ظاهر ثابتي تي پنهنجي رب طرفان ۽ ان ڏني مون کي پاڻ وٽان رحمت

فَمَنْ يَّنْصُرُنِيْ مِنَ اللّٰهِ اِنْ عَصَيْتُهٗ ۫

ته ڪير مدد ڪندو منهنجي الله (جي عذاب) کان جيڪڏهن (اوهان جو چيو مڃي) آءٌ نافرماني ڪريان؟

فَمَا تَزِيْدُوْنَنِيْ غَيْرَ تَخْسِيْرٍ ﴿٦٣﴾

پوءِ نه ٿا توهان وڌايو منهنجي لاءِ سواءِ نقصان جي.

## اهم نقطا

# حضرت صالح عليه السلام جو قصو

## سورة هود آيتون : ٦٤ کان ٦٨

وَ يٰقَوۡمِ هٰذِهٖ نَاقَةُ اللّٰهِ لَكُمۡ اٰيَةً فَذَرُوۡهَا تَاۡكُلۡ فِيۡۤ اَرۡضِ اللّٰهِ

۽ اي منهنجي قوم! هيءَ الله جي ڏاچي آهي توهان لاءِ نشاني (معجزو) پوءِ توهان ڇڏيو ان کي (تہ) کائي (چري) الله جي زمين ۾

وَلَا تَمَسُّوۡهَا بِسُوۡٓءٍ فَيَاۡخُذَكُمۡ عَذَابٌ قَرِيۡبٌ ﴿٦٤﴾ فَعَقَرُوۡهَا

۽ نہ توهان هٿ لائجو ان کي بڇڙي (نيت) سان (نہ) تہ وٺندو توهان کي عذاب هڪدم. پوءِ انهن ڪچ وڍيا ان جا

فَقَالَ تَمَتَّعُوۡا فِيۡ دَارِكُمۡ ثَلٰثَةَ اَيَّامٍ ؕ ذٰلِكَ وَعۡدٌ غَيۡرُ مَكۡذُوۡبٍ ﴿٦٥﴾

تہ (صالح) چيو توهان مزا ڪري وٺو پنهنجن گهرن ۾ ٽي ڏينهن اهو واعدو آهي (جو) نہ ڪوڙ ڳالهايو ويو (ان ۾).

فَلَمَّا جَآءَ اَمۡرُنَا نَجَّيۡنَا صٰلِحًا وَّالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا مَعَهٗ بِرَحۡمَةٍ مِّنَّا

پوءِ جڏهن آيو اسان جو حڪم (عذاب) (تہ) اسان بچايو صالح کي ۽ انهن ماڻهن کي جن ايمان آندو ان سان گڏ پنهنجي رحمت سان

وَمِنۡ خِزۡيِ يَوۡمِئِذٍ ؕ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ الۡقَوِيُّ الۡعَزِيۡزُ ﴿٦٦﴾

۽ خواري کان (بہ) ان (قيامت جي) ڏينهن جي بيشڪ تنهنجو رب اهو ئي طاقتور (۽) زبردست آهي.

وَاَخَذَ الَّذِيۡنَ ظَلَمُوا الصَّيۡحَةُ فَاَصۡبَحُوۡا فِيۡ دِيَارِهِمۡ جٰثِمِيۡنَ ﴿٦٧﴾ۙ

۽ اچي پڪڙيو انهن ماڻهن کي جن ظلم ڪيو رڙ تہ اهي ٿي پيا پنهنجن گهرن ۾ اونڌن گوڏن ڀر.

كَاَنۡ لَّمۡ يَغۡنَوۡا فِيۡهَا ؕ اَلَاۤ اِنَّ ثَمُوۡدَاۡ كَفَرُوۡا رَبَّهُمۡ ؕ

ڄڻ تہ نہ رهيا هئا اهي انهن (گهرن) ۾، خبردار ٿيو! بيشڪ (قوم) ثمود انڪار ڪيو پنهنجي رب جو

اَلَا بُعۡدًا لِّثَمُوۡدَ ﴿٦٨﴾ ع

پڌو! تباهي ٿي (قومِ) ثمود لاءِ.

# اهم نقطا

# حضرت صالح عليه السلام جو قصو

## سورة الشعراء آيتون : ١٤١ کان ١٥٠

كَذَّبَتْ ثَمُوْدُ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٤١﴾ اِذْ قَالَ لَهُمْ اَخُوْهُمْ صٰلِحٌ اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿١٤٢﴾

ڪوڙو ڪيو (ثمود جي) قوم رسولن کي. جڏهن چيو انهن کي انهن جي ڀاءُ صالح ڇا نہ ٿا توهان ڊڄو (الله کان)؟

اِنِّيْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ ﴿١٤٣﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوْنِ ﴿١٤٤﴾

بيشڪ آءٌ آهيان توهان جو رسول امانتدار. پوءِ توهان ڊڄو الله کان ۽ تابعداري ڪريو منهنجي.

وَمَآ اَسْئَلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلٰى رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٤٥﴾

۽ نہ تو آءٌ گهران ان (تبليغ) تي ڪوئي اجورو، ناهي منهنجو اجورو مگر رب العالمين تي.

اَتُتْرَكُوْنَ فِيْ مَا هٰهُنَآ اٰمِنِيْنَ ﴿١٤٦﴾ فِيْ جَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ ﴿١٤٧﴾ وَّزُرُوْعٍ وَّنَخْلٍ

ڇا توهان ڇڏيا ويندؤ انهن شين ۾ جيڪي هتي آهن امن سان؟ (يعني) باغن ۾ ۽ چشمن ۾ ۽ پوک ۾ ۽ کجين ۾

طَلْعُهَا هَضِيْمٌ ﴿١٤٨﴾ وَتَنْحِتُوْنَ مِنَ الْجِبَالِ بُيُوْتًا فٰرِهِيْنَ ﴿١٤٩﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوْنِ ﴿١٥٠﴾

جن جا گوشا ڳتيل آهن. ۽ توهان (ٺُڪي) گهڙيو ٿا جبلن مان گهر ڪاريگر ٿي. پوءِ توهان ڊڄو الله کان ۽ تابعداري ڪريو منهنجي.

# اهم نقطا

# حضرت صالح عليه السلام جو قصو

## سورة الشعراء آيتون : ١٥١ کان ١٥٩

وَلَا تُطِيعُوٓا أَمْرَ الْمُسْرِفِينَ ﴿١٥١﴾ الَّذِينَ يُفْسِدُونَ فِي الْأَرْضِ وَلَا يُصْلِحُونَ ﴿١٥٢﴾

۽ نہ توهان تابعداري ڪريو حد کان لنگهندڙن جي حڪم جي. اهي جيڪي فساد ڪن ٿا زمين ۾ ۽ نہ ٿا اهي سڌارو ڪن.

قَالُوٓا إِنَّمَآ أَنْتَ مِنَ الْمُسَحَّرِينَ ﴿١٥٣﴾ مَآ أَنْتَ إِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا فَأْتِ بِأٰيَةٍ

انهن چيو رڳو تون جادو ڪيلن مان آهين. ناهين تون (ڪجهہ ٻيو) مگر بشر اسان جهڙو پوءِ تون آڻ ڪا نشاني (معجزو)

إِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِينَ ﴿١٥٤﴾ قَالَ هٰذِهٖ نَاقَةٌ لَّهَا شِرْبٌ

جيڪڏهن آهين تون سچن مان؟ ان (صالح) چيو هي ڏاچي (معجزو) آهي جنهن لاءِ (پاڻي) پيئڻ جو وارو آهي

وَّلَكُمْ شِرْبُ يَوْمٍ مَّعْلُومٍ ﴿١٥٥﴾ وَلَا تَمَسُّوهَا بِسُوٓءٍ فَيَأْخُذَكُمْ عَذَابُ يَوْمٍ عَظِيمٍ ﴿١٥٦﴾

۽ توهان لاءِ (ٻہ) (پاڻي) پيئڻ جو وارو آهي هڪ ڏينهن مقرر. ۽ نہ توهان هٿ لايو ان کي ايذائڻ لاءِ پوءِ وٺندو توهان کي عذاب هڪ وڏي ڏينهن جو.

فَعَقَرُوهَا فَأَصْبَحُوا نٰدِمِينَ ﴿١٥٧﴾ فَأَخَذَهُمُ الْعَذَابُ إِنَّ فِي ذٰلِكَ لَأٰيَةً

پوءِ انهن پير وڍيا ان (ڏاچي) جا پوءِ اهي ٿيا پشيمان. پوءِ ورتو انهن کي عذاب بيشڪ ان ۾ البت وڏي نشاني آهي

وَمَا كَانَ أَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِينَ ﴿١٥٨﴾ وَإِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيزُ الرَّحِيمُ ﴿١٥٩﴾

۽ نہ هئا انهن جا گهڻا ايمان آڻيندڙ. ۽ بيشڪ تنهنجو رب البت اهو آهي نهايت غالب رحم وارو.

# اهم نقطا

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

ٻارؤ! انهيءَ مان اسان کي خبر پئي ٿي تہ :

(١) حضرت صالح ﷺ هڪ الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ لاءِ چيو. (الاعراف: ٧٣- هود: ٦١)
(٢) رسولن ۽ انهن جي معجزن جو انڪار ڪندڙن کي هميشہ عذاب ڏنو ويو. (الاعراف: ٧٣- هود: ٦٥،٦٧)
(٣) معجزا الله پاڪ جي قدرت جو اظهار ۽ رسولن جي سچائيءَ جو دليل هوندا آهن. (الاعراف: ٧٣- هود: ٦٤)
(٤) اسان کي سڀني رسولن ۽ سندن معجزن تي ايمان هجڻ گهرجي. (الاعراف: ٧٣- هود: ٦٤)
(٥) رسولن وانگر اسان کي بہ ماڻهن کي نيڪي ڏانهن آڻڻ جي لاءِ هر ممڪن وس ۽ ڪوشش ڪرڻ گهرجي. (الاعراف: ٧٤- هود: ٦١)
(٦) گهڻا نافرمان شاهوڪار ماڻهو غريب ايمان وارن جي مخالفت ڪندا آهن (الاعراف: ٧٦)
(٧) خراب ڪم ڪندڙن کي برائيءَ کان نہ جهلڻ بہ هڪ برائي آهي، جنهن ڪري الله پاڪ ٻاران عذاب جو خطرو هوندو آهي. (الاعراف: ٧٧- هود: ٦٥، ٦٤)
(٨) الله پاڪ جي نافرماني انسان کي الله پاڪ جي رحمت کان پري ڪري ڇڏيندي آهي. (الاعراف: ٧٨، ٧٧- هود: ٦٣،٦٧،٦٨)
(٩) اسان کي ماڻهن کي ڀلائيءَ ۽ همدردي واري جذبي سان نيڪيءَ جو سڏ ڏيڻ گهرجي. (الاعراف: ٧٩)
(١٠) الله پاڪ رسولن ۽ ايمان وارن کي دنيا جي عذاب ۽ آخرت جي بچاءَ کان نجات عطا ڪندو آهي. (هود: ٦٦)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال: ١. ڪالم (الف) جي هر جملي کي ڪالم (ب) جي صحيح جواب کي ليڪ ڏئي ملايو:

| الف | ب |
|---|---|
| (١) حضرت صالح ﷺ جو معجزو | الف-شرڪ ڪرڻ هو |
| (٢) عاد قوم کان پوءِ | ب- وڏا وڏا محل اڏيندي هئي |
| (٣) ثمود قوم جو ڏوهہ | ج- عذاب کان اڳ ٽن ڏينهن جي مهلت ڏني |
| (٤) ثمود قوم | د-ڏاچي هئي |
| (٥) حضرت صالح ﷺ پنهنجي قوم کي | هـ- ثمود قوم آئي |

سوال:٢: هيٺ ڏنل جملن بابت ٻڌايو ته اهي ڪنهن جا قول آهن:

| نمبر | جملا | الله پاڪ جو | صالح ﷥ جو | قوم جو |
|---|---|---|---|---|
| ١ | هيءَ الله پاڪ جي ڏاچي توهان جي لاءِ هڪ نشاني آهي | | | |
| ٢ | يقيناً توهان انهيءَ کان اڳ اسان جي اميدن جو مرڪز هئا | | | |
| ٣ | پوءِ جڏهن مٺن عذاب آيو ته اسان صالح ﷥ کي ۽ ايمان وارن کي بچايو | | | |
| ٤ | اسان انهيءَ جي عبادت ڪنداسون، جنهن جي عبادت اسان جا ابا ڏاڏا ڪندا هئا | | | |
| ٥ | توهان هن ڏاچيءَ کي نقصان نه رسائجو نه ته توهان تي عذاب ايندو | | | |

سوال:٣: هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(١) حضرت صالح ﷥، جي باري ۾ ٽي ڳالهيون لکو.

(٢) معجزو ڇا کي چوندا آهن؟

(٣) قرآن شريف ۾ اڳين قومن جو ذڪر ڇو ڪيو ويو آهي؟

سوال:۴: صحيح جواب تي رنگ ڀريو:

(۱) حضرت صالح عليه السلام ڪهڙي نبي عليه السلام ڪانپوءِ آيا؟

| | | | |
|---|---|---|---|
|  |  |  |  |
| حضرت نوح عليه السلام | حضرت آدم عليه السلام | حضرت هود عليه السلام | حضرت لوط عليه السلام |

(۲) حضرت صالح عليه السلام جي قوم جي خراب ماڻهوءَ الله پاڪ جي ڏاچيءَ کي ڪهڙيءَ طرح ماريو؟

| | | | |
|---|---|---|---|
|  |  |  |  |
| ان جي ڳچي وڍيائين | ان جو پيچ ڪپيائين | ان جون ڄنگهون وڍي ڇڏيائين | ان جو پيٽ ڦاڙيائين |

(۳) ثمود قوم جبلن جو استعمال ڇا لاءِ ڪندي هئي؟

| | | | |
|---|---|---|---|
|  |  |  |  |
| گهر ٺاهڻ لاءِ | بت ٺاهڻ لاءِ | لوڻ ڪيڻ لاءِ | سون ڪيڻ لاءِ |

(۴) ثمود قوم ڪهڙي معجزي جي گهر ڪئي؟

| | | | |
|---|---|---|---|
|  |  |  |  |
| ڳئون | شينهن | ڏاچي | هاٿي |

(۵) الله پاڪ کي ڪهڙي شيءِ پسند ناهي؟

| | | | |
|---|---|---|---|
|  |  |  |  |
| سچ ڳالهائڻ | شرڪ | فرمانبرداريءَ ڪرڻ | نيڪي ڪرڻ |

سوال: ۵: هيٺ ڏنل جملن تي صحيح (✓) يا غلط (x) جو نشان لڳايو:

| نمبر | جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|---|
| ١ | ثمود قوم الله پاڪ جي فرمانبردار قوم هئي | | |
| ٢ | ثمود قوم عذاب ڏسندي ئي توبهه تائب ٿي | | |
| ٣ | ثمود قوم تي سندن نافرمانين جي ڪري زلزلي جو عذاب آيو | | |
| ۴ | ثمود قوم جا تباهه ٿيل ماڳ مڪان اڄ به موجود آهن | | |
| ۵ | ثمود قوم، حضرت نوح عليه السلام جي قوم مان بچي ويندڙ ماڻهن تي مشتمل هئي | | |

## گهرو ڪم

(١) الله پاڪ حضرت صالح عليه السلام کي ڏاچيءَ جو معجزو عطا ڪيو هو پنهنجي گهر وارن سان ڳالهه ٻولهه ڪري ٽن ٻين رسولن جا نالا ۽ انهن کي ڏنل معجزا لکي ڪٽي اچو.

(٢) زلزلي جي تباهيءَ جون ڪجهه تصويرون ڳڏ ڪري چارٽ ٺاهيو.

(٣) هيٺ ڏنل تصويرن ۾ پنهنجي گهر وارن جي مدد سان اٺ مان ملندڙ فائدن ۾ رنگ ڀريو.




استاد جي صحيح: ____________ والدين/سرپرست جي صحيح: ____________

# حضرت لوط عليه السلام جو قصو

حضرت لوط عليه السلام، حضرت ابراهيم عليه السلام جا ڀائٽيا هئا. پاڻ حضرت ابراهيم عليه السلام سان گڏجي عراق مان هجرت ڪئي هئائون. حضرت ابراهيم عليه السلام حضرت لوط عليه السلام کي فلسطين جي ويجهو عَمُورَه ۽ سَدُوم جي ڳوٺن ڏانهن موڪليو. حضرت لوط عليه السلام اتي شادي ڪئي. حضرت لوط عليه السلام جي قوم شرڪ ۾ ڦاٿل هئي ۽ شرڪ سان گڏوگڏ انهن هڪ اهڙي برائيءَ جي شروعات ڪئي، جيڪا انهن کان اڳ ۾ دنيا ۾ ڪنهن به ڪونه ڪئي هئي، ان قوم جا مرد عورتن سان شادي ڪرڻ بدران مردن سان ئي پنهنجي خواهش پوري ڪندا هئا. تنهن ڪري الله پاڪ انهيءَ قوم جي اصلاح ۽ سڌاري واسطي حضرت لوط عليه السلام کي رسول بڻائي موڪليو.

حضرت لوط عليه السلام قوم کي ڏاڍو سمجهايو ته اهي الله پاڪ سان شرڪ نه ڪن ۽ برائين کان مڙي وڃن. قوم حضرت لوط عليه السلام کي تڙي ۾ دڙڪو ڏنو ته تون ڏاڍو پاڪ صاف ٿيو وتين ٿو گهمندو، اسان تو کي پنهنجي وستيءَ مان ڪڍي ڇڏينداسون.

جڏهن قوم پنهنجي برائين ۽ ڏنگائين کي ڪونه ڇڏيو ته الله پاڪ انهن تي عذاب موڪليو. عذاب آڻيندڙ ملائڪ نهايت سهڻن ڇوڪرن جي شڪل ۾ حضرت لوط عليه السلام جي گهر آيا. حضرت لوط عليه السلام انهن کي ڏسي پريشان ٿيا. ڪين ڄڻ هو ته ڪٿي منهنجن انهن اوپرن مهمانن کي منهنجي قوم پنهنجي برائيءَ جو نشانو نه بڻائي ۽ مون کي مهمانن جي سامهون بدنام نه ٿيڻو پوي. جلد ئي قوم کي به انهن مهمانن جي اچڻ جي خبر پئجي ويئي ۽ اهي سڀ جو سڀ حضرت لوط عليه السلام جي گهر پهچي ويا. حضرت لوط عليه السلام پنهنجي قوم کي سمجهايو ته منهنجو لحاظ ڪريو. منهنجي لڄ رکو ۽ منهنجن مهمانن کي نقصان نه رسايو ڇا اوهان مان ڪو هڪ به سياڻو سيبتو ماڻهو ڪونهي؟

حضرت لوط عليه السلام انهن کي عورتن سان شادي ڪرڻ جي نصيحت ڪئي. قوم چيو ته تون ڄاڻين ٿو ته اسان جي عورتن ۾ ڪا به دلچسپي ناهي.

مهمانن حضرت لوط عليه السلام کي آٿت ڏني ته اسان انسان ناهيون بلڪ الله پاڪ پاران موڪليل ملائڪ (فرشتا) آهيون. هنن چيو ته هي نافرمان ماڻهو اسان کي ڪجهه به نٿا ڪري سگهن. ملائڪن حضرت لوط عليه السلام کي چيو ته اوهان پنهنجين نياڻين سميت رات جو ئي هن وستيءَ مان نڪري وڃو ڇو ته صبح ٿيندي ئي انهن تي عذاب موڪليو ويندو. اهڙي طرح صبح ٿيندي ئي حضرت لوط عليه السلام جي قوم تي الله پاڪ جو عذاب اچي پهتو. نافرمان قوم کي انڌو ڪيو ويو. انهن جي ڳوٺن کي ڪٽي اونڌو ڪيو ويو ۽ انهن تي آسمان مان پٿرن جو مينهن وسايو ويو. حضرت لوط عليه السلام جي زال به عذاب جو شڪار ٿي وئي، ڇو ته ان جون همدرديون به پنهنجي نافرمان قوم ئي سان هيون. اهڙيءَ طرح اهي نافرمان ماڻهو ئي ختم ڪيا ويا. اڄ به انهن اجڙيل ۽ ويران وستين ۽ ڳوٺن جا آثار بحر مُردار (Dead Sea) جي ويجهو عبرت جو سبق پيا ڏين.

# حضرت لوط علیہ السلام جو قصو

## سورة الاعراف آيتون : ٨٠ کان ٨٤

| | |
|---|---|
| اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ | بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○ |
| آءٌ الله جي پناهہ تو گهران شيطان تڙيل کان | شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي. |

وَلُوْطًا اِذْ قَالَ لِقَوْمِهٖٓ اَتَاْتُوْنَ الْفَاحِشَةَ مَا سَبَقَكُمْ بِهَا مِنْ اَحَدٍ مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٨٠﴾

۽ (اسان موڪليو) لوط کي جڏهن ان چيو پنهنجي قوم کي ڇا توهان ڪيو ٿا اهڙي بي حيائي (جو) نہ ڪئي توهان کان اڳي اها (بي حيائي) ڪنهن بہ جهان وارن مان.

اِنَّكُمْ لَتَاْتُوْنَ الرِّجَالَ شَهْوَةً مِّنْ دُوْنِ النِّسَآءِ ؕ بَلْ اَنْتُمْ قَوْمٌ مُّسْرِفُوْنَ ﴿٨١﴾

بلاشبہ توهان اچو ٿا مردن ڏي شهوت سان عورتن کي ڇڏي پر توهان حد کان لنگهندڙ قوم آهيو.

وَمَا كَانَ جَوَابَ قَوْمِهٖٓ اِلَّآ اَنْ قَالُوْٓا اَخْرِجُوْهُمْ مِّنْ قَرْيَتِكُمْ ۚ اِنَّهُمْ اُنَاسٌ يَّتَطَهَّرُوْنَ ﴿٨٢﴾

۽ نہ هيو جواب ان قوم جو مگر هي جو انهن چيو ڪيڏي ڇڏيو انهن کي پنهنجي ڳوٺ مان بيشڪ اهي ماڻهو وڏا پاڪ ٿا بڻجن.

فَاَنْجَيْنٰهُ وَاَهْلَهٗٓ اِلَّا امْرَاَتَهٗ ۖ كَانَتْ مِنَ الْغٰبِرِيْنَ ﴿٨٣﴾

پوءِ اسان بچايو ان کي ۽ ان جي گهروارن کي سواءِ ان جي زال جي (تہ) هئي اها پوئتي رهندڙن (هلاڪ ٿيندڙن) مان.

وَاَمْطَرْنَا عَلَيْهِمْ مَّطَرًا ؕ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿٨٤﴾

۽ اسان وسايوسون انهن تي (پٿرن جو) مينهن پوءِ تون ڏس ڪيئن ٿيو انجام مجرمن (ڏوهارين) جو؟

## حضرت لوط علیہ السلام ۽ قوم لوط علیہ السلام جو علائقو



# حضرت لوط عَلَيْهِ السَّلَام جو قصو

## سورة هود آيتون : ٧٧ کان ٨٣

وَلَمَّا جَآءَتْ رُسُلُنَا لُوْطًا سِيْٓءَ بِهِمْ وَضَاقَ بِهِمْ ذَرْعًا وَّقَالَ

۽ جڏهن آيا اسان جا قاصد لوط وٽ (ته) اهو گهٻرائجي ويو انهن جي کري ۽ تنگ ٿيو انهن جي کري دل ۾ ۽ چيائين

هٰذَا يَوْمٌ عَصِيْبٌ ﴿٧٧﴾ وَجَآءَهٗ قَوْمُهٗ يُهْرَعُوْنَ اِلَيْهِ ؕ وَمِنْ قَبْلُ كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ السَّيِّاٰتِ ؕ

هي ڏينهن آهي ڏاڍو ڏکيو. ۽ آئي ان وٽ سندس قوم ڊوڙندي ان ڏانهن ۽ پهريان کان ئي هئا اهي عمل ڪندا بڇڙا

قَالَ يٰقَوْمِ هٰٓؤُلَآءِ بَنَاتِيْ هُنَّ اَطْهَرُ لَكُمْ فَاتَّقُوا اللّٰهَ

(لوط) چيو اي منهنجي قوم! هي آهن ڌيئرون منهنجي (قوم جون انهن سان نڪاح ڪريو) اهي زياده پاڪ آهن اوهان لاءِ پوءِ توهان الله کان ڊڄو

وَلَا تُخْزُوْنِ فِيْ ضَيْفِيْ ؕ اَلَيْسَ مِنْكُمْ رَجُلٌ رَّشِيْدٌ ﴿٧٨﴾ قَالُوْا لَقَدْ عَلِمْتَ

۽ نه توهان خوار ڪريو مون کي منهنجي مهمانن ۾ ڇا ناهي توهان ۾ ڪوئي ماڻهو سمجهدار. انهن چيو البت تحقيق تون ڄاڻين ٿو

مَا لَنَا فِيْ بَنٰتِكَ مِنْ حَقٍّ ۚ وَاِنَّكَ لَتَعْلَمُ مَا نُرِيْدُ ﴿٧٩﴾

(ته) نه (آهي) اسان لاءِ تنهنجي (قوم جي) ڌيئرن ۾ ڪوئي حق (دلچسپي) ۽ بيشڪ تون البت ڄاڻين ٿو جيڪو اسان چاهيون ٿا.

قَالَ لَوْ اَنَّ لِيْ بِكُمْ قُوَّةً اَوْ اٰوِيْٓ اِلٰى رُكْنٍ شَدِيْدٍ ﴿٨٠﴾

(لوط) چيو جيڪر ته (هجي ها) مون لاءِ توهان جي مقابلي جي ڪا طاقت يا آءٌ پناهه وٺان ها ڪنهن مضبوط سهاري ڏانهن.

قَالُوْا يٰلُوْطُ اِنَّا رُسُلُ رَبِّكَ لَنْ يَّصِلُوْٓا اِلَيْكَ

(فرشتن) چيو اي لوط! بيشڪ اسان قاصد آهيون تنهنجي رب جا هرگز نه اهي پهچندا توڏانهن

فَاَسْرِ بِاَهْلِكَ بِقِطْعٍ مِّنَ الَّيْلِ وَلَا يَلْتَفِتْ مِنْكُمْ اَحَدٌ اِلَّا امْرَاَتَكَ ؕ

پوءِ تون وٺي نڪر پنهنجي گهر وارن کي رات جي هڪ حصي ۾ ۽ نه (پوئتي) واجهائي توهان مان ڪوئي (ٻ) مگر تنهنجي زال (واجهائيندي)

اِنَّهٗ مُصِيْبُهَا مَآ اَصَابَهُمْ ؕ اِنَّ مَوْعِدَهُمُ الصُّبْحُ ؕ اَلَيْسَ الصُّبْحُ بِقَرِيْبٍ ﴿٨١﴾

بيشڪ اهو (عذاب) پهچندو ان کي جيڪو پهتو انهن (ڪافرن) کي بيشڪ انهن جي واعدي (عذاب) جو وقت صبح آهي ڇا ناهي صبح ويجهو؟

فَلَمَّا جَآءَ اَمْرُنَا جَعَلْنَا عَالِيَهَا سَافِلَهَا وَاَمْطَرْنَا عَلَيْهَا

پوءِ جڏهن آيو اسان جو حڪم (عذاب) (ته) اسان ڪيو ان جي مٿين پاسي کي ان جو هيٺيون (يعني زمين کي اونڌو ڪيوسين) ۽ اسان وسايو ان (ڳوٺ) تي

حِجَارَةً مِّنْ سِجِّيْلٍ ۬ۙ مَّنْضُوْدٍ ﴿٨٢﴾ مُّسَوَّمَةً عِنْدَ رَبِّكَ ؕ وَمَا هِيَ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ بِبَعِيْدٍ ﴿٨٣﴾

پٿرُ ڪنڪريت (جي قسم) مان ته به ته. نشان ڪيل تنهنجي رب وٽان ۽ ناهي اِهو (ڳوٺ) ظالمن کان پري.

# اهم نقطا

# حضرت لوط عليه السلام جو قصو

## سورة الشعراء آيتون : ١٦٠ کان ١٦٦

كَذَّبَتْ قَوْمُ لُوطِ الْمُرْسَلِينَ ﴿١٦٠﴾ إِذْ قَالَ لَهُمْ أَخُوهُمْ لُوطٌ أَلَا تَتَّقُونَ ﴿١٦١﴾

ڪوڙو ڪيو لوط جي قوم رسولن کي. جڏهن چيو انهن کي انهن جي ڀاءُ لوط ڇا نه ٿا توهان ڊڄو (الله کان).

إِنِّي لَكُمْ رَسُولٌ أَمِينٌ ﴿١٦٢﴾ فَاتَّقُوا اللَّهَ وَأَطِيعُونِ ﴿١٦٣﴾

بيشڪ آءٌ آهيان توهان جو رسول امانت وارو. پوءِ توهان ڊڄو الله کان ۽ تابعداري ڪريو منهنجي.

وَمَا أَسْأَلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ أَجْرٍ إِنْ أَجْرِيَ إِلَّا عَلَىٰ رَبِّ الْعَالَمِينَ ﴿١٦٤﴾

۽ نه تو آءٌ گهران توهان کان ان (تبليغ) تي ڪوئي اجورو ناهي منهنجو اجورو مگر (الله) رب العالمين تي.

أَتَأْتُونَ الذُّكْرَانَ مِنَ الْعَالَمِينَ ﴿١٦٥﴾ وَتَذَرُونَ

ڇا توهان اچو ٿا (جنسي تسڪين لاءِ) نَرن ڏانهن جهان (وارن) مان. ۽ توهان ڇڏيو ٿا

مَا خَلَقَ لَكُمْ رَبُّكُمْ مِنْ أَزْوَاجِكُمْ ۚ بَلْ أَنْتُمْ قَوْمٌ عَادُونَ ﴿١٦٦﴾

اهي جيڪي پيدا ڪيون توهان لاءِ توهان جي رب توهان جي زالن مان؟ پر توهان قوم آهيو حد کان لنگهندڙ.

# اهم نقطا

# حضرت لوط عَلَيْهِ السَّلَام جو قصو

## سورة الشعراء آيتون : ١٦٧ کان ١٧٥

قَالُوْا لَئِنْ لَّمْ تَنْتَهِ يٰلُوْطُ لَتَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُخْرَجِيْنَ ﴿١٦٧﴾

انهن چيو البت جيڪڏهن نه تون باز ايندين (ان ڳالهه کان) اي لوط! ته ضرور تيندين تون تڙيلن مان.

قَالَ اِنِّيْ لِعَمَلِكُمْ مِّنَ الْقَالِيْنَ ﴿١٦٨﴾ؕ رَبِّ نَجِّنِيْ وَ اَهْلِيْ

ان (لوط) چيو بيشڪ آءٌ آهيان توهان جي عملن کان نفرت ڪندڙن مان. اي منهنجا رب تون بچاءِ مون کي ۽ منهنجي گهر وارن کي

مِمَّا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٦٩﴾ فَنَجَّيْنٰهُ وَ اَهْلَهٗۤ اَجْمَعِيْنَ ﴿١٧٠﴾ۙ اِلَّا عَجُوْزًا فِي الْغٰبِرِيْنَ ﴿١٧١﴾ۚ

ان (عمل) کان جيڪي اهي ڪن ٿا. پوءِ اسان بچايو ان کي ۽ ان جي گهر وارن کي سڀني کي. سواءِ هڪ پوڙهي جي اها هئي پوئتي رهندڙن مان.

ثُمَّ دَمَّرْنَا الْاٰخَرِيْنَ ﴿١٧٢﴾ۚ وَ اَمْطَرْنَا عَلَيْهِمْ مَّطَرًا ۚ فَسَآءَ مَطَرُ الْمُنْذَرِيْنَ ﴿١٧٣﴾

پوءِ اسان برباد ڪيو ٻين کي. ۽ اسان وسايوسون انهن تي (پٿرن جو) مينهن پوءِ بڇڙو هو مينهن (عذاب کان) ڊيڄاريلن جو.

اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَمَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٧٤﴾ وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿١٧٥﴾ؑ

بيشڪ ان ۾ وڏي نشاني آهي (قدرت جي) ۽ نه هئا انهن جا گهڻا ايمان آڻيندڙ. ۽ بيشڪ تنهنجو رب البت اهو آهي زبردست مهربان.

## اهم نقطا

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

ٻارڙو! اسان کي ڄاڻ ملي ته:

(١) الله پاڪ کي بيحيائي ۽ بي شرمي پسند ناهي، اسان کي شرم ۽ حياءُ اختيار ڪري پاڪ صاف ۽ اڇي اجري زندگي گذارڻ گهرجي. (الاعراف: ٨١،٨٠)

(٢) مرد ۽ عورت جي شادي ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي ۽ پاڪ ۽ پلو طريقو آهي.(الاعراف: ٨١_ هود: ٧٨_ الشعراء: ١٦٦)

(٣) هر دور ۾ خراب ماڻهو نبين عليهم السلام جي مخالفت ڪندا رهيا آهن. (الاعراف: ٨٢_ الشعراء: ١٦٧)

(۴) الله پاڪ حياءَ وارو ٽيڙ ۽ پاڪ صاف رهندڙن کي ڪامياب ڪندو آهي. (الاعراف:٨٣_ الشعراء: ١٦٩، ١٧٠)

(۵) جيڪڏهن انسان ايمان ۽ نيڪ عملن ۾ پوئتي رهجي وڃي ته ڪنهن نيڪ ماڻهوءَ سان مائٽيءَ وارو تعلق ڪيس فائدو ڪو نه ڏيندو. (الاعراف: ٨٣_ هود:٨١_ الشعراء: ١٧١)

(٦) بي شرمي ۽ بيحيائي ڪرڻ وارن تي الله پاڪ جو عذاب ايندو آهي. (الاعراف: ٨۴، هود: ٨١،٨٢،٨٣_ الشعراء: ١٧٢،١٧٣)

(7) مهمان نوازي ۽ مهمانن جي حفاظت ڪرڻ جو فڪر ڪرڻ، نبين عليهم السلام جو طريقو آهي. (هود: ٧٧، ٧٨، ٨٠)

(٨) اسان کي خراب ماڻهن جي بڇڙي انجام مان سبق پرائي برائين کان بچڻ گهرجي. (هود: ٨٣_ الشعراء: ١٨۴)

(٩) حضرت لوط ؑ پنهنجي قوم کي الله پاڪ کان ڊڄڻ ۽ ان جي نافرماني کان بچڻ جو سڏ ڏنو. (الشعراء: ١٦١، ١٦٣)

(١٠) اسان کي خراب ماڻهن کان نه بلڪ برائيءَ کان نفرت ڪرڻ گهرجي. (الشعراء: ١٦٨)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. هيٺ ڏنل جملن تي صحيح (✓) يا غلط (x) جو نشان هڻو:

| نمبر | جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|---|
| ١ | حضرت لوط ؑ جي سيني گهر ڀاتين کي الله پاڪ عذاب کان بچايو | | |
| ٢ | الله پاڪ بيحيائيءَ کي پسند ناهي ڪندو | | |
| ٣ | حضرت لوط ؑ جي قوم جو ڏوهه رڳو شرڪ ڪرڻ هو | | |
| ۴ | حضرت لوط ؑ جي گهر واري نيڪ عورت هئي | | |
| ۵ | حضرت لوط ؑ تي ١٠٠ ماڻهن ايمان آندو هو | | |

سوال:٢.لفظ ڳوليو:

| | | | | | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ا | و | ذ | ڏ | ع | غ | ش | ط | س | د | ا | ب | پ | ب |
| ڇ | ڃ | ل | و | ط | ث | ا | ب | ڌ | ڙ | ز | س | ٿ | ح |
| ل | ط | ص | ش | ع | س | د | و | م | ڪ | ا | ب | ر | ر |
| گ | ز | ا | ب | ر | ا | ھ | ي | م | ق | ل | ي | ج | م |
| ڳ | م | ل | ڊ | ا | ن | ش | ض | ء | ي | م | ح | ن | ر |
| ف | ڪ | ا | م | ن | ڌ | ع | ر | ا | ق | جھ | ي | ڙ | د |
| ق | ڦ | س | ڇ | جھ | ا | ڳ | ڪ | ٿ | ع | گھ | ا | ز | ا |
| ش | ص | ض | م | ل | ا | ء | ڪ | ن | ل | ڳ | ء | م | ر |
| ف | ڪ | ي | ن | ء | ي | ا | ب | م | س | ي | ي | ڑ | ء |

هدايتون: هيٺ ڏنل لفظن کي مٿي ڏنل چارٽ ۾ ڳوليو:

| نمبر | ساڄي کان کاٻي | نمبر | مٿان کان هيٺ |
|---|---|---|---|
| ١ | لوط ؑ | ٦ | پٿر |
| ٢ | سدوم | ٧ | زال |
| ٣ | ابراهيم ؑ | ٨ | بيحيائي |
| ٤ | عراق | ٩ | انڌا |
| ٥ | ملائڪ | ١٠ | بحر مردار |

سوال: ٣. هيٺ ڏنل جملن بابت ٻڌايو تہ اهو ڪنهن جو قول آهي:

| نمبر | جملا | الله پاڪ جو | لوط ؑ جو | ملائڪن جو | قوم جو |
|---|---|---|---|---|---|
| ١ | توهان اهڙي بيحيائي ڪريو ٿا, جيڪا توهان کان اڳ ڪنهن ناهي ڪئي. | | | | |
| ٢ | هن کي پنهنجي ڳوٺ مان تڙي ڇڏيو هي ڏاڍو پاڪ صاف پيو رهي | | | | |
| ٣ | الله پاڪ کان ڊڄوءِ مون کي منهنجن مهمانن آڏو ڏٺو نہ ڪريو | | | | |
| ٤ | اوهان پنهنجن گهر وارن سان گڏجي رات جو ڳوٺ مان هليا وڃو | | | | |
| ٥ | پوءِ اچي پهتوا سان جو عذاب ۽ اسان انهيءَ ڳوٺ کي پٽي اڇلايوسين | | | | |

سوال: ۴: هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(۱) حضرت لوط ﷺ جي باري ۾ تي ڳالهيون لکو؟

______________________________________

______________________________________

(۲) شرم ۽ حياءَ مان ڇا مراد آهي؟

______________________________________

______________________________________

(۳) بيحيائيءَ جو ڪهڙو نتيجو نڪرندو آهي؟

______________________________________

______________________________________

سوال: ۵: ٻارڙو! اچو تہ اسان پنهنجو جائزو وٺون:

| نمبر | عمل | ها | نہ |
|---|---|---|---|
| ۱ | ڇا اسان بيحيائيءَ جي ڪمن کان نفرت ڪندا آهيون؟ | | |
| ۲ | ڇا اسان ڊراما ۽ فلم ڏسندا آهيون؟ | | |
| ۳ | ڇا اسان شرم ۽ حياءَ جي حفاظت جي لاءِ مناسب پوشاڪ پهريندا آهيون؟ | | |
| ۴ | ڇا اسان نيڪيءَ جي دعوت ڏيندڙن جو ساٿ ڏيندا آهيون؟ | | |
| ۵ | ڇا اسان چڱائيءَ ڏانهن سڏيندڙن جو چيو مڃيندا آهيون؟ | | |

## گهرو ڪم

(۱) نقشي تي حضرت لوط ﷺ جي قوم جي علائقي بحر مردار کي ڳول ڏئي واضح ڪريو

(۲) حضرت لوط ﷺ جي قوم جي تباهہ ٿيل ماڳن جون ڪجهہ تصويرون ڳولي چارٽ تي لڳايو.

(۳) پنهنجي گهر وارن کان پڇا ڪري پنج ڳالهيون لکو تہ اسان کي پنهنجن مهمانن جي ڪهڙيءَ طرح خدمت چاڪري ڪرڻ گهرجي.

استاد جي صحيح: ________________ والدين/سرپرست جي صحيح: ________________

# حضرت شعيب عليه السلام جو قصو

ڳاڙهي سمنڊ (بحيره احمر) جي ڪناري اردن ملڪ جي ويجهو مدين جي رهاڪن کي الله پاڪ انيڪ نعمتون عطا ڪيون هيون. الله پاڪ انهن کي گهاٽا ڇهچ باغ ۽ ٻيلا عطا ڪيا هئا. انهيءَ ڪري هيءَ قوم "اصحاب الايڪ" (ٻيلن وارا) به سڏجي ٿي. الله پاڪ سندن وڻج واپار ۾ به برڪت ڏني هئي. پر انهيءَ قوم الله پاڪ جو شڪر ادا ڪرڻ بدران تمام گهٽي ناشڪري ڪئي. نفعو ملڻ جي باوجود تور ماپ ۾ بي ايماني ڪرڻ لڳا. سامان توري ڏيڻ وقت ئي کوٽ ڪندا هئا ۽ وٺڻ مهل حق کان وڌيڪ وٺڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. ان کان سواءِ اهي ماڻهو واپاري قافلن کي لٽي ڦري انهن کان مال ڦريندا هئا.

الله پاڪ انهن ماڻهن کي سڌو رستو ڏيکارڻ جي لاءِ انهن مان ئي حضرت شعيب ﷺ کي قوم جي انهن نافرمانين تي تمام گهڻو ڏک هو. هن قوم کي تمام گهڻو سمجهايو ته رڳو هڪ الله پاڪ جي عبادت ڪريو. ماپ تور ۾ گهٽتائي نه ڪريو ۽ انهن ماڻهن جو مال نه ڦريو. پر قوم سندن مذاق اڏايو ۽ چيو ته اسان سمجهندا هئاسون ته توهان ڏاڍا سياڻا آهيو ڇا توهان جي نماز توهان کي اهو ئي سيکاري ٿي ته اسان انهن بتن کي پوڄڻ ڇڏي ڏيون. جن کي اسان جا ابا ڏاڏا پوڄيندا آيا آهن؟ ڇا اسان پنهنجن مالن کي پنهنجي مرضيءَ سان نه هلايون؟ حضرت شعيب ﷺ قوم کي الله پاڪ جي عذاب کان ڊيڄاريو. پاڻ انهن کي چيائون ته ڪٿي ايئن نه ٿئي جو توهان جي خراب عملن جي ڪري توهان تي به موتمار عذاب اچي ڪڙڪي. ياد رکو! توهان کان اڳ حضرت نوح ﷺ جي قوم, ثمود ۽ حضرت لوط ﷺ جي قوم تي به عذاب آيو هو. قوم وراڻيو ته جيڪڏهن اسان کي توهان جي قبيلي جو خيال نه هجي ها ته توهان کي ماري ڇڏيون ها. حضرت شعيب ﷺ فرمايو ته توهان کي منهنجي قبيلي جو الله پاڪ کان وڌيڪ لحاظ آهي, توهان ته الله پاڪ کي سچ پچ به وساري ويٺا آهيو.

اها بگڙيل ۽ ٽڪيل قوم جڏهن سڌ تي نه آئي ته الله پاڪ عذاب کي (ڪڪر جي) ڇانو جي شڪل ۾ انهن ڏانهن موڪليو. ماڻهن ان کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏٺو ته خوشيون ڪرڻ لڳا. اهي خوش هئا ته هاڻي مينهن وسندو. گرمي گهٽجي ويندي, باغ سرسبز ٿي ويندا. پر اهي نه پيا ڄاڻن ته اها (ڪڪر جي) ڇانو الله پاڪ جي رحمت نه پر انهيءَ جو عذاب آهي. پوءِ هڪ زبردست رڙ ۽ زلزلي انهن نافرمانن کي تباهه ڪري ڇڏيو انهن جا گوٺ ايئن ڏيک ڏيڻ لڳا ڄڻ ته هتي ڪڏهن اهي ماڻهو آباد ئي ڪو نه ٿيا هئا. الله پاڪ حضرت شعيب ﷺ ۽ مٿن ايمان آڻڻ وارن کي انهيءَ عذاب کان بچايو. حضرت شعيب ﷺ پنهنجي تباهه ٿيل قوم تي ڏاڍو افسوس ۽ ارمان ڪندي چيو ته اي منهنجي قوم! مان توهان تائين الله پاڪ جا حڪم پهچائي ڇڏيا هئا ۽ انهيءَ عذاب کان اڳ ئي توهان کي خبردار ڪري ڇڏيو هو پر توهان نصيحت ڪندڙن کي پسند ئي ناهيو ڪندا.

# حضرت شعيب ؑ ۽ قوم شعيب ؑ علائقو



# حضرت شعيب عليه السلام جو قصو

## سورة الاعراف آيتون : ٨٥ کان ٨٧

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

آءٌ الله جي پناهہ ٿو گهران شيطان تڙيل کان

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

وَ اِلٰى مَدْيَنَ اَخَاهُمْ شُعَيْبًا ؕ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ

۽ (اسان موڪليو) مدين جي طرف انهن جي ڀاءُ شعيب کي ان چيو اي منهنجي قوم! توهان عبادت ڪريو الله جي

مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ قَدْ جَآءَتْكُمْ بَيِّنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ فَاَوْفُوا الْكَيْلَ وَالْمِيْزَانَ

ناهي توهان لاءِ ڪوئي معبود ان (الله) کانسواءِ تحقيق آئي توهان وٽ ثابتي توهان جي رب کان پوءِ توهان پورو ڪريو ماپ ۽ تور کي

وَلَا تَبْخَسُوا النَّاسَ اَشْيَآءَهُمْ وَلَا تُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ بَعْدَ اِصْلَاحِهَا ؕ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ

۽ نه توهان گهٽ ڏيو ماڻهن کي انهن جون شيون ۽ نه توهان فساد ڪريو زمين ۾ ان جي سڌاري کان پوءِ اهو (ڪم) گهڻو ڀلو آهي توهان لاءِ

اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ۚ ﴿٨٥﴾ وَلَا تَقْعُدُوْا بِكُلِّ صِرَاطٍ تُوْعِدُوْنَ وَتَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ

جيڪڏهن آهيو توهان مؤمن. ۽ نه توهان ويهو هر هڪ رستي تي (هن لاءِ جو) توهان ڊيڄاريو ٿا ۽ روڪيو ٿا الله جي رستي کان

مَنْ اٰمَنَ بِهٖ وَتَبْغُوْنَهَا عِوَجًا ۚ وَاذْكُرُوْٓا اِذْ كُنْتُمْ قَلِيْلًا فَكَثَّرَكُمْ ۪

ان ماڻهو کي جنهن ايمان آندو ان تي ۽ توهان تلاش ڪريو ٿا ان (رستي) ۾ ڏنگائي ۽ توهان ياد ڪريو جڏهن هئا توهان ٿورا پوءِ ان گهڻو ڪيو توهان کي

وَانْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿٨٦﴾ وَاِنْ كَانَ طَآئِفَةٌ مِّنْكُمْ اٰمَنُوْا بِالَّذِيْٓ اُرْسِلْتُ بِهٖ

۽ ڏسو ڪيئن ٿيو انجام فساد ڪندڙن جو؟ ۽ جيڪڏهن آهي هڪ گروهه توهان مان جن ايمان آندو ان تي جنهن تي آءٌ موڪليو ويو آهيان جنهن سان

وَطَآئِفَةٌ لَّمْ يُؤْمِنُوْا فَاصْبِرُوْا حَتّٰى يَحْكُمَ اللّٰهُ بَيْنَنَا ۚ وَهُوَ خَيْرُ الْحٰكِمِيْنَ ﴿٨٧﴾

۽ هڪ (ٻيو) گروهه نه انهن ايمان آندو پوءِ توهان صبر ڪريو ايتري تائين (جو) فيصلو ڪري الله اسان جي درميان ۽ اهو ڀلو آهي سڀني کان فيصلو ڪندڙ.

# حضرت شعيب عليه السلام جو قصو

## سورة الاعراف آيتون : ٨٨ کان ٩٣

قَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ لَنُخْرِجَنَّكَ يٰشُعَيْبُ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَكَ

چيو انهن سردارن جن تڪبر ڪيو ان جي قوم مان ضرور ڪينداسون توکي اي شعيب! ۽ انهن ماڻهن کي (به) جن ايمان آندو توسان گڏ

مِنْ قَرْيَتِنَآ اَوْ لَتَعُوْدُنَّ فِيْ مِلَّتِنَا ؕ قَالَ اَوَ لَوْ كُنَّا كٰرِهِيْنَ ۟ۚ ﴿٨٨﴾

پنهنجي ڳوٺ مان يا تہ موٽي اچو توهان اسان جي دين ۾ (شعيب) چيو ڇا (موٽي اچون) توڙيجو (اوهان جي دين کي) آهيون اسان ناپسند ڪندڙ.

قَدِ افْتَرَيْنَا عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اِنْ عُدْنَا فِيْ مِلَّتِكُمْ بَعْدَ اِذْ نَجّٰنَا اللّٰهُ مِنْهَا ؕ

تحقيق (پوءِ تہ) اسان گهڙيو الله تي ڪوڙ جيڪڏهن اسان موٽي اچون توهان جي دين ۾ هن ڪانپوءِ جو بچايو الله اسان کي انهيءَ کان

وَمَا يَكُوْنُ لَنَآ اَنْ نَّعُوْدَ فِيْهَآ اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ رَبُّنَا ؕ

۽ نہ آهي مناسب اسان لاءِ جو اسان موٽي اچون ان ۾ مگر هي جو گهري الله اسان جو رب

وَسِعَ رَبُّنَا كُلَّ شَيْءٍ عِلْمًا ؕ عَلَى اللّٰهِ تَوَكَّلْنَا ؕ رَبَّنَا افْتَحْ بَيْنَنَا وَبَيْنَ قَوْمِنَا

سمايو اسان جي رب هر شيءِ کي (پنهنجي) علم ۾ الله تي ئي اسان ڀروسو ڪيو آهي اي اسان جا رب! تون فيصلو ڪر اسان جي درميان ۽ اسان جي قوم جي درميان

بِالْحَقِّ وَاَنْتَ خَيْرُ الْفٰتِحِيْنَ ﴿٨٩﴾ وَقَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ لَئِنِ اتَّبَعْتُمْ شُعَيْبًا

انصاف سان ۽ تون سڀني کان ڀلو فيصلو ڪندڙ آهين. ۽ چيو انهن سردارن جن ڪفر ڪيو ان جي قوم مان البت جيڪڏهن توهان تابعداري ڪندؤ شعيب جي

اِنَّكُمْ اِذًا لَّخٰسِرُوْنَ ﴿٩٠﴾ فَاَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ فَاَصْبَحُوْا فِيْ دَارِهِمْ جٰثِمِيْنَ ۟ۖۚ ﴿٩١﴾

(تہ) يقينن توهان ان وقت البت خساري وارا ٿيندؤ. پوءِ اچي ورتو انهن کي زلزلي تہ اهي صبح جو پيا هئا پنهنجن گهرن ۾ گوڏن ڀر اونڌا.

اَلَّذِيْنَ كَذَّبُوْا شُعَيْبًا كَاَنْ لَّمْ يَغْنَوْا فِيْهَا ۚۛ اَلَّذِيْنَ كَذَّبُوْا شُعَيْبًا

اهي ماڻهو جن ڪوڙو ڪيو شعيب کي (هيئن ٿي ويا) ڄڻ تہ نہ اهي رهيا هئا ان (زمين) ۾ اهي ماڻهو جن ڪوڙو ڪيو شعيب کي

كَانُوْا هُمُ الْخٰسِرِيْنَ ﴿٩٢﴾ فَتَوَلّٰى عَنْهُمْ وَقَالَ يٰقَوْمِ

اهي ئي هئا نقصان وارا. پوءِ (شعيب) منهن ڦيريو انهن کان ۽ چيو اي منهنجي قوم!

لَقَدْ اَبْلَغْتُكُمْ رِسٰلٰتِ رَبِّيْ وَنَصَحْتُ لَكُمْ ۚ فَكَيْفَ اٰسٰى عَلٰى قَوْمٍ كٰفِرِيْنَ ۟ ﴿٩٣﴾

البت تحقيق مون پهچايو توهان کي پيغام پنهنجي رب جا ۽ مون خيرخواهي ڪئي اوهان جي پوءِ ڪيئن آءٌ افسوس ڪريان ڪافر قوم تي؟

# اهم نقطا

# حضرت شعيب عَلَيۡهِ السَّلَام جو قصو

## سورة هود آيتون : ٨۴ کان ٨٨

وَ اِلٰی مَدۡیَنَ اَخَاهُمۡ شُعَیۡبًا ؕ قَالَ یٰقَوۡمِ اعۡبُدُوا اللّٰهَ

۽ (اسان موڪليو اهل) مدين ڏانهن انهن جي ڀاءُ شعيب کي ان چيو اي منهنجي قوم! توهان الله جي عبادت ڪريو

مَا لَكُمۡ مِّنۡ اِلٰهٍ غَیۡرُهٗ ؕ وَ لَا تَنۡقُصُوا الۡمِكۡیَالَ وَ الۡمِیۡزَانَ اِنِّیۡۤ اَرٰىكُمۡ بِخَیۡرٍ

ناهي توهان لاءِ ڪوئي معبود سواءِ انهيءَ جي ۽ نه توهان گهٽ ڪريو ماپ ۽ تور کي بيشڪ آءٌ ڏسان ٿو توهان کي آسودو

وَّ اِنِّیۡۤ اَخَافُ عَلَیۡكُمۡ عَذَابَ یَوۡمٍ مُّحِیۡطٍ ﴿۸۴﴾ وَ یٰقَوۡمِ اَوۡفُوا الۡمِكۡیَالَ وَ الۡمِیۡزَانَ بِالۡقِسۡطِ

۽ بيشڪ آءٌ ڊڄان ٿو توهان تي هڪ گهيري ڪندڙ عذاب جي ڏينهن کان. ۽ اي منهنجي قوم! توهان پورو ڪريو ماپ کي ۽ تور کي انصاف سان

وَ لَا تَبۡخَسُوا النَّاسَ اَشۡیَآءَهُمۡ وَ لَا تَعۡثَوۡا فِی الۡاَرۡضِ مُفۡسِدِیۡنَ ﴿۸۵﴾ بَقِیَّتُ اللّٰهِ خَیۡرٌ لَّكُمۡ

۽ نه توهان گهٽ ڪري ڏيو ماڻهن کي انهن جون شيون ۽ نه توهان ڦرندا وتو زمين ۾ فسادي ٿي ڪري. الله جي بچت (جائز منافعو) گهڻو بهتر آهي توهان لاءِ

اِنۡ كُنۡتُمۡ مُّؤۡمِنِیۡنَ ۚ وَ مَاۤ اَنَا عَلَیۡكُمۡ بِحَفِیۡظٍ ﴿۸۶﴾ قَالُوۡا یٰشُعَیۡبُ اَصَلٰوتُكَ تَاۡمُرُكَ

جيڪڏهن آهيو توهان مؤمن ۽ ناهيان آءٌ توهان تي نگهبان. انهن چيو اي شعيب! ڇا تنهنجي نماز توکي حڪم ڪري ٿي

اَنۡ نَّتۡرُكَ مَا یَعۡبُدُ اٰبَآؤُنَاۤ اَوۡ اَنۡ نَّفۡعَلَ فِیۡۤ اَمۡوَالِنَا

هي ته اسان ڇڏيون انهن (معبودن) کي جن جي عبادت ڪندا هئا اسان جا ڀيءُ ڏاڏا يا اسان ڪرڻ (ڇڏي ڏيون) پنهنجن مالن ۾

مَا نَشٰٓؤُا ؕ اِنَّكَ لَاَنۡتَ الۡحَلِیۡمُ الرَّشِیۡدُ ﴿۸۷﴾ قَالَ یٰقَوۡمِ اَرَءَیۡتُمۡ

جيڪو اسان گهرون ٿا؟ بيشڪ تون ته البت وڏو بردبار سمجهدار آهين. (شعيب) چيو اي منهنجي قوم! ڀلا ٻڌايو ته

اِنۡ كُنۡتُ عَلٰی بَیِّنَةٍ مِّنۡ رَّبِّیۡ وَ رَزَقَنِیۡ مِنۡهُ رِزۡقًا حَسَنًا ؕ

جيڪڏهن آءٌ هجان ظاهر ثابتيءَ تي پنهنجي رب طرفان ۽ ان ڏنو هجي مون کي پاڻ وٽان رزق ڀلو (ته ڪيئن ان جي نافرماني ڪريان؟!)

وَ مَاۤ اُرِیۡدُ اَنۡ اُخَالِفَكُمۡ اِلٰی مَاۤ اَنۡهٰىكُمۡ عَنۡهُ ؕ

۽ نه ته آءٌ گهران هي جو ابتڙ هلان توهان جي (۽) اهو ڪم (ڪريان جو) آءٌ جهليان ٿو توهان کي جنهن کان

اِنۡ اُرِیۡدُ اِلَّا الۡاِصۡلَاحَ مَا اسۡتَطَعۡتُ ؕ وَ مَا تَوۡفِیۡقِیۡۤ اِلَّا بِاللّٰهِ ؕ

نه ته آءٌ گهران مگر اصلاح (توهان جي) جيتري ٿي سگهي ٿي مون کان ۽ ناهي مون کي طاقت مگر الله (جي مدد) سان

عَلَیۡهِ تَوَكَّلۡتُ وَ اِلَیۡهِ اُنِیۡبُ ﴿۸۸﴾

ان تي ئي آءٌ ڀروسو ڪريان ٿو ۽ انهيءَ ڏانهن ئي موٽڻو آهي.

# اهم نقطا

# حضرت شعيب عليه السلام جو قصو

## سورة هود آيتون : ٨٩ کان ٩٥

وَيٰقَوۡمِ لَا يَجۡرِمَنَّكُمۡ شِقَاقِيۡۤ اَنۡ يُّصِيۡبَكُمۡ مِّثۡلُ مَاۤ اَصَابَ قَوۡمَ نُوۡحٍ

۽ اي منهنجي قوم! هرگز نہ جرم ڪرائي توهان کي منهنجي مخالفت (هن ڳالهہ تي) جو پهچي توهان کي اهڙو (عذاب) جهڙو پهتو هو قومِ نوح کي

اَوۡ قَوۡمَ هُوۡدٍ اَوۡ قَوۡمَ صٰلِحٍ ؕ وَمَا قَوۡمُ لُوۡطٍ مِّنۡكُمۡ بِبَعِيۡدٍ ﴿٨٩﴾ وَاسۡتَغۡفِرُوۡا رَبَّكُمۡ ثُمَّ تُوۡبُوۡۤا اِلَيۡهِ ؕ

يا قوم هود کي يا قوم صالح کي ۽ ناهي قوم لوط توهان کان ڪجهہ پري. ۽ توهان بخشش گهرو پنهنجي رب کان پوءِ توبه ڪريو انهيءَ ڏانهن

اِنَّ رَبِّيۡ رَحِيۡمٌ وَّدُوۡدٌ ﴿٩٠﴾ قَالُوۡا يٰشُعَيۡبُ مَا نَفۡقَهُ كَثِيۡرًا مِّمَّا تَقُوۡلُ

بيشڪ منهنجو رب وڏو مهربان محبت ڪندڙ آهي. انهن چيو اي شعيب! نہ ٿا اسان سمجهون گهڻيون انهن (ڳالهين) مان جيڪي تون چوين ٿو

وَاِنَّا لَنَرٰٮكَ فِيۡنَا ضَعِيۡفًا ۚ وَلَوۡ لَا رَهۡطُكَ لَرَجَمۡنٰكَ ۫ وَمَاۤ اَنۡتَ عَلَيۡنَا بِعَزِيۡزٍ ﴿٩١﴾

۽ بيشڪ اسان البت ڏسون ٿا توکي پنهنجي درميان ڪمزور ۽ جيڪڏهن نہ هجي ها تنهنجو ڪٽم قبيلو (تہ) يقينن اسان سنگسار ڪريون ها توکي ۽ ناهين تون اسان تي ڏاڍو.

قَالَ يٰقَوۡمِ اَرَهۡطِيۡۤ اَعَزُّ عَلَيۡكُمۡ مِّنَ اللّٰهِ ؕ وَاتَّخَذۡتُمُوۡهُ وَرَآءَكُمۡ ظِهۡرِيًّا ؕ

(شعيب) چيو اي منهنجي قوم! ڇا منهنجو ڪٽم قبيلو وڌيڪ ڏاڍو آهي توهان تي الله کان ۽ توهان ڪري ڇڏيو آهي ان (الله) کي پنهنجي پٺي پويان

اِنَّ رَبِّيۡ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ مُحِيۡطٌ ﴿٩٢﴾ وَيٰقَوۡمِ اعۡمَلُوۡا عَلٰى مَكَانَتِكُمۡ اِنِّيۡ عَامِلٌ ؕ

بيشڪ منهنجو رب انهن کي جيڪي توهان عمل ڪريو ٿا گهيرو ڪندڙ آهي. ۽ اي منهنجي قوم! توهان عمل ڪريو پنهنجي جاءِ تي بيشڪ آءٌ (بہ) عمل ڪندڙ آهيان

سَوۡفَ تَعۡلَمُوۡنَ ۙ مَنۡ يَّاۡتِيۡهِ عَذَابٌ يُّخۡزِيۡهِ وَمَنۡ هُوَ كَاذِبٌ ؕ وَارۡتَقِبُوۡۤا

جلد توهان ڄاڻيندؤ ڪير ماڻهو آهي جو اچي ٿو ان تي (اهڙو) عذاب جو خوار ڪندو ان کي ۽ ڪير آهي اهو ڪوڙو؟ ۽ توهان انتظار ڪريو

اِنِّيۡ مَعَكُمۡ رَقِيۡبٌ ﴿٩٣﴾ وَلَمَّا جَآءَ اَمۡرُنَا نَجَّيۡنَا شُعَيۡبًا

بيشڪ آءٌ (بہ) توهان سان گڏ انتظار ڪندڙن مان آهيان. ۽ جڏهن آيو اسان جو حڪم (عذاب) (تہ) اسان بچايو شعيب کي

وَّالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا مَعَهٗ بِرَحۡمَةٍ مِّنَّا وَاَخَذَتِ الَّذِيۡنَ ظَلَمُوا الصَّيۡحَةُ

۽ انهن ماڻهن کي جن ايمان آندو هو ان سان گڏ پنهنجي رحمت سان ۽ اچي ورتو انهن ماڻهن کي جن ظلم ڪيو هو راڙ

فَاَصۡبَحُوۡا فِيۡ دِيَارِهِمۡ جٰثِمِيۡنَ ﴿٩٤﴾ ۙ كَاَنۡ لَّمۡ يَغۡنَوۡا فِيۡهَا ؕ

تہ اهي صبح جو پيا هئا پنهنجن گهرن ۾ اونڌا گوڏن ڀر. ڄڻ تہ نہ رهيا هئا اهي انهن (گهرن) ۾

اَلَا بُعۡدًا لِّمَدۡيَنَ كَمَا بَعِدَتۡ ثَمُوۡدُ ﴿٩٥﴾

خبردار! ڦٽڪار تي (اهل) مدين لاءِ جيئن ڦٽڪار تي هئي ثمود تي.

# اهم نقطا

# حضرت شعيب عليه السلام جو قصو

## سورة الشعراء آيتون: ١٧٦ کان ١٨٤

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| كَذَّبَ | اَصۡحٰبُ | لۡـَٔيۡكَةِ | الۡمُرۡسَلِيۡنَ ۚ ﴿١٧٦﴾ | اِذۡ | قَالَ | لَهُمۡ | شُعَيۡبٌ | اَلَا تَتَّقُوۡنَ ۚ ﴿١٧٧﴾ |

ڪوڙو ڪيو ايڪ (جهنگل) وارن رسولن کي. جڏهن چيو انهن کي شعيب ڇا نه تا توهان ڊڄو (الله کان).

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| اِنِّىۡ | لَـكُمۡ | رَسُوۡلٌ | اَمِيۡنٌ ۙ ﴿١٧٨﴾ | فَاتَّقُوا | اللّٰهَ وَاَطِيۡعُوۡنِ ۚ ﴿١٧٩﴾ |

بيشڪ آءٌ آهيان توهان جو رسول امانت وارو پوءِ توهان ڊڄو الله کان ۽ تابعداري ڪريو منهنجي.

| | | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| وَمَاۤ | اَسۡـَٔلُكُمۡ | عَلَيۡهِ | مِنۡ | اَجۡرٍ ۚ اِنۡ | اَجۡرِىَ | اِلَّا | عَلٰى | رَبِّ | الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿١٨٠﴾ | اَوۡفُوا الۡكَيۡلَ |

۽ نه تو آءٌ گهران توهان کان ان (تبليغ) تي ڪوئي اجورو منهنجو اجورو مگر (الله) رب العالمين تي. توهان پورو پريو ماپي کي

| | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| وَلَا | تَكُوۡنُوۡا | مِنَ | الۡمُخۡسِرِيۡنَ ۚ ﴿١٨١﴾ | وَزِنُوۡا | بِالۡقِسۡطَاسِ | الۡمُسۡتَقِيۡمِ ۚ ﴿١٨٢﴾ | وَلَا | تَبۡخَسُوا | النَّاسَ اَشۡيَآءَهُمۡ |

۽ نه ٿيو توهان گهٽ ماپيندڙن مان. ۽ توهان توريو پوري تارازي سان. ۽ نه توهان گهٽ ڏيو ماڻهن کي انهن جون شيون

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| وَلَا | تَعۡثَوۡا | فِى | الۡاَرۡضِ | مُفۡسِدِيۡنَ ۚ ﴿١٨٣﴾ | وَاتَّقُوا | الَّذِىۡ | خَلَقَكُمۡ | وَالۡجِبِلَّةَ الۡاَوَّلِيۡنَ ﴿١٨٤﴾ |

۽ نه توهان ڦيٿارو وجهو زمين ۾ فسادي ٿي. ۽ توهان ڊڄو ان (الله جي) ذات کان جنهن پيدا ڪيو توهان کي ۽ مخلوق اڳئين کي (به).

# اهم نقطا

# حضرت شعيب ﷤ جو قصو

## سورة الشعراء آيتون : ١٨٥ کان ١٩١

قَالُوْٓا اِنَّمَآ اَنْتَ مِنَ الْمُسَحَّرِيْنَ ۙ﴿١٨٥﴾ وَمَآ اَنْتَ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا وَاِنْ نَّظُنُّكَ لَمِنَ الْكٰذِبِيْنَ ۚ﴿١٨٦﴾

انهن چيو رڳو تون جادو ڪيلن مان آهين. ۽ ناهين تون (ڪجهه بيو) مگر بشر اسان جهڙو ۽ بيشڪ اسان گمان تا ڪريون توکي البت ڪوڙن مان.

فَاَسْقِطْ عَلَيْنَا كِسَفًا مِّنَ السَّمَآءِ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ؕ﴿١٨٧﴾ قَالَ رَبِّيْٓ اَعْلَمُ

پوءِ تون ڪيراءِ اسان تي هڪ ٽڪرو آسمان مان جيڪڏهن آهين تون سچن مان. ان (شعيب) چيو منهنجو رب گهڻو ڄاڻي ٿو

بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٨٨﴾ فَكَذَّبُوْهُ فَاَخَذَهُمْ عَذَابُ يَوْمِ الظُّلَّةِ ؕ

ان کي جيڪو توهان عمل ڪريو ٿا. پوءِ انهن ڪوڙو ڪيو ان کي پوءِ ورتو انهن کي ڇانوري واري ڏينهن جي عذاب

اِنَّهٗ كَانَ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿١٨٩﴾ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَمَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٩٠﴾

بيشڪ اهو هئو عذاب هڪ وڏي ڏينهن جو. بيشڪ ان ۾ البت (وڏي) نشاني آهي ۽ نه هئا انهن جا گهڻا ايمان آڻيندڙ.

وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿١٩١﴾ ۧ

۽ بيشڪ تنهنجو رب البت اهو آهي نهايت غالب رحم وارو.

# اهم نقطا

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

ٻارڙو! اسان کي خبر پئي تہ:

(١) حضرت شعيب ﷺ پنهنجي قوم کي رڳو هڪ الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ جي دعوت ڏني. (الاعراف: ٨٥۔ هود: ٨٤،٨٧۔ الشعراء: ١٧٧،١٧٩)

(٢) ماپ تور ۾ گهٽتائي ڪرڻ ۽ ماڻهن کي نقصان رسائڻ، الله پاڪ کي پسند ناهي. (الاعراف: ٨٥۔ هود: ٨٤،٨٥)

(٣) تور ماپ ۾ کوٽ ڪرڻ ۽ ماڻهن کي سندن شيون گهٽ ڪري ڏيڻ سان زمين ۾ فساد ۽ بگاڙ پيدا ٿيندو آهي. (الاعراف: ٨٥۔ هود: ٨٥۔ الشعراء: ١٨١ کان ١٨٣)

(٤) ماڻهن کي الله پاڪ جي رستي کان روڪڻ ۽ دين ۾ ڏِنگ ڳولڻ گناهہ جا ڪم آهن. (الاعراف: ٨٦)

(٥) رسولن جي ڳالهہ نہ مڃڻ وارا نقصان ۾ پوندا آهن. (الاعراف: ٨٦، ٩٠ کان ٩٣۔ هود: ٩٣ کان ٩٥۔ الشعراء: ١٨٩)

(٦) ايمان وارن کي مشڪلاتن کان پريشان ٿيڻ نہ گهرجي. ڇو تہ الله پاڪ فرمانبردارن ۽ نافرمانن جي وچ ۾ فيصلو ڪري ڇڏيندو آهي. (الاعراف ٨٩، ٨٧۔ هود: ٩٣، ٩٢)

(٧) خراب ماڻهو چاهيندا آهن تہ چڱا ماڻهو بہ برائي اختيار ڪن. اسان کي خراب ماڻهن جي ڳالهہ نہ مڃڻ گهرجي.(الاعراف: ٨٩، ٨٨)

(٨) مال اسان وٽ الله پاڪ جي امانت آهي، ان کي الله پاڪ جي مرضيءَ جي مطابق ڪمائڻ ۽ خرچ ڪرڻ گهرجي. (هود: ٨٨، ٨٧)

(٩) اسان کي نافرمان قومن جي خراب انجام کان سبق سکي نافرمانيءَ کان بچڻ گهرجي. (الاعراف: ٩٢، ٩١۔ هود: ٩٥، ٨٩۔ الشعراء: ١٩٠، ١٨٩)

(١٠) اسان کي گناهن تي الله پاڪ کان معافي وٺڻ گهرجي ۽ ان جي نافرماني ڇڏي فرمانبرداري اختيار ڪرڻ گهرجي. (هود: ٩٠)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. ڪالم (الف) جي هر جملي کي ڪالم (ب) جي صحيح جملي سان ليڪ ڏئي ملايو:

| الف | ب |
|---|---|
| ١۔ شعيب ﷺ جي قوم جو هڪ پيو نالو | الف۔ مدين هو |
| ٢۔ شعيب ﷺ جي قوم جو علائقو | ب۔ گهاٽا باغ عطا ڪيا |
| ٣۔ شعيب ﷺ جي قوم جو ڏوهہ | ج۔ ايڪہ قوم آهي |
| ٤۔ الله پاڪ شعيب ﷺ جي قوم کي | و۔ عذاب کان خبردار ڪيو |
| ٥۔ شعيب ﷺ پنهنجي قوم کي | هہ۔ تور ماپ ۾ گهٽتائي ڪرڻ هو |

سوال: ٢. هيٺ ڏنل جملن جي باري ۾ ٻڌايو تہ اهو ڪنهن جو قول آهي؟

| نمبر | جملا | الله پاڪ جو | شعيب عليه السلام جو | قوم جو |
|---|---|---|---|---|
| ١ | مون توهان کي پنهنجي پالڻهار جا پيغام پهچائي ڇڏيا ۽ توهان جي خير خواهي ڪئي | | | |
| ٢ | ڇا توهان جي نماز حڪم ڏئي ٿي تہ اسان الله پاڪ کانسواءِ ٻين معبودن کي ڇڏي ڏيون؟ | | | |
| ٣ | يقيناً توهان جو رب ڏاڍو زبردست ٻاجهارو آهي | | | |
| ٤ | توهان ماپ تور ۾ گهٽتائي نہ ڪريو ۽ ماڻهن کي سندن شيون گهٽ ڪري نہ ڏيو | | | |
| ٥ | جيڪڏهن اوهان جو قبيلو نہ هجي ها تہ اسان توکي ماري ڇڏيون ها | | | |

سوال: ٣. هيٺ ڏنل جملن تي صحيح (✓) يا غلط (x) جو نشان ڏيو:

| نمبر | جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|---|
| ١ | قوم حضرت شعيب عليه السلام کي ڳوٺ مان ڪڍي ڇڏيو | | |
| ٢ | شعيب عليه السلام جي قوم طوفان ۾ غرق ٿي وئي | | |
| ٣ | شعيب عليه السلام جي قوم ٻين کي مال گهٽتائي ڏيندي هئي | | |
| ٤ | حضرت شعيب عليه السلام قوم کي ٩٥٠ سال دين جي دعوت ڏني | | |
| ٥ | حضرت صالح عليه السلام جي قوم کان هڪدم پوءِ ايندڙ قوم حضرت شعيب عليه السلام جي قوم هئي | | |

سوال: ٤. اڇو ٻارڙؤ! اسان پنهنجو جائزو وٺون:

| نمبر | عمل | ها | نہ |
|---|---|---|---|
| ١ | ڇا اسان ٻين کي سندن حق پورو ڏيندا آهيون؟ | | |
| ٢ | ڇا اسان ٿورڙي فائدي جي لاءِ ٻين کي نقصان ڏيندا آهيون؟ | | |
| ٣ | ڇا اسان ٻين لاءِ بہ اهو ئي پسند ڪندا آهيون، جيڪو پنهنجي لاءِ پسند ڪندا آهيون؟ | | |
| ٤ | ڇا اسان مظلوم جو ساٿ ڏيندا آهيون؟ | | |
| ٥ | ڇا اسان ماڻهن کي ٻين جو حق مارڻ کان منع ڪندا آهيون؟ | | |

سوال:۵: صحيح جواب تي رنگ ڀريو (هڪ کان وڌيڪ جواب به صحيح ٿي سگهن ٿا):

(۱) حضرت شعيب ﷺ ڪهڙي علائقي جا رهندڙ هئا؟

| | | | |
|---|---|---|---|
|  |  |  |  |
| مدين | سدوم | عراق | فلسطين |

(۲) حضرت شعيب ﷺ جي قوم جا ڪهڙا ڏوهه هئا؟

| | | | |
|---|---|---|---|
|  |  |  |  |
| بيحيائي | قرلت | شرڪ | گهٽ تور |

(۳) اصحاب الايڪ ڪنهن کي چيو ويندو آهي؟

| | | | |
|---|---|---|---|
|  |  |  |  |
| حضرت نوح ﷺ جي قوم | حضرت صالح ﷺ جي قوم | حضرت هود ﷺ جي قوم | حضرت شعيب ﷺ جي قوم |

(۴) حضرت شعيب ﷺ جي قوم تي عذاب ڪهڙي شڪل ۾ آيو؟

| | | | |
|---|---|---|---|
|  |  |  |  |
| ڪڪر | طوفان | تيز هوا سان مٽيءَ ڌوڙ جو طوفان | زلزلو |

(۵) حضرت شعيب ﷺ جي سمجهائڻ تي قوم کين ڪهڙي ڌمڪي ڏني؟

| | | | |
|---|---|---|---|
|  |  |  |  |
| لاڳاپا ختم ڪرڻ جي | پٿر هڻڻ جي | ڳوٺ مان تڙي ڇڏڻ جي | قيد ڪرڻ جي |

# گهرو ڪم

(١) هيٺ ڏنل نموني جي مطابق هڪ وڏو چارٽ ٺاهيو:

| رسول جو نالو | قوم جو نالو | ڏوهه | سزا |
|---|---|---|---|
| حضرت نوح ﷺ | نوح ﷺ جي قوم | شرڪ | طوفان |
| حضرت هود ﷺ | عاد | شرڪ | مٽي ۽ هوا جو تيز طوفان |
| حضرت صالح ﷺ | ثمود | شرڪ | زلزلو |
| حضرت لوط ﷺ | لوط جي قوم | شرڪ، بدڪاري | پٿرن جو مينهن |
| حضرت شعيب ﷺ | مدين وارا | شرڪ، تور ماپ ۾ گهٽتائي | زلزلو |

(٢) پنهنجي گهر وارن کان پڇا ڪري روزاني زندگيءَ ۾ تور ماپ ۾ گهٽتائيءَ جا ڪي به پنج مثال لکو.

(٣) پنهنجي گهر وارن جي مدد سان ٻيلن مان حاصل ٿيندڙ فائدن ۾ رنگ ڀريو.




استاد جي صحيح: ________________ والدين/سرپرست جي صحيح: ________________

# هاٿين وارن جو قصو

الله پاڪ جي عبادت جي لاءِ جيڪو سڀ کان پهريون گهر جوڙيو ويو. اهو خانہ ڪعبہ هو جيڪو مڪي ۾ آهي. حضرت آدم ﷺ جي زماني ۾ اهو گهر عبادت ۽ عزت ۽ احترام جو مرڪز رهيو. خانہ ڪعبہ الله پاڪ جي وڏين نشانين منجهان هڪ آهي. نبي ڪريم ﷺ جن جي پيدائش واري سال حبشہ جي بادشاهہ پاران يمن جي عيسائي گورنر ابرهہ الاشرم صنعاء (يمن) ۾ هڪ نهايت سهڻو پيو گرجا گهر اڏيو. هن ڪوشش ڪئي تہ ماڻهو خانہ ڪعبہ جي بدران سندن گرجا گهر ۾ عبادت لاءِ اچن. اها ڳالهہ مڪي وارن ۽ ٻين عرب قبيلن کي ڏاڍي ناپسند هئي. تنهن ڪري انهن ئي ماڻهن مان ڪنهن هڪ ابرهہ جي گرجا گهر ۾ گندگي پکيڙي ڇڏي. ابرهہ کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. هن سوچيو تہ جيستائين خانہ ڪعبہ موجود آهي، ماڻهو سندس گرجا گهر ۾ عبادت ڪرڻ ڪو نہ ايندا.

ابرهہ هڪ وڏو لشڪر گڏ ڪيو. ڪجهہ ٿلها متارا طاقتور هاٿي ڪعبي جي پٽين کي (معاذ الله) ڪيرائڻ جي لاءِ ساڻ ڪنيا ۽ مڪي ڏانهن روانو ٿي ويو. مڪي جي ويجهو پهچي، ابرهہ جي سپاهين مڪي وارن جا ڪيئي اٺ ۽ ٻيا ڍور جهلي ورتا. انهن ۾ ٻہ سئو اٺ نبي ڪريم جن جي ڏاڏي عبدالمطلب جا بہ هئا. ابرهہ مڪي وارن کي نياپو موڪليو تہ هن جو ارادو رڳو خانہ ڪعبہ کي (معاذ الله) ڍاهڻ جو آهي ۽ هو مڪي وارن سان جنگ ڪرڻ نٿو گهري، پر جيڪڏهن انهن رستي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هو انهن سڀني کي برباد ڪري ڇڏيندو.

عبدالمطلب قريش جا سڀ کان وڏا سردار هئا. هو ابرهہ سان ملاقات ڪرڻ وٽس پهچي ويو. ابرهہ کين ڏسي ڪري ڏاڍو متاثر ٿيو. پاڻ اوچي قد جا نهايت سهڻا سيبتا ۽ باوقار شخصيت وارا هئا. عبدالمطلب ابرهہ کي چيو تہ تو جيڪي اٺ جهليا آهن، انهن مان بہ سئو اٺ منهنجا آهن. تنهن ڪري منهنجا اٺ مون کي واپس ڪيو. ابرهہ تنهن تي چيو تہ مون تہ سمجهيو هو تہ اوهان مون سان خانہ ڪعبہ کي نہ ڍاهڻ بابت ڳالهائيندا. جڏهن تہ اوهان تہ رڳو پنهنجن اٺن جي ڳالهہ ڪري مون کي مايوس ڪيو. عبدالمطلب وراڻيو تہ اٺ منهنجا آهن، انهيءَ ڪري مون تو سان پنهنجي اٺن جي ڳالهہ ڪئي آهي. خانہ ڪعبہ الله پاڪ جو گهر آهي ۽ الله پاڪ پاڻ ئي پنهنجي گهر جي حفاظت ڪندو. ابرهہ سندن جهليل اٺ واپس ڪيا. عبدالمطلب مڪي وارن کي جبلن تڪرن تي چڙهي وڃڻ ۽ شهر مڪو خالي ڪرڻ جو حڪم ڏنو. پاڻ خانہ ڪعبہ جي دروازي کي ڪڙي کان وٺي الله پاڪ کان دعا ڪرڻ لڳو تہ "الله! پنهنجي گهر جي حفاظت فرماءِ ۽ ابرهہ ۽ ان جي لشڪر کان پنهنجي عزت واري گهر کي بچاءِ" دعا کانپوءِ عبدالمطلب پنهنجي ساٿين کي ساڻ ڪري آس پاس جي جبلن جي چوٽين تي چڙهي ويا.

ابرهہ خانہ ڪعبہ کي (معاذ الله) ڍاهڻ جي لاءِ پنهنجو لشڪر تيار ڪيو ۽ پنهنجي هاٿيءَ تي سوار ٿي مڪي ڏانهن هليو. جڏهن محسر نالي واديءَ ۾ پهتو تہ هاٿي زمين تي ويهي رهيو ۽ اڳتي نہ هليو. هاٿيءَ کي اٿارڻ جون گهڻيون ڪوششون ڪيون ويون پر هاٿي اڳتي چريو ئي نہ. پر جڏهن مڪي کان سواءِ ڪنهن ٻئي طرف ڏانهن رخ موڙيو ٿي ويو تہ تيزيءَ سان ڀڄڻ شروع ڪري ٿي ڏنائين. ڏسندي ئي ڏسندي سمنڊ واري پاسي کان پکين جو ولر ظاهر ٿيو ۽ جيڪو سڄي لشڪر تي ڇانئجي ويو. اهي ننڍڙا پکي هئا. جن پنهنجن چنهبن ۾ ۽ پيرن ۾ پٿريون کنيون هيون. انهن پکين اهي پٿريون ابرهہ جي لشڪر تي اڇلائڻ شروع ڪيون. جنهن تي بہ اها پٿري ڪري ٿي اهو اولڙ گاهہ وانگر ٿي پئي ويو ان جو گوشت ڳري ڪري هيٺ ڪِري پيو ۽ نيٺ مري پئي ويو سڄي لشڪر ۾ اچي ڀاڄ پئي ۽ سيئي ماڻهو مري کپي ويا. خود ابرهہ جو بہ اهو ئي انت ۽ انجام ٿيو. مڪي وارن سمورو ڏيک پنهنجين اکين سان ڏٺو. الله پاڪ ان وقت بہ پنهنجي گهر جي حفاظت فرمائي ۽ اڄ بہ اهو ئي پنهنجي گهر جي حفاظت ڪرڻ وارو آهي.

# سُوْرَةُ الْفِيْلِ

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو سبب:

قرآن شريف جون ڪجهه سورتون ۽ ڪجهه آيتون خاص سببن ۽ حالتن ۾ نازل ٿيون آهن. انهن سببن ۽ حالتن کي بيان ڪرڻ انهيءَ سورة يا آيت جو ”شانِ نزول“ يعني نازل ٿيڻ جو شان سڏبو آهي. سورة الفيل ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ الله پاڪ ڪهڙيءَ طرح پنهنجي قدرت سان ابرهہ ۽ ان جي لشڪر کي ختم ڪيو ۽ خانہ ڪعبہ جي حفاظت ڪئي، هيءَ سورة ابرهہ جو خانہ ڪعبہ تي حملو ڪرڻ جي باري ۾ نازل ٿي، اهو واقعو نبي ڪريم ﷺ جن جي ڄمڻ مبارڪ کان ٥٠ ڏينهن اڳ پيش آيو هو. سورة ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ الله پاڪ ابرهہ کي ۽ سندس ساٿين ۽ لشڪر ۾ شامل هاٿين کي پتڪڙن پکين جي وسيلي ڪيئن مارايو.

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| اَعُوْذُ | بِاللّٰهِ | مِنَ | الشَّيْطٰنِ | الرَّجِيْمِ | بِسْمِ | اللّٰهِ | الرَّحْمٰنِ | الرَّحِيْمِ ○ |

آءٌ الله جي پناهہ تو گهران شيطان تڙيل کان

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

اَلَمْ تَرَ كَيْفَ فَعَلَ رَبُّكَ بِاَصْحٰبِ الْفِيْلِ ؕ ① اَلَمْ يَجْعَلْ كَيْدَهُمْ

ڇا نہ تو ڏٺو ڪيئن ڪيو تنهنجي رب هاٿي وارن سان؟ ڇا نہ ان ڪيو انهن جي رٿ کي

فِيْ تَضْلِيْلٍ ۙ ② وَّ اَرْسَلَ عَلَيْهِمْ طَيْرًا اَبَابِيْلَ ۙ ③ تَرْمِيْهِمْ بِحِجَارَةٍ

بيڪار. ۽ ان موڪليا انهن تي پکي ولرن جا ولر. اهي هڻن پيا انهن تي پٿريون

مِّنْ سِجِّيْلٍ ۪ۙ ④ فَجَعَلَهُمْ كَعَصْفٍ مَّاْكُوْلٍ ۧ ⑤

ڪنڪريٽ جون. پوءِ ان (الله) ڪري ڇڏيو انهن کي (ائين) جيئن ڳاهہ اولڙ.

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

ٻارڙؤ! اسان کي ڄاڻ ملي ته:

(١) خانه ڪعبه هميشه کان عبادت جو مرڪز رهيو آهي. (هاٿين وارن جو قصو)

(٢) اسان کي خانه ڪعبه جي عزت ۽ احترام ڪرڻ گهرجي، ڇو ته اهو الله پاڪ جي نشانين مان هڪ نشاني آهي.(هاٿين وارن جو قصو)

(٣) سڀ کان وڏيڪ قوت ۽ طاقت الله پاڪ جي آهي ۽ الله پاڪ ئي سڀ کان وڏو محافظ (حفاظت ڪندڙ) آهي (هاٿين وارن جو قصو_ الفيل:١)

(٤) اسان کي سڀ کان وڌيڪ ڀروسو الله پاڪ تي ئي ڪرڻ گهرجي (هاٿين وارن جو قصو_ الفيل:١)

(٥) اسان کي دشمن جي طاقت ۽ قوت کان ڊڄڻ نه گهرجي (هاٿين وارن جو قصو_ الفيل:١)

(٦) الله پاڪ پنهنجي گهر ۽ دين جي پاڻ حفاظت ڪندڙ آهي (هاٿين وارن جو قصو_ الفيل:١)

(٧) الله پاڪ پنهنجي دين جي دشمنن کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏيندو آهي. (الفيل: ٢،٥)

(٨) الله پاڪ جي دين جي خلاف سازشون ڪرڻ وارن کي الله پاڪ جي عذاب کان ڊڄڻ گهرجي.(الفيل:٢)

(٩) خراب ماڻهو الله پاڪ جي عذاب کان نٿا بچي سگهن. (الفيل: ٣،٤)

(١٠) نافرمانن جي بڇڙي انجام کان اسان کي عبرت وٺڻ گهرجي. (الفيل:٥)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. ڪالم (الف) جي هر جملي کي ڪالم (ب) جي صحيح جملي سان ليڪ ڏئي ملايو:

| الف | ب |
|---|---|
| ١_ اصحابِ فيل مان مراد | الف_ پاڻ سڳورن ﷺ جي ڄمڻ جو سال آهي |
| ٢_ الله پاڪ اصحاب فيل تي | ب_اصحاب فيل اولڙ گاهه جيان ٿي ويا |
| ٣_ پکين هاٿين وارن تي | ج_ هاٿين وارا آهن |
| ٤_ پٿرين جي مينهن سان | و_ پکين جا ولرن جا ولر موڪليا |
| ٥_ عام الفيل | هه_ پٿريون اڇلايون |

سوال:٢. هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(١) هاٿين وارا مڪي پاڪ ڇو آيا هئا؟

___

___

(٢) الله پاڪ پنهنجي گهر جي حفاظت ڪهڙيءَ طرح ڪئي؟

___

___

(٣) هاٿين وارن جي قصي مان اسان کي ڪهڙو سبق ملي ٿو؟

___

___

# گهرو ڪم

(١) هن سورة کي ترجمي سان گڏ ياد ڪري پنهنجن گهر وارن کي ٻڌايو

(٢) خانهٔ ڪعبه جون تصويرون گڏ ڪري چارٽ تي لڳايو

(٣) پنهنجي گهر وارن جي مدد سان خانهٔ ڪعبه جي مختلف حصن جي صحيح نالن جي درست نمبر ذريعي ڏس پتو ڏيو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| ☐ خانهٔ ڪعبه | ☐ ڪعبي جو دروازو | ☐ ملتزم | ☐ رُڪنِ شامي |
| ☐ پاڻيءَ جي نيڪال جي جڳهه | ☐ حجرِ اسود | ☐ حطيم | ☐ رُڪن حجر اسود |
| ☐ مقامِ ابراهيم ع | ☐ رُڪنِ عراقي | ☐ رُڪنِ يماني | ☐ پٿر مان ٺاهيل ڪعبي جون پيتيون |




استاد جي صحيح: ___

والدين/سرپرست جي صحيح: ___

# سُوْرَةُ قُرَيْشٍ

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو سبب:

هي سورة مڪي جي قريشن ۽ انهن تي الله پاڪ جي احسانن جي باري ۾ نازل ٿي. ”قريش“ نبي ڪريم ﷺ جن جي قبيلي جو نالو آهي. قريش جا ماڻهو حضرت اسماعيل عليه السلام جي اولاد مان هئا. خانه ڪعبه جا انتظام سنڀالڻ جي ڪري انهن کي سڄي عرب ۾ عزت ۽ امن حاصل هو ۽ سندن واپاري قافلا ڦرلٽ کان محفوظ رهندا هئا. الله پاڪ هڪ تمام وڏي علائقي جون واپاري سرگرميون سندن هٿ ۾ ڏئي ڇڏيون هيون. اهي سياري جي مند ۾ يمن ڏانهن ويندا هئا جيڪو هڪ گرم علائقو آهي ۽ اونهاري جي مند ۾ شام طرف ويندا هئا جيڪو ٿڌو علائقو آهي. انهن عظيم نعمتن تي الله پاڪ کين شڪر ڪرڻ، شرڪ کان بچڻ ۽ الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ جو حڪم ڏنو.

| اَعُوْذُ | بِاللّٰهِ | مِنَ | الشَّيْطٰنِ | الرَّجِيْمِ |
|---|---|---|---|---|
| آءُ الله جي پناهه ٿو گهران شيطان تڙيل کان | | | | |

| بِسْمِ | اللّٰهِ | الرَّحْمٰنِ | الرَّحِيْمِ ○ |
|---|---|---|---|
| شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي. | | | |

| لِاِيْلٰفِ | قُرَيْشٍ ۙ﴿۱﴾ | اٖلٰفِهِمْ | رِحْلَةَ | الشِّتَآءِ | وَ الصَّيْفِ ۚ﴿۲﴾ |
|---|---|---|---|---|---|
| چاهي ڏيارڻ لاءِ قريش کي. چاهي ڏيارڻ لاءِ انهن کي سفر سياري ۽ اونهاري جي ۾. | | | | | |

| فَلْيَعْبُدُوْا | رَبَّ | هٰذَا | الْبَيْتِ ۙ﴿۳﴾ | الَّذِيْٓ | اَطْعَمَهُمْ | مِّنْ | جُوْعٍ ۙ | وَّ اٰمَنَهُمْ | مِّنْ | خَوْفٍ ۚ﴿۴﴾ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| پوءِ پِي تہ اهي عبادت ڪن هن گهر جي مالڪ جي. اها ذات جنهن کاڌو کارايو انهن کي بک کان ۽ امن ڏنو انهن کي ڊپ کان. | | | | | | | | | | |

# عرب ۾ قريشي قبيلي جو علائقو



# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

ٻارڙو! اسان کي خبر پئي تہ:

(١) اسان وٽ جيڪو ڪجهہ بہ آهي، اهو الله پاڪ جو فضل آهي. (سورة قريش جو تعارف)
(٢) اسان کي هميشہ الله پاڪ جي احسانن کي ياد رکڻ گهرجي. (سورة قريش جو تعارف)
(٣) الله پاڪ ئي پنهنجن ٻانهن کي ڪمائڻ جي طريقن کان سونهون ڪيو آهي. (قريش:١)
(۴) اونهاري توڙي سياري ۾ واپار جو سفر بہ الله پاڪ جو فضل آهي. (قريش:٢)
(۵) الله پاڪ جي نعمتن تي شڪر ڪرڻ بہ عبادت آهي. (قريش:٣)
(٦) اسان کي الله پاڪ جي گهر خانہ ڪعبہ سان محبت رکڻ گهرجي. (قريش:٣)
(٧) اسان کي رڳو الله پاڪ جي ئي عبادت ڪرڻ گهرجي. (قريش:٣)
(٨) الله پاڪ ئي اسان جو رازق آهي. (قريش:۴)
(٩) الله پاڪ ئي اسان جو محافظ آهي.(قريش:۴)
(١٠) اسان جون سڀئي ضرورتون پوريون ڪرڻ وارو اسان جو پالڻهار الله پاڪ ئي آهي. (قريش:۴)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو (هڪ کان وڌيڪ جواب بہ صحيح ٿي سگهن ٿا):

(١) قريش جا ماڻهو ڪٿي آباد هئا؟

(الف) مڪي ۾ (ب) مديني ۾ (ج) طائف ۾ (د) جده ۾

(٢) نبي ڪريم ﷺ جن جو تعلق ڪهڙي قبيلي سان هو؟

(الف) اَوس (ب) خزرج (ج) بنواميہ (د) قريش

(٣) گرمي ۽ سرديءَ جي سفر مان ڇا مطلب آهي؟

(الف) واپار جي لاءِ سفر (ب) جنگ جي لاءِ سفر
(ج) تفريح جي لاءِ سفر (د) حج جي لاءِ سفر

(۴) قريش جا ماڻهو واپار ڪرڻ لاءِ ڪهڙي علائقي ۾ ويندا هئا؟

(الف) ايران ۽ عراق (ب) پاڪستان ۽ هندوستان
(ج) يمن ۽ شام (د) مصر ۽ حبشہ

(۵) هن سبق ۾ پالڻهار جا ڪهڙا ڪم بيان ڪيا ويا آهن؟

(الف) بک ۾ کاڌو کارائيندو آهي (ب) نعمتون عطا ڪندو آهي
(ج) امتحان ۾ پاس ڪرائيندو آهي (د) خوف کان امن بخشيندو آهي

سوال:٢. هيٺين سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(١) قريش تي الله پاڪ ڪهڙا انعام فرمايا؟

(٢) الله پاڪ اسان کي جيڪي اڻ ڳڻيون نعمتون ڏنيون آهن، انهن مان ڪجهه بيان ڪيو؟

(٣) الله پاڪ جي نعمتن تي شڪر ڪرڻ جو طريقو ڪهڙو آهي؟

## گهرو ڪم

(١) هن سورة کي ترجمي سان ياد ڪري پنهنجي گهر وارن کي ٻڌايو.
(٢) عرب جي نقشي تي مڪو شهر، شام ۽ يمن جي ملڪن کي ظاهر ڪيو.
(٣) اسان کي سفر جي دوران جن ڳالهين جو خيال رکڻ گهرجي، انهن ۾ رنگ ڀريو:

| | |
|---|---|
| دعا گهرڻ | تڪليف ڏيندڙ شيون اُڇلائڻ |
| رستي جي وچ تان هلڻ | الله پاڪ جو ذڪر ڪرڻ |
| ماڻهن کي تنگ ڪرڻ | رستي جي وٽ کان هلڻ |
| ٻين جي مدد ڪرڻ | گند ڪچرو ڦٽو ڪرڻ |
| هُلُ مچائڻ | ننڍڙن سان شفقت ڪرڻ |

استاد جي صحيح: ____________ والدين/سرپرست جي صحيح: ____________

# سُوْرَةُ الْمَاعُوْنِ

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو سبب:

هن سورة ۾ آخرت جي انڪارين جي خراب ڪردار ڪي بيان ڪيو ويو آهي. آخرت جي انڪار ڪرڻ جي ڪري انسان جي ڪردار ۾ ڪيترين ئي خرابيون پيدا ٿينديون آهن. اهڙا ماڻهو يتيمن تي ظلم ۽ ڏاڍ ڪندا آهن ۽ غريبن جي پاڻ به مدد ناهن ڪندا ۽ ٻين ڪي به انهيءَ پاسي ڏيان ڪو نه ڏياريندا آهن. اهڙا ماڻهو الله پاڪ جي عبادت کان غافل رهندا آهن. جيڪڏهن ڪا نيڪي مثال طور نماز به پڙهندا آهن ته ڏيکاءَ جي لاءِ اهي ماڻهو ايترا ته خود غرض هوندا آهن جو عام واهپي جون شيون به ماڻهن جي گهرڻ تي به ڪو نه ڏيندا آهن.

| بِسْمِ | اللّٰهِ | الرَّحْمٰنِ | الرَّحِيْمِ ○ |
|---|---|---|---|
| شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي. | | | |

| اَعُوْذُ | بِاللّٰهِ | مِنَ | الشَّيْطٰنِ | الرَّجِيْمِ |
|---|---|---|---|---|
| آءٌ الله جي پناهه ٿو گهران شيطان تڙيل کان | | | | |

اَرَءَيْتَ الَّذِىْ يُكَذِّبُ بِالدِّيْنِ ۝١ فَذٰلِكَ الَّذِىْ يَدُعُّ الْيَتِيْمَ ۝٢

(اي نبي!) ڇا تو ڏٺو ان ماڻهو کي جيڪو ڪوڙو ڪري پيو بدلي مِلڻ کي؟ پوءِ هي اهو (ماڻهو) آهي جيڪو ڌڪا ڏئي ٿو (ڇوري ٻار) يتيم کي.

وَلَا يَحُضُّ عَلٰى طَعَامِ الْمِسْكِيْنِ ۝٣ فَوَيْلٌ لِّلْمُصَلِّيْنَ ۝٤ الَّذِيْنَ هُمْ عَنْ صَلَاتِهِمْ سَاهُوْنَ ۝٥

۽ نه ٿو اهو شوق ڏياري (ٻين کي) کاڌي کارائڻ تي مسڪين (غريب) کي پوءِ تباهي آهي (انهن) نمازين لاءِ جيڪي اهي پنهنجي نماز کان غافل آهن.

الَّذِيْنَ هُمْ يُرَآءُوْنَ ۝٦ وَيَمْنَعُوْنَ الْمَاعُوْنَ ۝٧

جيڪي اهي ڏيکاءُ ٿا ڪن. ۽ اهي روڪين ٿا اُڌاريون شيون به.

# اهم نقطا

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

ٻارڙؤ! اسان کي معلوم ٿيو تہ:

(١) آخرت تي ايمان، انسان کي نيڪيءَ تي رضا مند ڪري ٿو. (الماعون: ١ کان ۴)

(٢) آخرت تي ايمان اسان جي عملن جي اصلاح جو وسيلو بڻجي ٿو. (الماعون: ١ کان ۴)

(٣) آخرت تي ايمان جيترو گهٽ هوندو، اوترو انسان نيڪين کان پري هوندو. (الماعون: ١ کان ۴)

(۴) اسان کي غريبن ۽ هيٺن سان همدردي ڪرڻ گهرجي ۽ سندن مدد ڪرڻ گهرجي. (الماعون: ٢ کان ٣)

(۵) اسان کي يتيمن سان سهٽو سلوڪ ڪرڻ گهرجي. (الماعون: ٢)

(٦) اسان کي مسڪينن کي کاڌو کارائڻ گهرجي. (الماعون: ٣)

(٧) اسان کي الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ ۾ غفلت نہ ڪرڻ گهرجي. (الماعون: ۴ کان ۵)

(٨) ڏيکاءَ ڪرڻ سان نيڪي ضائع ٿي ويندي آهي. (الماعون: ٦)

(٩) اسان کي الله پاڪ جي ڏنل نعمتن ۾ ٻين کي بہ شريڪ ڪرڻ گهرجي. (الماعون: ٢،٣،٧)

(١٠) اسان کي معمولي شيون استعمال ڪرڻ لاءِ ڏيڻ کان منع نہ ڪرڻ گهرجي. (الماعون:٧)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١: هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(١) هن سورة ۾ ڪهڙي شيءِ جي انڪار ڪرڻ جو ذڪر آهي؟

(٢) يتيم ڪنهن کي چوندا آهن؟

(٣) آخرت جي انڪارين جو يتيم ۽ مسڪين سان ڪهڙو رويو هوندو آهي؟

(۴) ڪيئن نمازين جي تباهيءَ جي خبر ٻڌائي ويئي آهي؟

(٥) ڏيکاءُ مان ڇا مطلب آهي؟

(٦) ماعون مان ڇا مطلب آهي؟

(٧) مسڪين ڪنهن کي چوندا آهن؟

(٨) آخرت تي يقين نہ هئڻ جي ڪري انسان جي ڪردار تي ڪهڙا اثر پوندا آهن؟

## گهرو ڪم

(١) هن سورة کي ترجمي سان ياد ڪري پنهنجي گهر وارن کي ٻڌايو.
(٢) عام استعمال جون اهي ڪهڙيون شيون آهن جيڪي اسان کي هڪ ٻئي کان گهرڻ تي استعمال ڪرڻ لاءِ ڏيڻ گهرجن.
(٣) پنهنجي گهر وارن جي مدد سان پنهنجي پاڙي جي مسجد ۾ ٽيبلز سيني فرض نمازن جا وقت لکو:

| نماز | جماعت جو وقت |
|---|---|
| فجر | |
| پيپهري | |
| ٽيپهري | |
| سانجهي | |
| سومهڻي | |

# سُوْرَةُ الْكَوْثَرِ

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو سبب:

نبي ڪريم ﷺ جي پٽڙي جي وصال تي ڪافرن خوشيون ملهايون ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جن کي بي اولاد هئڻ جو طعنو ڏنو تنهن تي الله پاڪ پاڻ هيءَ سورة نازل فرمائي. هن سورة ۾ نبي ڪريم ﷺ جن تي الله پاڪ جي فضل ۽ ان جي انعامن جي ذڪر جو بيان آهي. هن سورة ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جي دشمنن کي سندن نالو نشان متجي وڃڻ جي خبر ڏني وئي آهي. پاڻ سڳورن ﷺ کي الله پاڪ جي قربت ۽ ويجهڙائي حاصل ڪرڻ جي لاءِ نماز ۽ قرباني ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. هيءَ قرآن پاڪ جي سڀ کان ننڍي سورة آهي. جڏهن تہ سورة البقره سڀ کان وڏي سورة آهي.

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| اَعُوْذُ | بِاللّٰهِ | مِنَ | الشَّيْطٰنِ | الرَّجِيْمِ | بِسْمِ | اللّٰهِ | الرَّحْمٰنِ | الرَّحِيْمِ ○ |
| آءٌ الله جي پناهہ ۾ گهران شيطان تڙيل کان | | | | | شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي. | | | |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| اِنَّآ | اَعْطَيْنٰكَ | الْكَوْثَرَ ؕ ﴿۱﴾ | فَصَلِّ | لِرَبِّكَ |
| (اي پيغمبر!) بيشڪ اسان عطا ڪيو توکي ڪوثر. پوءِ تون نماز پڙهہ پنهنجي رب لاءِ | | | | |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| وَانْحَرْ ؕ ﴿۲﴾ | اِنَّ | شَانِئَكَ | هُوَ | الْاَبْتَرُ ع ﴿۳﴾ |
| ۽ قرباني ڪر. بيشڪ تنهنجو دشمن ئي نپٽو آهي. | | | | |

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

ٻارڙو! انهيءَ مان اسان کي خبر پئي ته:

(١) نبي ڪريم ﷺ جن الله پاڪ جا پسنديده ٻانها آهن. (الڪوثر:١)

(٢) الله پاڪ پاڻ سڳورن ﷺ تي سڀ کان وڏو انعام عطا فرمايو. (الڪوثر:١)

(٣) الله پاڪ جي فضل تي اسان کي شڪر ادا ڪرڻ گهرجي. (الڪوثر:٢)

(۴) الله پاڪ پنهنجن نيڪ ٻانهن تي فضل ۽ ڪرم ڪندو آهي. (الڪوثر:١)

(۵) نماز ۽ قرباني الله پاڪ جي شڪر گذاريءَ جو ذريعو آهن. (الڪوثر:٢)

(٦) اسان کي نماز، قرباني ۽ هر نيڪ عمل، الله پاڪ جي رضا خاطر ڪرڻ گهرجي. (الڪوثر:٢)

(٧) الله پاڪ ۽ رسول الله ﷺ جا دوست دنيا ۽ آخرت ۾ فائدو ماڻڻ وارا آهن. (الڪوثر:٣،١)

(٨) مشڪل حالتن ۾ اسان کي نماز کان مدد وٺڻ گهرجي ۽ الله پاڪ جي راهه ۾ قربانيون ڏيڻ گهرجن.

(٩) الله پاڪ ۽ نبي ڪريم ﷺ جن جا دشمن دنيا ۽ آخرت ۾ نقصان وارا آهن. (الڪوثر:٣)

(١٠) اسان کي خراب ماڻهن جي طعنن سان همت هارڻ نه گهرجي. (الڪوثر:٣)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو:

(١) ڪوثر مان ڇا مراد آهي؟

(الف) جنت جو وڻ (ب) جنت جو جبل (ج) جنت جو حوض

(٢) هن سورة ۾ الله پاڪ، نبي ڪريم ﷺ جن کي ڪهڙو حڪم ڏنو؟

(الف) روزا رکڻ ۽ زڪواة ڏيڻ جو (ب) نماز پڙهڻ ۽ قرباني ڪرڻ جو (ج) عمره ۽ حج ڪرڻ جو

(٣) نماز ڪنهن جي لاءِ پڙهي ويندي آهي؟

(الف) رسول الله ﷺ جي لاءِ (ب) ملائڪن جي لاءِ (ج) الله پاڪ جي لاءِ

(۴) هن سورة ۾ نماز کانسواءِ ڪهڙي عبادت جو ذڪر آهي؟

(الف) قرباني (ب) روزي (ج) حج

(۵) هن سورة ۾ رسول الله ﷺ جي دشمنن جي باري ۾ ڇا فرمايو ويو؟

(الف) دنيا ۾ بي اولاد رهندو (ب) دنيا ۾ نالو روشن ٿيندو (ج) دنيا ۾ نعمتون ملنديون

سوال: ٢. هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(١) قرآن شريف ۾ سڀ کان ننڍي سورة ۽ سڀ کان وڏي سورة جو نالو ٻڌايو؟

(٢) قرآن پاڪ جي سڀ کان ننڍي سورة جون ڪيتريون آيتون آهن؟

(٣) سورة الڪوثر ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جن جي دشمنن بابت ڪهڙي خبر ڏني وئي آهي؟

## گهرو ڪم

(١) هن سورة ڪي ترجمي سان ياد ڪري پنهنجي گهر وارن کي ٻڌايو.

(٢) پنهنجي گهر وارن جي مدد سان ٻڌايو تہ ڪهڙن جانورن جي قرباني ڪري سگهجي ٿي؟

(٣) الله پاڪ جي ڏنل نعمتن تي شڪر ادا ڪرڻ جي صحيح طريقن جو ڏس پٽو رنگ پري ڪري ڏيو.

| | |
|---|---|
| الحمد الله چوڻ | ٻين کي شامل ڪرڻ |
| لڪائي رکڻ | غلط استعمال ڪرڻ |
| قدر ڪرڻ | ڪنجوسي ڪرڻ |
| صحيح استعمال ڪرڻ | تڪبر ڪرڻ |
| ضائع ڪرڻ | نماز پڙهڻ |

استاد جي صحيح: ________________ والدين/سرپرست جي صحيح: ________________

# اهم نقطا

# سُوْرَةُ الْكَافِرُوْنَ

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو سبب:

هيءَ سورة مڪي آهي. نبي ڪريم ﷺ جن کي دين جي دعوت کان روڪڻ لاءِ مڪي جي مشرڪن، ظلم، ڏاڍ ۽ ڌمڪاءَ سان گڏوگڏ چالاڪي ڪري ڪين ڳالهين وسيلي مختلف تجويزن سان ٿاهه ڪرڻ جي پڻ ڪوشش ڪندا رهيا. يعني انهن جي مرضي هئي ته دين جون ڪجهه ڳالهيون (حضرت) محمد (ﷺ) ڇڏي ته ڪجهه هو ڪفر تان هٿ کڻن ته جيئن ڪنهن طرح سندن ڪوڙن خدائن يعني پٿر جي بتن جو بچاءُ ٿي سگهي. پر الله پاڪ هيءَ سورة نازل فرمائي فيصلو ڪري ڇڏيو ته انهن ڪافرن سان ٿاهه جون ڳالهيون ڪرڻ اجايو وقت وڃائڻ آهي. الله پاڪ فرمايو ته، اي رسول ﷺ! اعلان ڪري انهن ڪافرن کي ٻڌاءِ ته آءٌ انهن بتن جي پوڄا نٿو ڪريان جن کي توهين پوڄيو ٿا ۽ توهان ان الله پاڪ جي عبادت نه ڪندؤ جنهن جي آءٌ عبادت ڪندو آهيان، وري نه آءٌ انهن جي پوڄا ڪندس، جن بتن جي آڏو اوهان ڪنڌ نوايو ٿا ۽ نه ئي توهان ان جي عبادت ڪرڻ وارا آهيو جنهن جي اڳيان مان سر جهڪايان ٿو. منهنجو دين ۽ توهان جو ڌرم جدا جدا آهن اوهان لاءِ اوهان جو دين ۽ مون لاءِ منهنجو دين اسلام آهي.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| أَعُوْذُ | بِاللهِ | مِنَ | الشَّيْطٰنِ | الرَّجِيْمِ |

آءٌ الله جي پناهه تو گهران شيطان تڙيل کان

| | | | |
|---|---|---|---|
| بِسْمِ | اللهِ | الرَّحْمٰنِ | الرَّحِيْمِ ○ |

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| قُلْ | يٰۤاَيُّهَا | الْكٰفِرُوْنَ ۝١ | لَاۤ | اَعْبُدُ | مَا تَعْبُدُوْنَ ۝٢ |

(اي نبي! ڪافرن کي) تون چؤ اي ڪافرؤ! نه عبادت ڪندس مان جنهن کي اوهان پوڄيو ٿا.

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| وَلَاۤ | اَنْتُمْ | عٰبِدُوْنَ | مَاۤ | اَعْبُدُ ۝٣ | وَلَاۤ | اَنَا | عَابِدٌ |

۽ نڪي توهان عبادت ڪندڙ آهيو (ان جي) جنهن جي مان عبادت ڪريان ٿو. ۽ نه مان (ئي) عبادت ڪندڙ آهيان

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| مَّا | عَبَدْتُّمْ ۝٤ | وَلَاۤ | اَنْتُمْ | عٰبِدُوْنَ | مَاۤ اَعْبُدُ ۝٥ |

جنهن جي اوهان پوڄا ڪئي. ۽ نڪي توهان (ئي) عبادت ڪندڙ آهيو (ان جي) جنهن جي مان عبادت ڪريان ٿو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| لَكُمْ | دِيْنُكُمْ | وَلِيَ | دِيْنِ ۝٦ |

توهان لاءِ توهان جو دين آهي ۽ مون لاءِ منهنجو دين.

# اهم نقطا

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

پارڙو! انهيءَ مان معلوم ٿيو تہ:

(١) اسان کي ڪافرن کي بہ دين جي دعوت ڏيڻي آهي. (الڪافرون:١)

(٢) اسان کي بلڪل چٽيءَ طرح دين جي دعوت ڏيڻ گهرجي. (الڪافرون:١ تا ٥)

(٣) اسان کي ڪنهن بہ قيمت تي شرڪ کي قبول نہ ڪرڻ گهرجي. (الڪافرون:٤، ٢)

(٤) عبادت ۾ الله پاڪ سان ڪنهن کي شريڪ نٿو ڪري سگهجي. (الڪافرون:٤،٢)

(٥) اسان کي بتن ۽ ڪوڙن معبودن جي عبادت ڪرڻ کان پڌرو انڪار ڪرڻ گهرجي. (الڪافرون:٤،٢)

(٦) الله پاڪ جي عبادت کان انڪار ڪندڙ ڪافر آهن. (الڪافرون:٥،٣،١)

(٧) سڀني جمار ۾ الله پاڪ جي فرمانبرداري ڪرڻ جو نالو دين آهي. (الڪافرون:٦۔تعارف)

(٨) ڪافرن جي پاران حق کي ختم ڪرڻ جو هڪ طريقو دوستيءَ جي آڇ آهي. (الڪافرون:٦۔تعارف)

(٩) حق ۽ باطل جي دوستي ممڪن ناهي. (الڪافرون:٦)

(١٠) ڪنهن ڪافر کي زبردستي دين اسلام قبول ڪرڻ لاءِ مجبور نٿو ڪري سگهجي. (الڪافرون:٦)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو:

(١) ڪافر ڪنهن کي چوندا آهن؟

(الف) حق جو انڪار ڪندڙ کي (ب) ڪوڙ ڳالهائڻ واري کي (ج) چوري ڪرڻ واري کي

(٢) دين جي معنيٰ ڇا آهي؟

(الف) سڄي زندگي نماز پڙهڻ (ب) روزا رکڻ ۽ حج ڪرڻ

(ج) سڄي حياتيءَ ۾ الله پاڪ جي فرمانبرداري ڪرڻ

(٣) ڪافر ڪنهن جي عبادت ڪندا آهن؟

(الف) بتن جي (ب) الله پاڪ جي (ج) جنن جي

(٤) الله پاڪ سان گڏ ڪنهن ٻئي جي عبادت ڪرڻ کي ڇا چوندا آهن؟

(الف) ڪفر (ب) شرڪ (ج) نفاق

(٥) ڇا اسان کي ڪافرن سان دوستي ڪرڻ لاءِ انهن جي بتن جي پوڄا بہ ڪڏهن ڪرڻ گهرجي؟

(الف) ها (ب) نہ (ج) خبر ناهي

سوال:٢. هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(١) عبادت جي معنيٰ ٻڌايو؟

______________________________

______________________________

(٢) هن سورة ۾ قريش جي سردارن نبي ڪريم ﷺ ڪان ڪهڙو مطالبو ڪيو؟

______________________________

______________________________

(٣) هن سورة ۾ نبي ڪريم ﷺ جن ڪنهن جي عبادت ڪرڻ ڪان انڪار فرمايو آهي.

______________________________

______________________________

## گهرو ڪم

(١) هن سورة ڪي ترجمي سان ياد ڪري پنهنجي گهر وارن ڪي ٻڌايو.

(٢) الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ جي مختلف طريقن جي هڪ فهرست ٺاهيو.

(٣) الله پاڪ جي عبادت ڪي ظاهر ڪرڻ وارن ڪمن ڪي ليڪ جي ذريعي ”عبادت“ سان ملايو ۽ انهن ۾ رنگ ڀريو.




استاد جي صحيح:______________ والدين/سرپرست جي صحيح:______________

# سُوْرَةُ النَّصْرِ

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو سبب:

هيءَ سورة نبي ڪريم ﷺ جن جي حياتي مبارڪ جي آخري دور ۾ نازل ٿي. هن سورة ۾ فتح جو ذڪر آهي. هن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ايمان وارن کي مڪي جي فتح سان گڏوگڏ ٻيون ڪاميابيون به حاصل ٿينديون الله پاڪ جو دين غالب ٿيندو. ماڻهو تمام گهڻي انگ ۾ الله پاڪ جي دين ۾ داخل ٿيندا. سورة ۾ نبي ڪريم ﷺ جي مشن جي مڪمل ٿيڻ ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جن جي دنيا مان موڪلائڻ جي خبر به ڏني وئي اهي. آخرم ۾ پاڻ سڳورن ﷺ کي الله پاڪ جي واکاڻ ڪرڻ ۽ مغفرت طلب ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| اَعُوْذُ | بِاللّٰهِ | مِنَ | الشَّيْطٰنِ | الرَّجِيْمِ |

آءٌ الله جي پناهه ۾ تو گهران شيطان تڙيل کان

| | | | |
|---|---|---|---|
| بِسْمِ | اللّٰهِ | الرَّحْمٰنِ | الرَّحِيْمِ ○ |

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

| | | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| اِذَا | جَآءَ | نَصْرُ | اللّٰهِ | وَالْفَتْحُ ۙ (١) | وَرَاَيْتَ | النَّاسَ | يَدْخُلُوْنَ | فِيْ | دِيْنِ | اللّٰهِ اَفْوَاجًا ۙ (٢) |

جڏهن اچي الله جي مدد ۽ (ٿئي مڪي جي) فتح. ۽ تون ڏسين ماڻهن کي (ته) اهي داخل (شامل) ٿي رهيا آهن الله جي دين ۾ تولا تولا ڪري.

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| فَسَبِّحْ | بِحَمْدِ | رَبِّكَ | وَاسْتَغْفِرْهُ ۭ | اِنَّهٗ | كَانَ | تَوَّابًا ۧ (٣) |

تڏهن تون پاڪائي بيان ڪر پنهنجي رب جي تعريف سان ۽ بخشش گهر ان کان بيشڪ اهو آهي تمام وڏو توبهه قبول ڪرڻ وارو.

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

ٻارڙؤ! اسان کي خبر پئي تہ:

(١) اسان کي الله پاڪ مان ئي مدد جي اميد رکڻ گهرجي. (النصر:١)
(٢) ڪاميابي الله پاڪ جي حڪم سان ملندي آهي. (النصر:١)
(٣) نيڪ ۽ چڱن ماڻهن جي لاءِ الله پاڪ جي مدد ضرور ايندي آهي. (النصر:٢)
(٤) الله پاڪ دين جي لاءِ محنت ڪرڻ وارن کي دنيا ۾ فتح عطا ڪندو آهي. (النصر:٢)
(٥) دين جو غلبو ماڻهن جي لاءِ دين کي قبول ڪرڻ جو ذريعو بڻبو آهي. (النصر:٢)
(٦) اسان کي ڪثرت سان الله پاڪ جي حمد ۽ تسبيح ڪندو رهڻ گهرجي. (النصر:٣)
(٧) اسان کي ڪثرت سان مغفرت گهرندو رهڻ گهرجي. (النصر:٣)
(٨) اسان کي هر سٺي ڪم جي مڪمل ٿيڻ تي الله پاڪ جي پاڪائي ۽ ان جي ساراهہ بيان ڪرڻ گهرجي. (النصر:٣)
(٩) اسان کي ڪاميابيءَ تي وڏائي ۽ فخر ڪرڻ بدران الله پاڪ جو شڪر ادا ڪندي ان کان بخشش طلب ڪرڻ گهرجي. (النصر:٣)
(١٠) الله پاڪ ڏاڍي توبهہ قبول ڪرڻ وارو آهي. (النصر:٣)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو:

(١) هن سورة ۾ ڪهڙي شيءِ جي خوشخبري ڏني وئي آهي؟
(الف) الله پاڪ جي رضا ۽ جنت جي (ب) الله پاڪ جي مدد ۽ فتح جي (ج) دولت ۽ شهرت جي
(٢) هن سورة ۾ ٻين ڪاميابين سان گڏ ڪهڙي فتح جو ذڪر آهي؟
(الف) مڪي جي فتح (ب) خيبر جي فتح (ج) طائف جي فتح
(٣) مڪي جي فتح کان پوءِ ماڻهو الله جي دين ۾ ڪيئن داخل ٿيا؟
(الف) ٽورا ٽورا (ب) ٽولن جا ٽولا (ج) هڪ هڪ ٿي
(٤) هن سورة ۾ الله پاڪ نبي ڪريم ﷺ جن کي ڪهڙو حڪم ڏنو آهي؟
(الف) تسبيح بيان ڪرڻ جو (ب) تڪبير چوڻ جو (ج) دعا گهرڻ جو
(٥) الله پاڪ جي تسبيح بيان ڪرڻ مان ڇا مراد آهي؟
(الف) الله پاڪ جي پاڪائي بيان ڪرڻ (ب) الله پاڪ جي ساراهہ ڪرڻ
(ج) الله پاڪ جو شڪر ادا ڪرڻ

سوال: ٢. هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(١) اسان کي ڪاميابي حاصل ٿيڻ تي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

(٢) ڇا اسان کي الله پاڪ جي نعمتن تي تڪبر ڪرڻ گهرجي؟

(٣) الله پاڪ کان توبهه ۽ استغفار ڪرڻ يعني معافي گهرڻ جو ڪهڙو طريقو آهي؟

## گهرو ڪم

(١) هن سورة کي ترجمي سان ياد ڪري پنهنجي گهر وارن کي ٻڌايو.
(٢) مڪي جون ڪجهه تصويرون گڏ ڪري چارٽ تي هڻو.
(٣) مڪي جي فتح جو واقعو پنهنجي گهر وارن کان پڇا ڪري پنهنجن دوستن کي ٻڌايو.

استاد جي صحيح: ____________ والدين/سرپرست جي صحيح: ____________

# سُوْرَةُ اللَّهَبِ

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو سبب:

هن سورة ۾ نبي ڪريم ﷺ جن جي دشمن جو انت ۽ انجام بيان ٿيو آهي. انهن ڪي دنيا ۽ آخرت ۾ ناڪاميءَ جي خبر ڏني وئي آهي. جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ جن کي الله پاڪ ظاهر ظهور اسلام جي دعوت ڏيڻ جو حڪم ڪيو تہ پاڻ سڳورن ﷺ جن صفا نالي جبل تي آيا. پاڻ سائين جن انهيءَ دور جي طريقي جي مطابق ماڻهن کي سڏي گڏ ڪيو جڏهن ماڻهو اچي گڏ ٿيا تہ نبي ڪريم ﷺ فرمايو "اي انسانو! جيڪڏهن مان توهان کي اهو چوان تہ هن جبل جي پٺيان کان هڪ اهو لشڪر (فوج) آهي، جيڪو توهان تي حملو ڪرڻ گهري ٿي تہ ڇا اوهان منهنجي ڳالهہ تي يقين ڪندا؟ ماڻهن وراڻيو تہ بيشڪ اسان اوهان جي ڳالهہ تي ويساهہ ڪنداسون، ڇو تہ اوهان سچا آهيو. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو " تہ پوءِ اوهان هڪ الله جي عبادت ڪريو مان الله جو رسول آهيان ۽ توهان کي آخرت جي انجام کان خبردار ڪرڻ آيو آهيان." تنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ جن جي سڳي چاچي ابو لهب ناراض ٿيندي چيو تہ، اي محمد (ﷺ) ! تنهنجا هٿ ڀڄن شل (معاذ الله) ڇا تو اسان کي هتي انهيءَ لاءِ ڪٺو ڪيو هو؟

ابولهب جي انهيءَ گستاخيءَ تي الله پاڪ هيءَ سورة نازل فرمائي، جنهن ۾ ابو لهب ۽ ان جي زال امِ جميل کي (جيڪا پاڻ ڪريمن ﷺ جن کي ايذاءَ ۽ تڪليفون ڏيندي هئي) دنيا ۽ آخرت ۾ عذاب جي بڇڙي خبر ٻڌائي وئي.

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

آءٌ الله جي پناهہ ۾ وٺان ٿو گهران شيطان تڙيل کان

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

تَبَّتْ يَدَآ اَبِيْ لَهَبٍ وَّتَبَّ ۝١ مَآ اَغْنٰى عَنْهُ مَالُهٗ وَمَا كَسَبَ ۝٢

ويڄن ڀڳي هٿ ابو لهب جا ۽ اهو (پاڻ بہ) برباد ٿيو. نہ فائدو ڏنو ان کي سندس مال ۽ جيڪو ڪجهہ ان ڪمايو.

سَيَصْلٰى نَارًا ذَاتَ لَهَبٍ ۝٣ وَّامْرَاَتُهٗ ۭ حَمَّالَةَ الْحَطَبِ ۝٤

اهو سگهو ئي پوندو اهڙي باهہ ۾ جيڪا چيڀءَ واري آهي. ۽ ان جي زال بہ (جيڪا) ڪاٺيون ڪڻڻ واري آهي.

فِيْ جِيْدِهَا حَبْلٌ مِّنْ مَّسَدٍ ۝٥

ان جي ڳچيءَ ۾ رسي (هوندي) ڪاٻر جي (وٽيل).

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

ٻارڙو! اسان کي ڄاڻ ملي ته:

(١) برائيءَ جو انجام برو ٿئي ٿو. (اللهب:١)
(٢) نيڪ انسان سان مائٽي نيڪ عملن جي کوٽ ۽ گهٽتائي کي پورو نٿي ڪري سگهي. (اللهب:١)
(٣) الله پاڪ اڳڪٿي ڪري ڇڏي آهي ته برا ماڻهو ناڪام رهندا. (اللهب:١)
(٤) الله پاڪ ۽ رسول جا دشمن دنيا ۽ آخرت ۾ تباهه ۽ برباد ٿيندا آهن. (اللهب:١)
(٥) خراب ماڻهن کي نه انهن جو مال / انهن کي فائدو ڏيندو ۽ نڪي سندن خراب عمل (اللهب:٢)
(٦) جڏهن الله پاڪ جو عذاب ايندو آهي ته مال ۽ وسيلا ڪم ناهن ايندا. (اللهب:٢)
(٧) نبين عليهم السلام کي خراب ۽ برو چوڻ وارا الله پاڪ جي رحمت کان محروم ٿي ويندا آهن. (اللهب:٣)
(٨) الله پاڪ ۽ رسول ﷺ جي دشمنن جو انجام جهنم جي باهه آهي. (اللهب:٣)
(٩) خراب مڙس ۽ خراب زال هئي الله پاڪ کي پسند نه آهن. (اللهب:٣ کان ٥)
(١٠) خراب مڙس ۽ خراب زال جي لاءِ جهنم جي باهه جو عذاب آهي. (اللهب:٣ کان ٥)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو

(١) ابولهب جو پاڻ سڳورن ﷺ جن سان ڪهڙو تعلق هو؟

(الف) پاءُ هو (ب) چاچو هو (ج) مامون هو

(٢) جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ کي الله پاڪ کليءَ طرح اسلام جي دعوت ڏيڻ جو حڪم ڏنو ته پاڻ سڳورن ﷺ ڪيڏانهن ويا؟

(الف) مروه جبل تي (ب) احد جبل تي (ج) صفا جبل تي

(٣) ابولهب نبي ڪريم ﷺ جن جي دعوت ٻڌڻ بعد ڇا چيو؟

(الف) اوهان سچ ٿا چئو (ب) اوهان جا هٿ ڀڃن (معاذ الله) (ج) اوهان پاڻ سڳورن ﷺ جي ڳالهه ڪي مڃو

(٤) نبين عليهم السلام کي گهٽ وڌ چوندڙ ماڻهن کي الله پاڪ ڇا ڏيندو آهي؟

(الف) سڪون (ب) انعام (ج) سزا

(٥) ابولهب جي زال جو نالو ٻڌايو؟

(الف) ام جميل (ب) ام عمار (ج) ام ايمن

سوال:٢. هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لکو:

(١) هن سورة ۾ ابولهب کي پٽ پاراتو ڇو ڏنو ويو؟

(٢) ڇا ابولهب جي دولت ۽ سندس بڇڙا عمل هن جي ڪجھ ڪم آيا؟

(٣) ابولهب جو ڪهڙو انجام ٿيو؟

## گهرو ڪم

(١) هن سورة کي ترجمي سان ياد ڪري پنهنجي گهر وارن کي ٻڌايو.

(٢) پنهنجي گهر وارن کان پڇا ڪري رسول الله ﷺ جن جي ڪن بہ ڇئن دشمنن جا نالا ٻڌايو.

(٣) الله پاڪ جي راهہ ۾ پهچندڙ تڪليفن تي پاڻ سڳورن ﷺ ۽ اصحاب سڳورن جو ڪهڙو رويو هوندو هو.
پنهنجي گهر وارن کان معلوم ڪري ڪي بہ پنج ڳالهيون لکو.

استاد جي صحيح: ________________ والدين/سرپرست جي صحيح: ________________

# سُوْرَةُ الْاِخْلَاصِ

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو سبب:

مديني جا ٻه ٽي يهودي نبي ڪريم ﷺ جن وٽ آيا، انهن نبي ڪريم ﷺ جن کان الله پاڪ جي صفتن جي باري ۾ سوال پڇيو ته الله پاڪ ڪيئن آهي؟ هو ڪهڙي جنس جو آهي؟ ڇا هو سون، چاندي يا پتل جو آهي؟ ڇا هو ڪجهه کائيندو پيئندو آهي؟ الله پاڪ ڪي دنيا جي وراثت ڪنهن کان ملي ۽ الله پاڪ کان پوءِ دنيا جو وارث ڪير هوندو؟ اهڙيءَ طرح مڪي جا مشرڪ نبي ڪريم ﷺ جن کان الله پاڪ جي ڪتنب جي باري ۾ سوال ڪيو جنهن جو هن سورة ۾ جواب ڏنو ويو آهي.

نبي ڪريم ﷺ جن سورة الاخلاص کي قرآن جو ٽئين حصي برابر قرار ڏنو آهي. هن سورة ۾ توحيد جو بيان يعني الله پاڪ جو تعارف ڪرايو ويو آهي. يهودين ۽ عيسائين پنهنجن نبين عليهم السلام کي الله پاڪ جو پٽ بڻايو جڏهن ته مڪي جي مشرڪن فرشتن کي الله پاڪ جون ڌيئر ڪوٺيو. مڪي وارن پاڻ سڳورن ﷺ کان الله پاڪ جي ڪڙم قبيلي ۽ خاندان جي باري ۾ پڇندا هئا، انهن سيني غلط ڳالهين جو هن سورة ۾ جواب ڏنو ويو آهي، ٻڌايو آهي ته الله پاڪ هڪ آهي ۽ نه ان جو ڪو پيءُ آهي ۽ نه ئي ڪا اولاد آهي ۽ نه ئي ڪو ڪنهن به لحاظ کان ان جهڙو آهي.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| اَعُوْذُ | بِاللّٰهِ | مِنَ | الشَّيْطٰنِ | الرَّجِيْمِ |

آءٌ الله جي پناهه ۾ گهران ٿو شيطان تڙيل کان

| | | | |
|---|---|---|---|
| بِسْمِ | اللّٰهِ | الرَّحْمٰنِ | الرَّحِيْمِ ○ |

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

| | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| قُلْ | هُوَ | اللّٰهُ | اَحَدٌ ۚ ① | اَللّٰهُ | الصَّمَدُ ۚ ② | لَمْ | يَلِدْ ۙ | وَلَمْ | يُوْلَدْ ۙ ③ |

تون چؤ اهو الله اڪيلو آهي. الله بي نياز آهي. نه ان ڄڻيو (ڪنهن کي) ۽ نڪي اهو (پاڻ) ڄڻيو ويو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| وَلَمْ | يَكُنْ | لَّهٗ | كُفُوًا | اَحَدٌ ۠ ④ |

۽ نه آهي ان جو مٽ ڪوئي به.

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

ٻارڙو! اسان کي خبر پئي ته:

(١) الله پاڪ هڪ ئي آهي. (الاخلاص:١)

(٢) اسان کي رڳو هڪ الله پاڪ جي ئي عبادت ڪرڻ گهرجي ۽ اهو ئي سچو معبود آهي. (الاخلاص:١)

(٣) الله پاڪ کي ڪنهن به شيءِ جي ضرورت ناهي. (الاخلاص:٢)

(٤) الله پاڪ کائڻ پيئڻ يا ڪنهن به شيءِ جو محتاج ناهي. (الاخلاص:٢)

(٥) الله پاڪ اسان جي عبادت جو محتاج ناهي. الله پاڪ جي عبادت پنهنجي ئي فائدي جي لاءِ ڪرڻ گهرجي. (الاخلاص:٢)

(٦) الله پاڪ هميشه کان آهي, الله پاڪ کان اڳ ڪو به ناهي. (الاخلاص:٣)

(٧) الله پاڪ جو ڪوئي به پيءُ ۽ اولاد ڪونهي. (الاخلاص:٣)

(٨) الله پاڪ کي ڪو به پٽ يا ڌيءَ ڪونهي. (الاخلاص:٣)

(٩) اسان کي الله پاڪ سان گڏ ڪنهن کي شريڪ نه ڪرڻ گهرجي. (الاخلاص:٣,٤)

(١٠) ڪو به ڪنهن به لحاظ کان الله پاڪ جي برابر ناهي. (الاخلاص:٤)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. هيٺ ڏنل خالي جاين تي ڏنل لفظن مان خال ڀريو:

(١) نبي ڪريم ﷺ جن سورة الاخلاص کي ........ قرآن سڏيو آهي.

(الف) ٻه حصا (ب) ٽيون حصو (ج) اڌ

(٢) هن سورة ۾ ................................ جو بيان آهي.

(الف) توحيد (ب) رسالت (ج) آخرت

(٣) الله پاڪ................................ آهي.

(الف) هڪ (ب) ٻه (ج) ٽي

(٤) صمد جي معنيٰ ................................ آهي.

(الف) مالڪ (ب) خالق (ج) بي نياز

(٥) الله پاڪ جو ڪوئي ................................ نه آهي.

(الف) ٻندو (ٻانهو) (ب) غلام (ج) پٽ

سوال :٢. هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(١) الله پاڪ جو تعارف بيان ڪيو؟

(٢) يهودين ۽ عيسائين ڪنهن کي الله پاڪ جو پٽ سڏيو؟

(٣) الله پاڪ بي نياز آهي، مان ڇا مراد آهي؟

## گهرو ڪم

(١) هن سورة کي ترجمي سان ياد ڪري پنهنجي گهر وارن کي ٻڌايو:

(٢) هُوَاللّٰهُ اَحَد (اهو الله هڪ آهي) کي سهڻي نموني لکي چارٽ ٺاهيو.

(٣) پنهنجي گهر وارن جي مدد سان لفظ ”قل“ سان شروع ٿيندڙ ڪن بہ پنجن سورتن جا نالا ٻڌايو.

استاد جي صحيح: ____________ والدين/سرپرست جي صحيح: ____________

# اهم نقطا

# سُوْرَةُ الْفَلَقِ ۽ سُوْرَةُ النَّاسِ

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو سبب:

قرآن شريف جي آخر ۾ ٻه سورتون آهن. جن کي ”مَعُوذَتَين“ چوندا آهن اهي سورتون جادو ٽوڻي ڦيٽيءَ، شيطان، جنات ۽ هر قسم جي شر کان بچڻ لاءِ نهايت اهم آهن. انهن سورتن جي ذريعي اسين سيئي الله پاڪ جي پناهه گهرندا آهيون. سورة الفلق ۾ اسان جي ٻاهران جي برائين مثلاً اونداهي رات، جادوءَ حسد وغيره جي برائي ۽ نقصان کان الله پاڪ جي پناهه حاصل ڪرڻ جون دعائون سيکاريون ويون آهن. سورة الناس ۾ اسان جي اندر جي برائين مثلاً شيطان ۽ ان جي وسوسي جي برائي ۽ نقصان کان الله پاڪ جي پناهه وٺڻ جون دعائون سيکاريون ويون آهن. نبي ڪريم ﷺ جن اهي ٻئي سورتون هر فرض نماز کان پوءِ ۽ رات جو سمهڻ کان اڳ پڙهندا هئا.

## سُوْرَةُ الْفَلَقِ

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| اَعُوْذُ | بِاللّٰهِ | مِنَ | الشَّيْطٰنِ | الرَّجِيْمِ |

آءٌ الله جي پناهه ٿو گهران شيطان تڙيل کان

| | | | |
|---|---|---|---|
| بِسْمِ | اللّٰهِ | الرَّحْمٰنِ | الرَّحِيْمِ ○ |

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| قُلْ | اَعُوْذُ | بِرَبِّ | الْفَلَقِ ۙ﴿۱﴾ | مِنْ | شَرِّ | مَا | خَلَقَ ۙ﴿۲﴾ |

(اي نبي!) چؤ آءٌ پناهه ٿو وٺان صبح جي رب جي. (هر) ان شيءِ جي (شر) بڇڙائي کان جيڪا ان پيدا ڪئي.

| | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| وَمِنْ | شَرِّ | غَاسِقٍ | اِذَا | وَقَبَ ۙ﴿۳﴾ | وَمِنْ | شَرِّ | النَّفّٰثٰتِ | فِي | الْعُقَدِ ۙ﴿۴﴾ |

۽ انڌيريءَ رات جي شر کان جڏهن اها ڇائنجي وڃي. ۽ (ڦيٽڻ) ڦوڪيندڙ (عورتن) جي شر کان ڳنڍين ۾.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| وَمِنْ | شَرِّ | حَاسِدٍ | اِذَا | حَسَدَ ﴿۵﴾ |

بڇڙائي ساڙيلي کان جڏهن ساڙ ڪري.

# سُوْرَةُ النَّاسِ

| اَعُوْذُ | بِاللّٰهِ | مِنَ | الشَّيْطٰنِ | الرَّجِيْمِ |
| --- | --- | --- | --- | --- |

آءُ الله جي پناهه تو گهران شيطان تڙيل کان

| بِسْمِ | اللّٰهِ | الرَّحْمٰنِ | الرَّحِيْمِ ○ |
| --- | --- | --- | --- |

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

| قُلْ | اَعُوْذُ | بِرَبِّ | النَّاسِ ۙ ۱ | مَلِكِ | النَّاسِ ۙ ۲ | اِلٰهِ | النَّاسِ ۙ ۳ |
| --- | --- | --- | --- | --- | --- | --- | --- |

(اي نبي!) چؤ آءُ پناهه تو وتان ماڻهن جي رب جي. ماڻهن جي بادشاهه جي. ماڻهن جي معبود جي.

| مِنْ | شَرِّ | الْوَسْوَاسِ ۙ | الْخَنَّاسِ ۙ ۴ | الَّذِیْ | يُوَسْوِسُ | فِيْ | صُدُوْرِ | النَّاسِ ۙ ۵ |
| --- | --- | --- | --- | --- | --- | --- | --- | --- |

وسوسو وجهندڙ جي بڇڙائيءَ کان اهو جو (الله جو ذڪر ٻڌي) پٺتي پُرڪي ويندڙ ڪان. اهو جيڪو ڪتڪو وجهي تو ماڻهن جي دلين ۾ جو.

| مِنَ | الْجِنَّةِ | وَالنَّاسِ ۶ |
| --- | --- | --- |

جنن مان هجي ۽ ماڻهن (مان) هجي.

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

ٻارڙو! اسان کي خبر پئي تہ:

(١) الله پاڪ سڀ کان وڏو محافظ آهي. (الفلق:١_الناس:١)
(٢) چڱائيءَ ۽ لڱائي ٻئي پيدا ڪندڙ الله پاڪ آهي. (الفلق:٢)
(٣) اسان کي هر شيءِ جي برائيءَ کان بچڻ جي لاءِ الله پاڪ جي پناهہ وٺڻ گهرجي. (الفلق: ١،٢)
(٤) جادو ڪفر آهي، جادو ڪرڻ يا ڪرائڻ الله پاڪ کي پسند نہ آهي. (الفلق:٤)
(٥) اسان کي ساڙ نہ ڪرڻ گهرجي. (الفلق: ٥)
(٦) اسان کي حسد ۽ ساڙ ڪرڻ وارن جي بڇڙائيءَ کان بچڻ جي هميشہ دعا گهرڻ گهرجي. (الفلق:٥)
(٧) شيطان جي حملن کان بچڻ جي لاءِ الله پاڪ جي پناهہ وٺڻ گهرجي. (الناس: ١ کان ٣)
(٨) شيطان اسان جو سڀ کان وڏو دشمن آهي. (الناس:٤)
(٩) شيطان دلين ۾ برائيءَ جو خيال وجهندو رهندو آهي. (الناس:٥)
(١٠) برا انسان ۽ ڏنگا جن شيطان جا دوست بڻجي ويندا آهن. (الناس:٦)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو:

(١) ڪهڙي سورة ۾ اسان کي اسان جي اندر وارن وسوسن ۽ شر کان پناهہ گهرڻ جو طريقو سيکاريو ويو آهي؟
(الف) سورة الاخلاص (ب) سورة الفلق (ج) سورة الناس
(٢) ڪهڙي سورة ۾ اسان کي ٻاهران جي شر ۽ وسوسي کان پناهہ گهرڻ جو طريقو سيکاريو ويو آهي؟
(الف) سورت الاخلاص (ب) سورة الفلق (ج) سورة الناس
(٣) سورة الفلق ۾ الله پاڪ جي ڪهڙي صفت جو ذڪر آهي؟
(الف) ماڻهن جي پالڻهار جي (ب) ماڻهن جي بادشاهہ هئڻ جي (ج) صبح جي رب هئڻ جي
(٤) شيطان ڪير آهي؟
(الف) جن (ب) دشمن (ج) استاد
(٥) شيطان انسان جو ڇا آهي؟
(الف) دوست (ب) دشمن (ج) استاد

سوال:٢. هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(١) انهن ٻنهي سورتن ڪي نبي ڪريم ﷺ جن ڪهڙو نالو ڏنو آهي؟

(٢) سورة الفلق ۾ ڪهڙين شين جي پناهه گهري ويئي آهي؟

(٣) سورة الناس ۾ ڪهڙين شين کان پناهه گهري ويئي آهي؟

(٤) حسد ڇا کي چئبو آهي؟

(٥) خناس مان ڇا مراد آهي؟

(٦) شيطان ڪيئن تيڙيندو آهي؟

(٧) شيطان جا دوست ڪير هوندا آهن؟

(٨) ڳنڍين تي جهاڙ/ڦوڪ ڪرڻ مان ڇا مراد آهي؟

(٩) وسوسو ڇا کي چئبو آهي؟

(١٠) شيطان جي حملي کان ڪيئن بچجي؟

(١١) عزازيل شيطان ڪيئن بڻيو؟

## گهرو ڪم

(١) هنن سورتن کي ترجمي سان ياد ڪري پنهنجي گهر وارن کي ٻڌايو
(٢) پنهنجي گهر وارن کان حسد بابت ڪي ٻه ٽي ڳالهيون پڇي ڪري ڪلاس ۾ ٻڌايو
(٣) پنهنجي گهر وارن جي مدد سان سورة الفيل کان سورة الناس ۾ ايندڙ نالن کي هيٺ ڏنل ڪالمن ۾ ورهايو:

| سورة جو نالو | الله پاڪ جو نالو | شين جا نالا | مندن جا نالا | شخصيتن جا نالا | جانورن جا نالا |
|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | |
| | | | | | |
| | | | | | |
| | | | | | |
| | | | | | |

استاد جي صحيح: ______________ والدين/سرپرست جي صحيح: ______________

# اهم نقطا

# ڏکين لفظن جي معنيٰ

| سورة الفاتحہ | | | |
|---|---|---|---|
| نمبر | لفظ | معني | حوالو |
| ١ | افتتاح | کولڻ، ظاهر ڪرڻ | صفحو نمبر ٦، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٢ |
| ٢ | الصلوٰة | نماز | صفحو نمبر ٦، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٣ |
| ٣ | المناجات | دعا، عرض، عاجزي ۽ التجا واري دعا | صفحو نمبر ٦، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٣ |
| ٤ | ٻانهو | ٻندو، غلام، ٻانهپ ڪندڙ ٻندگي ڪندڙ | صفحو نمبر ٦، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٤ |
| ٥ | ساراهه | تعريف، واکاڻ | صفحو نمبر ٦، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٤ |
| ٦ | ٻندگي | عبادت، پوڄا، ٻانهپ | صفحو نمبر ٦، آيت نمبر ١ |
| ٧ | اظهار | ظاهر ڪرڻ، بيان ڪرڻ | صفحو نمبر ٦، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٤ |
| ٨ | هدايت | رهنمائي، نصيحت، رهبري | صفحو نمبر ٦، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٤ |
| ٩ | حقدار | جنهن جو حق هجي | صفحو نمبر ٦، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٥ |
| ١٠ | محسن | احسان ڪندڙ | صفحو نمبر ٨، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ١ |
| ١١ | مخلوق | انسان ۽ ٻيا جاندار | صفحو نمبر ٨، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ١ |
| ١٢ | مهربان | رحم ڪندڙ | صفحو نمبر ٨، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ٢ |
| ١٣ | واٽ | رستو طريقو | صفحو نمبر ٨، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ٣ |
| ١٤ | محتاج | نادار غريب | صفحو نمبر ٨، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ٧ |
| ١٥ | ناراض | اڻ راضي | صفحو نمبر ٨، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ٧ |
| ١٦ | گمراهه | رستي کان هٽيل، ڀٽڪيل | صفحو نمبر ٨، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ٩ |
| ١٧ | حمد | تعريف، ثنا | صفحو نمبر ٨، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ١٠ |

| حضرت آدم عليه السلام جو قصو | | | |
|---|---|---|---|
| نمبر | لفظ | معني | حوالا |
| ١ | قصو | ڳالهه، ڪٿا، بيان | صفحو نمبر ١٠، حضرت آدم عليه السلام جو قصو |
| ٢ | ذِڪر | بيان، تذڪرو ڳالهه | صفحو نمبر ١٠، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٢ |
| ٣ | فساد | فتنو جهيڙو ڏنگو خرابي | صفحو نمبر ١٠، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٢ |
| ٤ | فرشتا | ملائڪ | صفحو نمبر ١٠، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٣ |
| ٥ | علم | ڄاڻ، معلومات | صفحو نمبر ٢٠، سوال نمبر ٣-(١) |
| ٦ | لحاظ | ادب، حيا، مروت، رعايت | صفحو نمبر ١٠، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٦ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٧ | فضيلت | بزرگي، برتري، سلڇڻائي، اخلاق | صفحو نمبر ١٠، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٦ |
| ٨ | روح | ساهه، جان | صفحو نمبر ١٠، پيراگراف نمبر ٢، سِٽ نمبر ١ |
| ٩ | سجدو | زمين تي مٿو ٽيڪڻ واري حالت | صفحو نمبر ١٠، پيراگراف نمبر ٢، سِٽ نمبر ٢ |
| ١٠ | شيطان | ابليس، تڙيل، فسادي، سرڪش، نافرمان | صفحو نمبر ١٠، پيراگراف نمبر ٢، سِٽ نمبر ٢ |
| ١١ | جِن | هڪ مخلوق جيڪا نظر ناهي ايندي، ڀوت | صفحو نمبر ١٠، پيراگراف نمبر ٢، سِٽ نمبر ٢ |
| ١٢ | حسد | ساڙ، ڪينو بغض | صفحو نمبر ١٠، پيراگراف نمبر ٢، سِٽ نمبر٤ |
| ١٣ | تڪبر | وڏائي، غرور، آڪڙ | صفحو نمبر ١٠، پيراگراف نمبر ٢، سِٽ نمبر٣ |
| ١٤ | مهلت | وقفو، موقعو | صفحو نمبر ١٠، پيراگراف نمبر ٢، سِٽ نمبر ٦ |
| ١٥ | صالح | نيڪ، چڱو | صفحو نمبر ١٠، پيراگراف نمبر ٢، سِٽ نمبر ٧ |
| ١٦ | جنت | باغ، بهشت | صفحو نمبر ١٠، پيراگراف نمبر ٣، سِٽ نمبر ١ |
| ١٧ | وسوسو | وهم، خيال | صفحو نمبر ١٠، پيراگراف نمبر ٣، سِٽ نمبر ٣ |
| ١٨ | ڦل | ميوو، ثمر | صفحو نمبر ١٠، پيراگراف نمبر ٣، سِٽ نمبر ٣ |
| ١٩ | خاطري | يقين، ڀروسو پڪ | صفحو نمبر ١٠، پيراگراف نمبر ٣، سِٽ نمبر ٥ |
| ٢٠ | ڏٽو | آسرو | صفحو نمبر ١٠، پيراگراف نمبر ٣، سِٽ نمبر ٥ |
| ٢١ | پوشاڪ | لباس | صفحو نمبر ١٠، پيراگراف نمبر ٣، سِٽ نمبر ٦ |
| ٢٢ | خطا | غلطي، سَهو | صفحو نمبر ١٠، پيراگراف نمبر ٤، سِٽ نمبر ١ |
| ٢٣ | احساس | شعوري ڪيفيت | صفحو نمبر ١٠، پيراگراف نمبر ٤، سِٽ نمبر ١ |
| ٢٤ | ياڏائڻ | ياد ڪرڻ، ڳڙ ڳڙائڻ | صفحو نمبر ١٠، پيراگراف نمبر ٤، سِٽ نمبر ٢ |
| ٢٥ | خسارو | ليلائڻ، نقصان | صفحو نمبر ١٠، پيراگراف نمبر ٤، سِٽ نمبر ٣ |
| ٢٦ | هوشيار | خبردار، چالاڪ، عقلمند | صفحو نمبر ١٠، پيراگراف نمبر ٤، سِٽ نمبر ٥ |
| ٢٧ | دشمن | سڄاڳ ويري، مخالف، بدخواهه | صفحو نمبر ١٠، پيراگراف نمبر ٤، سِٽ نمبر ٥ |
| ٢٨ | پناهه | امان، حفاظت، بچاءُ، ڍَڪُ، ڇپر ڇانءَ | صفحو نمبر ١٠، پيراگراف نمبر ٤، سِٽ نمبر ٦ |
| ٢٩ | ڊپ ڊاءُ | خوف، ڀؤ ڊچ | صفحو نمبر ١٠، پيراگراف نمبر ٤، سِٽ نمبر ٦ |
| ٣٠ | معاذ الله | خدا جي پناهه، خدا بچائي | صفحو نمبر ١٠، پيراگراف نمبر ٥، سِٽ نمبر ١ |
| ٣١ | تعوذ | اعوذ بالله چوڻ | صفحو نمبر ١٠، پيراگراف نمبر ٥، سِٽ نمبر ١ |
| ٣٢ | توبهه | پڇتاءُ، افسوس، خراب ڪمن کان پري رهڻ جو انجام | صفحو نمبر ١٠، پيراگراف نمبر ٥، سِٽ نمبر ٢ |
| ٣٣ | نافرماني | چيو نہ مڃڻ | صفحو نمبر ١٠، پيراگراف نمبر ٥، سِٽ نمبر ٢ |
| ٣٤ | فرمانبرداري | چئي ۾ هجڻ، صالح | صفحو نمبر ١٠، اسان ڇا سمجهيو نمبر ١ |
| ٣٥ | انعام | اجر، عيوضو بدلو | صفحو نمبر ١٠، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ٢ |
| ٣٦ | حياء | لڄ، لحاظ، غيرت | صفحو نمبر ١٠، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ٤ |
| ٣٧ | فطرت | قدرت، مزاج، طبعيت | صفحو نمبر ١٠، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ٤ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٣٨ | مايوس | نااميد، نراس، نامراد، ويڳاڻو | صفحو نمبر ١٠، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ٥ |
| ٣٩ | ذريعو | وسيلو | صفحو نمبر ١٠، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ٩ |
| ٤٠ | ابليس | شيطان | صفحو نمبر ١٠، آيت نمبر ١١ |
| ٤١ | صراط مستقيم | سڌي واٽ، سڌو رستو | صفحو نمبر ١٠، آيت نمبر ٥٦ |

## حضرت نوح ﷤ جو قصو

| نمبر | لفظ | معنيٰ | حوالا |
|---|---|---|---|
| ١ | نيڪ | چڱو، سٺو، صالح، ڀلو | صفحو نمبر ٢٢، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ١ |
| ٢ | بزرگ | وڏو، وڏيءَ عمر وارو، معزز، ولي، ڏاهو | صفحو نمبر ٢٢، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ١ |
| ٣ | ڏکارا | ڏکايل، غمگين، تڪليف ۾ | صفحو نمبر ٢٢، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٢ |
| ٤ | بُت | مورتيون، مجسما | صفحو نمبر ٢٢، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٤ |
| ٥ | هوريان هوريان | آهستي آهستي | صفحو نمبر ٢٢، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٦ |
| ٦ | قدرت | طاقت، زور، قوت، فطرت | صفحو نمبر ٢٢، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٧ |
| ٧ | اختيار | قابو، پسند ڪرڻ، اجازت | صفحو نمبر ٢٢، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٧ |
| ٨ | پوڄا | بندگي، عبادت | صفحو نمبر ٢٢، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٨ |
| ٩ | مشڪلاتون | ڏکائيون، تڪليفون، اهنج | صفحو نمبر ٢٢، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٨ |
| ١٠ | حل | ڏکئي ڪم کي سؤلو ڪرڻ، کولڻ، سلجهائڻ | صفحو نمبر ٢٢، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٩ |
| ١١ | شرڪ | خدا سان گڏ ڪنهن ٻئي کي شريڪ سمجهڻ، ڪفر، بت پرستي | صفحو نمبر ٢٢، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٩ |
| ١٢ | رسول | الله پاران موڪليل پيغمبر جيڪو ڪتاب الهي به آڻي، موڪليل هادي | صفحو نمبر ٢٢، پيراگراف نمبر ٢، سِٽ نمبر ١ |
| ١٣ | نبي | خبر آڻيندڙ پيغمبر | صفحو نمبر ٢٢، پيراگراف نمبر ٢، سِٽ نمبر ١ |
| ١٤ | شريعت | مذهبي قانون، طريقو | صفحو نمبر ٢٢، پيراگراف نمبر ٢، سِٽ نمبر ٢ |
| ١٥ | حڪم احڪام | ارشاد، هدايت، شرعي فيصلا، فتوي | صفحو نمبر ٢٢، پيراگراف نمبر ٢، سِٽ نمبر ٢ |
| ١٦ | پيروي | تقليد، فرمانبرداري، اطاعت، قدم به قدم هلڻ، ڪنهن جي پويان هلڻ | صفحو نمبر ٢٢، پيراگراف نمبر ٢، سِٽ نمبر ٣ |
| ١٧ | دعوت | سڏ، مذهب ڏانهن سڏڻ | صفحو نمبر ٢٢، پيراگراف نمبر ٢، سِٽ نمبر ٥ |
| ١٨ | الڳ الڳ | جدا جدا | صفحو نمبر ٢٢، پيراگراف نمبر ٢، سِٽ نمبر ٦ |
| ١٩ | طرح طرح | قسمين قسمين، مختلف | صفحو نمبر ٢٢، پيراگراف نمبر ٢، سِٽ نمبر ٧ |
| ٢٠ | مذاق | مسخري | صفحو نمبر ٢٢، پيراگراف نمبر ٢، سِٽ نمبر ٨ |
| ٢١ | ايمان | مڃڻ، عقيدو، يقين، مذهب | صفحو نمبر ٢٢، پيراگراف نمبر ٣، سِٽ نمبر ١ |
| ٢٢ | عذاب | سزا، تڪليف، مصيبت، اذيت | صفحو نمبر ٢٢، پيراگراف نمبر ٣، سِٽ نمبر ٤ |
| ٢٣ | پڪارڻ | سڏڻ، طلبڻ، گهرائڻ | صفحو نمبر ٢٢، پيراگراف نمبر ٣، سِٽ نمبر ٥ |
| ٢٤ | نسل | پيڙهي | صفحو نمبر ٢٢، پيراگراف نمبر ٥، سِٽ نمبر ٣ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٢٥ | ميخون | ڪوڪا، ڪليون | صفحو نمبر٢٢، پيراگراف نمبر ۴، سِٽ نمبر ٢ |
| ٢٦ | ٺوڪ ٺٺول | طنز، مسخري | صفحو نمبر٢٢، پيراگراف نمبر ۴، سِٽ نمبر ٢ |
| ٢٧ | موجون | لهرون، ويرون | صفحو نمبر٢٢، پيراگراف نمبر ۴، سِٽ نمبر ۵ |
| ٢٨ | شڪر ادا ڪرڻ | احسان مڃڻ، ٿورا مڃڻ | صفحو نمبر٢٣، پيراگراف نمبر ۴، سِٽ نمبر ٢ |
| ٢٩ | حياتي | جيون، زندگي | صفحو نمبر٢٣، پيراگراف نمبر ۵، سِٽ نمبر ٢ |
| ٣٠ | آدم ثاني | حضرت نوح عليه السلام جو لقب | صفحو نمبر٢٣، پيراگراف نمبر ۵، سِٽ نمبر ۴ |
| ٣١ | بت پرستي | مورتين کي پوڄڻ | صفحو نمبر۴٠، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ٢ |
| ٣٢ | اصلاح | سڌارو، درستگي | صفحو نمبر۴٠، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ٣ |
| ٣٣ | برداشت | سهپ | صفحو نمبر۴٠، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ۵ |
| ٣۴ | مسڪين | غريب، نادار | صفحو نمبر۴٠، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ٦ |
| ٣۵ | لاڳاپا | واسطا، تعلقات | صفحو نمبر۴٠، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ٨ |
| ٣٦ | انجام | نتيجو پڇاڙي، عاقبت، پڇاڙي | صفحو نمبر۴٠، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ٩ |
| ٣٧ | سبق | نصيحت، درس | صفحو نمبر۴٠، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ٩ |
| ٣٨ | معجزو | اهو ڪم جيڪو انساني طاقت کان ٻاهر هجي، اهو ناممڪن ڪم جيڪو نبي عليه السلام کان ظاهر ٿئي | صفحو نمبر۴٠، سوال نمبر ٢ |

## حضرت هود عليه السلام جو قصو

| نمبر | لفظ | معنيٰ | حوالا |
|---|---|---|---|
| ١ | ابتدا | شروعات، مهڙ، مُنڍ | صفحو نمبر۴۴، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٢ |
| ٢ | ٽِبون | ڍڳا | صفحو نمبر۴۴، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٢ |
| ٣ | احقاف | ٽِبون، ڍڳا | صفحو نمبر۴۴، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٣ |
| ۴ | سگهارا | طاقتور، مضبوط | صفحو نمبر۴۴، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٣ |
| ۵ | ججهو | گهڻو ڪوڙ سارو | صفحو نمبر۴۴، پيراگراف نمبر ٢، سِٽ نمبر ١ |
| ٦ | ارم | جنت، بهشت | صفحو نمبر۴۴، پيراگراف نمبر ٢، سِٽ نمبر ١ |
| ٧ | مبتلا | ڦاٿل، اٽڪيل | صفحو نمبر۴۴، پيراگراف نمبر ٢، سِٽ نمبر ٣ |
| ٨ | سردار | اڳواڻ، رهبر، رهنما | صفحو نمبر۴۴، پيراگراف نمبر ٣، سِٽ نمبر ٣ |
| ٩ | اياڻا | نادان، سادا، احمق، بيوقوف | صفحو نمبر۴۴، پيراگراف نمبر ٣، سِٽ نمبر ٣ |
| ١٠ | جَهڪ | تيز هوا، طوفان | صفحو نمبر۴۴، پيراگراف نمبر ۴، سِٽ نمبر ۴ |
| ١١ | ڪڙڪڻ | ڪرڻ، مٿان اچي پوڻ | صفحو نمبر۴۴، پيراگراف نمبر ۴، سِٽ نمبر ۵ |
| ١٢ | خطرناڪ | ڊپائتو خوفناڪ، ڀؤ ڏياريندڙ | صفحو نمبر۴۴، پيراگراف نمبر ۴، سِٽ نمبر ٧ |
| ١٣ | آخرت | قيامت، عاقبت، ٻيو جهان، پڇاڙي | صفحو نمبر۴۴، پيراگراف نمبر ۴، سِٽ نمبر ٩ |
| ١۴ | انت | پڇاڙي (دنيا جي) نتيجو انجام | صفحو نمبر۴۴، پيراگراف نمبر ۵، سِٽ نمبر ٢ |
| ١۵ | افسوس | ارمان،پڇتاءُ | صفحو نمبر۴۴، پيراگراف نمبر ۵، سِٽ نمبر ٢ |
| ١٦ | نعمت | خدا طرفان مليل عطا، بخشش، دولت، لذيذ شيءِ | صفحو نمبر۵٨، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ١٠ |

## حضرت صالح عليه السلام جو قصو

| نمبر | لفظ | معنيٰ | حوالي |
|---|---|---|---|
| ١ | صلاحيت | طاقت، هوشيار پ | صفحو نمبر ٦٢، پيراگراف نمبر ٢، سِٽ نمبر ١ |
| ٢ | شاندار | ڏاهوڪو اوچو اعليٰ، عظيم، وڏي شان وارو | صفحو نمبر ٦٢، پيراگراف نمبر ٢، سِٽ نمبر ٢ |
| ٣ | محل | قصر، حويلي، جاءِ ماڳ | صفحو نمبر ٦٢، پيراگراف نمبر ٢، سِٽ نمبر ٢ |
| ٤ | چشمو | پاڻيءَ جو جهرڻو | صفحو نمبر ٦٢، پيراگراف نمبر ٢، سِٽ نمبر ٢ |
| ٥ | واٽ | دڳ، رستو | صفحو نمبر ٦٢، پيراگراف نمبر ٣، سِٽ نمبر ٢ |
| ٦ | بگڙيل | خراب ٿيل | صفحو نمبر ٦٢، پيراگراف نمبر ٣، سِٽ نمبر ٣ |
| ٧ | مطالبو | گهر، گهرج | صفحو نمبر ٦٢، پيراگراف نمبر ٤، سِٽ نمبر ١ |
| ٨ | تڪليف | ايذاءُ، اهنج | صفحو نمبر ٦٢، پيراگراف نمبر ٤، سِٽ نمبر ٣ |
| ٩ | رسائڻ | پهچائڻ، ڏيڻ | صفحو نمبر ١٠٤، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ٢ |
| ١٠ | ڍور | جانور، چوپايا | صفحو نمبر ٦٢، پيراگراف نمبر ٥، سِٽ نمبر ١ |
| ١١ | کنڊر | ويران جاءِ، تباهه ٿيل، قتل | صفحو نمبر ٦٢، پيراگراف نمبر ٦، سِٽ نمبر ٢ |
| ١٢ | قتل | تباهه ٿيل | صفحو نمبر ٦٢، پيراگراف نمبر ٦، سِٽ نمبر ٣ |
| ١٣ | ماڳ مڪان | جاءِ هنڌ | صفحو نمبر ٦٢، پيراگراف نمبر ٦، سِٽ نمبر ٣ |
| ١٤ | عبرت | حيرت | صفحو نمبر ٦٢، پيراگراف نمبر ٦، سِٽ نمبر ٤ |
| ١٥ | اهڃاڻ | آثار، نشان | صفحو نمبر ٦٢، پيراگراف نمبر ٦، سِٽ نمبر ٣ |
| ١٦ | پناهه | امان | صفحو نمبر ٦٢، پيراگراف نمبر ٦، سِٽ نمبر ٤ |
| ١٧ | ارمان | افسوس، پڇتاءُ | صفحو نمبر ٦٢، پيراگراف نمبر ٦، سِٽ نمبر ٥ |
| ١٨ | خير | ڀلائي، چڱائي | صفحو نمبر ٦٢، پيراگراف نمبر ٧، سِٽ نمبر ١ |
| ١٩ | ممڪن | ٿي سگهندڙ جيڪو ٿي سگهي | صفحو نمبر ٧٦، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ٥ |
| ٢٠ | وَس | طاقت | صفحو نمبر ٧٦، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ٥ |
| ٢١ | نجات | ڇوٽڪارو | صفحو نمبر ٧٦، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ١٠ |

## حضرت لوط عليه السلام جو قصو

| نمبر | لفظ | معنيٰ | حوالا |
|---|---|---|---|
| ١ | هجرت | وطن کي هميشه لاءِ ڇڏي ڏيڻ | صفحو نمبر ٨٠، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ١ |
| ٢ | تڙڻ | لوڏڻ، ڌڪارڻ | صفحو نمبر ٨٠، پيراگراف نمبر ٢، سِٽ نمبر ٢ |
| ٣ | وستي | بستي، ڳوٺ، واهڻ | صفحو نمبر ٨٠، پيراگراف نمبر ٢، سِٽ نمبر ٢ |
| ٤ | ڏنگايون | خرابيون | صفحو نمبر ٨٠، پيراگراف نمبر ٣، سِٽ نمبر ١ |
| ٥ | بدنام | خراب، رسوا، خراب شهرت رکندڙ | صفحو نمبر ٨٠، پيراگراف نمبر ٣، سِٽ نمبر ٤ |
| ٦ | لڄ | حياءُ، شرم | صفحو نمبر ٨٠، پيراگراف نمبر ٣، سِٽ نمبر ٦ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٧ | نصيحت | هدايت، سبق | صفحو نمبر٨٠، پيراگراف نمبر ۴، سِٽ نمبر ٧ |
| ٨ | آٿت | دلاسو آسرو | صفحو نمبر٨٠، پيراگراف نمبر ۴، سِٽ نمبر ١ |
| ٩ | اجڙيل | ويران، تباهه | صفحو نمبر٨٠، پيراگراف نمبر ۴، سِٽ نمبر ٧ |
| ١٠ | ويران | اجڙيل برباد | صفحو نمبر٨٠، پيراگراف نمبر ۴، سِٽ نمبر ٧ |
| ١١ | بي حيائي | بدڪاري | صفحو نمبر٨١، آيت نمبر ٨٠ |
| ١٢ | تعلق | واسطو لاڳاپو | صفحو نمبر٨٨، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ۵ |
| ١٣ | مهمان نوازي | مهمان جي خدمت چاڪري ڪرڻ | صفحو نمبر٨٨، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ٧ |
| ١۴ | نفرت | ڌڪار بيزاري | صفحو نمبر٨٦، آيت نمبر ١٦٨ |

## حضرت شعيب ﷤ جو قصو

| نمبر | لفظ | معنيٰ | حوالا |
|---|---|---|---|
| ١ | انيڪ | بيشمار اڻ ڳڻيا، تمام گهڻا | صفحو نمبر٩١، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ١ |
| ٢ | نعمتون | عطائون | صفحو نمبر٩١، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ١ |
| ٣ | ڇهچ | گهاتا | صفحو نمبر٩١، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٢ |
| ۴ | اصحاب الايڪ | ايڪ وارا (جهنگل وارا) | صفحو نمبر٩١، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٣ |
| ۵ | وڻج واپار | تجارت | صفحو نمبر٩١، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٣ |
| ٦ | ڪوٽ | نقصان، خسارو ٽوٽ | صفحو نمبر٩١، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ۵ |
| ٧ | لٽ ڦر | ڪسڻ، هٿ ڪس | صفحو نمبر٩١، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٦ |
| ٨ | موتمار | مارينڌڙ موت ڏيندڙ | صفحو نمبر٩١، پيراگراف نمبر ٢، سِٽ نمبر ٧ |
| ٩ | قبيلو | گهراڻو ٽولو گروهه | صفحو نمبر١٠۵، سوال نمبر ٢ ۾ جملا آهن انهن ۾ نمبر ۵ |
| ١٠ | پٽڪيل | گمراهه ٿيل | صفحو نمبر٩١، پيراگراف نمبر ٣، سِٽ نمبر ١ |
| ١١ | سرسبز | سائو ساوڪ ئي ساوڪ | صفحو نمبر٩١، پيراگراف نمبر ٣، سِٽ نمبر ٣ |
| ١٢ | ڏيک | منظر نظارو | صفحو نمبر٩١، پيراگراف نمبر ٣، سِٽ نمبر ۴ |
| ١٣ | دين | مذهب، مسلڪ، ڌرم | صفحو نمبر١٠۴، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ۴ |
| ١۴ | ڏِنگ | خرابي، عيب | صفحو نمبر١٠۴، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ۴ |
| ١۵ | پريشان | حيران، وڪريل، منتشر، مضطرب | صفحو نمبر١٠۴، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ٦ |

## هاٿين وارن جو قصو

| نمبر | لفظ | معنيٰ | حوالي |
|---|---|---|---|
| ١ | جوڙيو | ٺاهيو ناهيو | صفحو نمبر١٠٨، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ١ |
| ٢ | پيدائش | پيدا ٿيڻ | صفحو نمبر١٠٨، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٣ |
| ٣ | اڏايو | جوڙيو ناهيو | صفحو نمبر١٠٨، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ۴ |
| ۴ | ناپسند | اڻ وڻندڙ | صفحو نمبر١٠٨، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ۵ |
| ۵ | گرجا گهر | عيسائين جي عبادت ڪرڻ جي جاءِ | صفحو نمبر١٠٨، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ۴ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٦ | ٺلها متارا | سگهارا، طاقتور | صفحو نمبر ١٠٨، پيراگراف نمبر ٢، سِٽ نمبر ١ |
| ٧ | برباد | تباهہ، ختم ٿيل | صفحو نمبر ١٠٨، پيراگراف نمبر ٢، سِٽ نمبر ٥ |
| ٨ | متاثر | اثر قبول ڪندڙ اثر وٺندڙ | صفحو نمبر ١٠٨، پيراگراف نمبر ٣، سِٽ نمبر ٢ |
| ٩ | باوقار | مانائتو عزت پريو | صفحو نمبر ١٠٨، پيراگراف نمبر ٣، سِٽ نمبر ٢ |
| ١٠ | وراڻيو | جواب ڏنو چيو | صفحو نمبر ١٠٨، پيراگراف نمبر ٣، سِٽ نمبر ٥ |
| ١١ | آس پاس | چوڌاري | صفحو نمبر ١٠٨، پيراگراف نمبر ٣، سِٽ نمبر ١٠ |
| ١٢ | وادي | ماٿري، جابلو لڪ، درياهہ يا واهہ جي سيلابي پاڻيءَ جو گذر گاهہ | صفحو نمبر ١٠٨، پيراگراف نمبر ۴، سِٽ نمبر ٢ |
| ١٣ | رخ | طرف، منهن، پاسو | صفحو نمبر ١٠٨، پيراگراف نمبر ۴، سِٽ نمبر ٣ |
| ١۴ | ولر | پکين جو ميڙ، ٽولو وڳر، جٿو | صفحو نمبر ١٠٨، پيراگراف نمبر ۴، سِٽ نمبر ۴ |
| ١٥ | اولڙ گاهہ | اهو گاهہ جو چوپائي مال ڪائي بچايو هجي* | صفحو نمبر ١٠٨، پيراگراف نمبر ۴، سِٽ نمبر ٦ |
| ١٦ | پاڄ | ٽاڪوڙ پچ ڏڪ، پڇڻ جو انداز | صفحو نمبر ١٠٨، پيراگراف نمبر ۴، سِٽ نمبر ٧ |

## سورة الفيل

| نمبر | لفظ | معني | حوالا |
|---|---|---|---|
| ١ | سبب | ڪارڻ، وجهہ، وسيلو | صفحو نمبر ١٠٩، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ١ |
| ٢ | حملو | هُلان، ڪاهہ، ڌڪ | صفحو نمبر ١٠٩، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ۴ |
| ٣ | پيش اچڻ | آڏو اچڻ، سامهون ٿيڻ | صفحو نمبر ١٠٩، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٥ |
| ۴ | پتڪڻ | نديڙڻ | صفحو نمبر ١٠٩، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٦ |
| ٥ | احترام | عزت، مان مرتبو | صفحو نمبر ١١٠، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ٢ |
| ٦ | پروسو | يقين | صفحو نمبر ١١٠، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ۴ |
| ٧ | خلاف | ابتڙ مخالف | صفحو نمبر ١١٠، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ٨ |
| ٨ | سازشون | بغاوتون ڪنهن جي مخالفت لاءِ گڏيل اتفاق منصوبا، سٽون سٽڻ | صفحو نمبر ١١٠، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ٨ |

## سوره قريش

| نمبر | لفظ | معني | حوالا |
|---|---|---|---|
| ١ | احسان | نيڪي، سهڻو سلوڪ، ڀلائي، ڀاڄهہ، مهرباني، شڪر | صفحو نمبر ١١٢، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ١ |
| ٢ | قرلٿ | قرڻ، هٿ ڪس | صفحو نمبر ١١٢، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٣ |
| ٣ | عظيم | عظمت وارو وڏو مٿاهون، اوچو | صفحو نمبر ١١٢، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٥ |
| ۴ | فضل | گهڻائي، مهرباني، عنايت، رحمت، ڀاڄهہ | صفحو نمبر ١١۴، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ۴ |

* اوٻارو گاهہ، ڪن ڪچرو، گاڏڙساڏڙ

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٥ | سونهون | واقف، ڄاڻو | صفحو نمبر ١١٤، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ٣ |
| ٦ | رازق | رزق ڏيندڙ روزي عطا ڪندڙ پالڻهار خدا تعاليٰ جو صفاتي نالو | صفحو نمبر ١١٤، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ٨ |

## سورة الماعون

| نمبر | لفظ | معنيٰ | حوالا |
|---|---|---|---|
| ١ | يتيم | جنهن جا ماءُ پيءُ مري ويا هجن، ڇورو ڇنو* | صفحو نمبر ١١٦، آيت نمبر ٢ |
| ٢ | ڌيان | توجهه | صفحو نمبر ١١٦، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٣ |
| ٣ | غافل | بي پرواهه، بي خبر، غفلت ڪندڙ | صفحو نمبر ١١٦، آيت نمبر ٥ |
| ٤ | ڏيکاءُ | رياءُ | صفحو نمبر ١١٦، آيت نمبر ٦ |
| ٥ | واهپو | استعمال | صفحو نمبر ١١٦، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٥ |
| ٦ | رضامند | راضي، خوش، منظور ڪندڙ | صفحو نمبر ١١٨، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ١ |
| ٧ | هيڻو | ڪمزور، ڏبرو ضعيف | صفحو نمبر ١١٨، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ٤ |
| ٨ | سلوڪ | رويو | صفحو نمبر ١١٨، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ٥ |
| ٩ | ضائع | زيان، بي فائدو لاحاصل، تباهه | صفحو نمبر ١١٨، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ٨ |
| ١٠ | معمولي | رسمي، خسيس، مروج | صفحو نمبر ١١٨، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ١٠ |
| ١١ | ماعون | معمولي استعمال جون شيون | صفحو نمبر ١١٨، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ٧ |

## سورة الڪوثر

| نمبر | لفظ | معنيٰ | حوالا |
|---|---|---|---|
| ١ | وصال | وفات | صفحو نمبر ١٢٠، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ١ |
| ٢ | طعنو | مهڻو ڇڙ | صفحو نمبر ١٢٠، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ١ |
| ٣ | قربت | ويجهڙائي، ويجهائي | صفحو نمبر ١٢٠، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٤ |
| ٤ | قرباني | ايثار صدقو | صفحو نمبر ١٢٠، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٤ |
| ٥ | پسنديده | وڻندڙ | صفحو نمبر ١٢١، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ١ |
| ٦ | ڪوثر | جنت جي هڪ حوض (تلاءُ) جو نالو جيڪو الله تعاليٰ نبي ڪريم ﷺ جن کي خاص طور عنايت ڪيو آهي، وڏي پلائي دولت، نعمت | صفحو نمبر ١٢٠، آيت نمبر ١ |

## سورة الڪافرون

| نمبر | لفظ | معنيٰ | حوالا |
|---|---|---|---|
| ١ | ڏاڍ | زور زبردستي، ظلم، جبر | صفحو نمبر ١٢٤، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ١ |
| ٢ | ڌهڪاءُ | خوف، ڊپ، ڀؤ ڊڄ | صفحو نمبر ١٢٤، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٢ |

* نهايت قيمتي جواهر، وڏو موتي

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٣ | ٺاهه ڪرڻ | صلح ڪرڻ، معاهدو ڪرڻ، ٺهي وڃڻ | صفحو نمبر١٢٤، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٢ |
| ٤ | ڪفر | خدا کي نه مڃڻ واري حالت، انڪار، بي ديني | صفحو نمبر١٢٤، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٣ |
| ٥ | اعلان | پڌرائي | صفحو نمبر١٢٤، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٦ |
| ٦ | ڌرم | دين، مذهب، مسلڪ، واٽ، طريقو | صفحو نمبر١٢٤، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٩ |
| ٧ | معبود | جنهن جي بندگي يا عبادت ڪئي وڃي | صفحو نمبر١٢٦، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ٥ |
| ٨ | ڪافر | انڪاري، بي دين | صفحو نمبر١٢٦، اسان ڇا سمجهيو نمبر ١ |

## سورة النصر

| نمبر | لفظ | معنيٰ | حوالا |
|---|---|---|---|
| ١ | مبارڪ | ڀلو، ڀلارو، سڀاڳو | صفحو نمبر١٢٨، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ١ |
| ٢ | فتح | سوڀ، ڪاميابي | صفحو نمبر١٢٨، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ١ |
| ٣ | مشن | منصوبو، مقصد، تبليغ | صفحو نمبر١٢٨، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٣ |
| ٤ | دنيا مان موڪلائڻ | گذاري وڃڻ، وفات | صفحو نمبر١٢٨، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٤ |
| ٥ | مغفرت | بخشش، ڇوٽڪارو، نجات | صفحو نمبر١٢٨، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٥ |
| ٦ | واکاڻ | وڏائي، ساراهه، تعريف | صفحو نمبر١٢٨، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٤ |
| ٧ | طلب | گهرج | صفحو نمبر١٢٨، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٥ |
| ٨ | غلبو | برتري، فتح، حملو | صفحو نمبر١٢٩، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر٥ |
| ٩ | ڪثرت | گهڻائي، ججهائي | صفحو نمبر١٢٩، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر٧ |
| ١٠ | تسبيح | ورجائي ورجائي ساڳيا لفظ چوڻ | صفحو نمبر١٢٩، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر٦ |
| ١١ | فخر | وڏائي، آڪڙ، ناز | صفحو نمبر١٢٩، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر٩ |
| ١٢ | بخشش | رحم، مدد، امداد، خيرات | صفحو نمبر١٢٩، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر٩ |

## سورة اللهب

| نمبر | لفظ | معنيٰ | حوالا |
|---|---|---|---|
| ١ | پڌري پٽِ | کلي عام، ظاهر ظهور، کليءَ طرح | صفحو نمبر١٣٢، اسان ڇا سمجهيو نمبر ٢ |
| ٢ | اي لوڪو! | اي انسانؤ اي ماڻهوؤ | صفحو نمبر١٣١، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٤ |
| ٣ | يقين | ڀروسو، ايمان، عقيدو | صفحو نمبر١٣١، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٥ |
| ٤ | ويساهه | يقين، ايمان | صفحو نمبر١٣١، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٦ |
| ٥ | ڪٺو ٿيڻ | گڏ ٿيڻ، گڏجڻ، اجتماع | صفحو نمبر١٣١، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٩ |
| ٦ | عذاب | سزا، تباهي | صفحو نمبر١٣١، پيراگراف نمبر ٢، سِٽ نمبر ٢ |

## سورة الاخلاص

| نمبر | لفظ | معنيٰ | حوالا |
|---|---|---|---|
| ١ | وارث | مري ويل جي ميراث جو جائز حقدار مڙس، حامي | صفحو نمبر١٣٤، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٣ |
| ٢ | وراثت | ميراث، ترڪو ورثو | صفحو نمبر١٣٤، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٣ |
| ٣ | ڪٽنب | خاندان | صفحو نمبر١٣٤، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ۴ |
| ۴ | توحيد | الله تعاليٰ کي هڪ ڪري سڏڻ، مڃڻ جو عقيدو وحدانيت، هڪجهڙائي | صفحو نمبر١٣٤، پيراگراف نمبر ٢، سِٽ نمبر ١ |
| ۵ | ڪوٺيو | سڏيو | صفحو نمبر١٣٤، پيراگراف نمبر ٢، سِٽ نمبر ٣ |
| ٦ | محتاج | مفلس، غريب، ضرورتمند | صفحو نمبر١٣٤، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ۴ |

## سورة الفلق ۽ سورة الناس

| نمبر | لفظ | معنيٰ | حوالا |
|---|---|---|---|
| ١ | معوذتين | پناهه گهرڻ واريون ٻه سورتون الفلق ۽ الناس | صفحو نمبر١٣٨، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ١ |
| ٢ | ٽوڻو ڦيڻو | جادو ڪرڻ | صفحو نمبر١٣٨، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ١ |
| ٣ | جنات | جمع جنان | صفحو نمبر١٣٨، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ١ |
| ۴ | حسد | ساڙ ڪينو بغض | صفحو نمبر١۴٠، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ٦ |
| ۵ | شر | فساد | صفحو نمبر١٣٨، پيراگراف نمبر ١، سِٽ نمبر ٢ |
| ٦ | چڱائي | ڀلائي، خير خواهي، نيڪي | صفحو نمبر١۴٠، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ٢ |
| ٧ | لڱائي، لڱائي | برائي، بدي، بدخواهي | صفحو نمبر١۴٠، علم ۽ عمل جون ڳالهيون نمبر ٢ |

# یادداشت

# يادداشت

# قرآن شريف جو مطالعو شاگردن ۽ شاگرديائڻين لاءِ جي مڪمل نصاب جي سيڪٽرو ۾ مڪمل ٽيڙ جي تفصيل

## حصو اول (مڪي سورتون) 5%

- سورة الفاتحہ
- حضرت آدم عليه السلام جو قصو
- حضرت نوح عليه السلام جو قصو
- حضرت هود عليه السلام جو قصو
- حضرت صالح عليه السلام جو قصو
- حضرت لوط عليه السلام جو قصو
- حضرت شعيب عليه السلام جو قصو
- سورة الفيل کان سورة الناس

## حصو ٻيو (مڪي سورتون) 9%

- حضرت ابراهيم عليه السلام جو قصو
- حضرت موسيٰ عليه السلام جو قصو
- سورة النبا کان سورة الهمزه

## حصو ٽيون (مڪي سورتون) 12%

- سوره يوسف
- سورة الزخرف کان سورة الجاثيہ
- سوره ق کان سورة الواقعہ
- سورة الملڪ کان سورة المرسلات

## حصو چوٿون (مڪي سورتون) 17%

- سوره مريم کان سورة الحج
- سورة الفرقان کان سورة السجده
- سوره سبا کان سوره ص
- سورة الاحقاف

## حصو پنجون (مڪي سورتون) 25%

- سورة الانعام ۽ سورة الاعراف
- سوره يونس کان سورة الڪهف
- سورة المومنون
- سورة الزمر کان سورة الشوريٰ

## حصو ڇهون (مدني سورتون) 15%

- سورة بقرة کان سورة آل عمران
- سورة الانفال ۽ سورة التوبه

## حصو ستون (مدني سورتون) 17%

- سورة النساءِ ۽ سورة المائده
- سورة النور ۽ سورة الاحزاب
- سوره محمد کان سورة الحجرات
- سورة الحديد کان سورة التحريم